# انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا



ڊاڪٽر محبت ٻرڙو

# انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا

(ٿوري ڄاڻ سڃاڻ)

ڊاڪٽر محبت برڙو

ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي رجسٽرڊ
قمبر

كتاب نمبر

**(1)**


## هڙئي حق ۽ واسطا 'اڪيڊمي' وٽ محفوظ



| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا |
| ليکڪ: | ڊاڪٽر محبت برڙو |
| موضوع: | مضمون، مقالا ۽ علمي خط |
| سهيڙيندڙ: | رياضت برڙو |
| پهريون ڇاپو: | اپريل 1998ع |
| تعداد: | هڪ هزار |
| ڇپرائيندڙ: | رياضت برڙو، جنرل سيڪريٽري |
| پاران: | ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قمبر |
| ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ: | منير ميمڻ ،علي حسن عباسي، جاويد ميمڻ |
| | ماسٽر ڪمپيوٽر ڪمپوزرس اصغر پلازه لاڙڪاڻو |
| مُلهه: | Rs.60-00 |



All rights are reserved for 'Academy'


**"Encyclopaedia Sindhica"**


(Reaserch papers and articles in Sindhi language)
Written by: Dr. Muhabbat Buriro
Published by: Dr.Muhabbat Academy, Regd., Kambar.
Book No. 01
First eddition: April 1998
Rs:


لکپڙهه لاءِ: ________


**رياضت برڙو**

جنرل سيڪريٽري

**ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي**

پوسٽ آفيس قمبر، ضلعو لاڙڪاڻو، پوسٽ ڪوڊ # 77210



پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ســتــاءُ

پيش لفظ........................................ 4

## ڀاڱو پهريون

انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا........................................ 5
انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا ـــ مواد سهيڙيو مهم
1. ذاتيون ۽ ڏيهون ........................................ 23
2. پسون، راڳ ساز، ڳهه، زيور، پرت جو نمونو ڪپڙو..... 28
3. وڻ، ٻوٽا، ڀاڄيون، گاهه، پرزا ۽ اوزار........................ 31
4. ليڪ ........................................ 34

## ڀاڱو ٻيو

ٻول ڳهاڙيتو........................................ 40
سنڌي ۾ سائنسي ۽ فني اصطلاحسازي........................ 69
ڊاڪٽر شمس الدين عرسائيءَ ڏانهن خط ........................ 99
ڊاڪٽر هدايت پريم ڏانهن خط ........................106

# انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا
# ٿوري ڄاڻ سڃاڻ

## انساني سمجهہ

ماڻهوءَ جو اوائلي استاد پورهيو آهي ۽ قدرت ماڻهوءَ سميت هر ساهواري جي ماءُ. اڻٿڪ پورهيي نہ رڳو ماڻهوءَ جي حياتيءَ کي سولو ڪيو پر سمجهہ بہ ڏني. انساني سمجهہ ئي آهي جيڪا ماڻهوءَ-جهڙي-ساهواري کي جانورن- جهڙي- زندگيءَ مان ڪڍي انساني سماج ۾ وٺي آئي. سمجهہ جا اهڃاڻ اڄ کان ١٠- لک ورهيہ اڳ تائين پڪ سان ۽ ڪاٿي موجب ٣٠- لک ورهيہ اڳ تائين ملن ٿا. اڄ کان ٥- هزار ورهيہ اڳ تائين وارا ماڻهوءَ- سمجهہ جا اهڃاڻ ماڻهن جي جوڙيل ۽ خلقيل پٿر جي اوزارن، ٽانوَن ۽ گهرن جي صورت ۾ ملن ٿا. سندن ڏاڪي بہ ڏاڪي وڌندڙ، سڌرندڙ، سلجندڙ ۽ نت نيون جوڙون جوڙيندڙ سمجهہ هر ڏينهن نسبتن سَولِي، سٺابي، سُکي ۽ سونهن ڀري ٿيندڙ حياتيءَ مان چٽيءَ طرح بَکي ٿي جنهن جو قصو ڏهاڙي سڌرندڙ ۽ سٺائو ٿيندڙ شڪاري اوزارن گهريلو واهپي جي شين، ٻني ٻاري ۽ پوکي راهيءَ جي زباني اڄ بہ "ٻڌي" ، ڏسي ۽ سمجهي سگهجي ٿو. هيءُ قصو ڏکن سورن، اهنجن اِيذائن، بردبارين ۽ دليرين، سُکن ۽ سٺابائين، ارڏاين ۽ اوچاين، سورهيائين ۽ سرويچاين جو رنگارنگ ٽپرس ۾ وجهندڙ ڪيڏارو يا جنگ نامو آهي.

## ٻولي

انساني سمجهہ جي اظهار جو ٻيو روپ، سوچن جو "ذاتوئي" خول، ٻولي آهي. ڪروڙين قسمن جا ساهوارا ڪوبہ واڪو (آواز يا لفظ) اچاري نہ ٿا سگهن، اهي رڳو رنگن ۽ ڳنڌن ("سڱنڌن" ۽ "ڪُڱنڌن") جي "ٻولي" سمجهن ٿا. ڳاهہ، ٻوٽا ۽ وڻ، لکين قسمن جا جيت ۽ ٻن ڄڻن کان سواءِ باقي سڀ قسم جون مڇيون ڪوبہ واڪو (آواز، لفظ) ڪونہ ٿيون ڪڍن ۽ خاص طرح وڻ ٽڻ ۽ جيت جڻيا رڳو رنگ ۽ ڳنڌ وسيلي ئي فطري لڳ لاڳاپي، پيار پنهنجائپ ۽ "سمجهہ" جو اظهار ڪن ٿا. واڪيندڙ ساهوارن ۾ ڪجهہ ٽورن کان سواءِ باقي سڀ ٽن ڄڻن قسمن جي واڪي وسيلي ئي پنهنجي "سمجهہ" ظاهر ڪن ٿا_ تڏ کان تتَرَ تائين، ڏيڏر کان ڏاڳهي تائين، جهرڪيءَ کان جهنگلي جانور تائين، سَڀ سَاهوارا ڪي چند قسمن جا واڪا ڪري پنهنجي سڏ، سُڌ، سَونسي، خرابيءَ ۽

خطري جي خبر ڏين ٿا. ماڻهو بہ ڪجھہ اهڙن، ٺورن ۽ گهگهن واڪن جي سوڙهيءَ دنيا کان پنهنجيءَ وڌندڙ ۽ ويجهندڙ سمجھہ سبب نت نون ۽ ڏينهون ڏينهن بدلجندي سولو ۽ منو ٿيندڙ واڪن (آوازن، لفظن، ٻولن) وسيلي پنهنجي سمجھہ پڌري پئي ڪئي آهي. اڄ نوبت اتي وڃي پهتي آهي جو هر سڌريل ٻوليءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ لک قسمن جا واڪا (ٻول، لفظ، آواز) موجود آهن ۽ سڌريل ٻولين جي ڳڻپ ٥- سَو کان گهٽ نہ آهي.

## لکيت

سمجھہ ۽ ٻولن کي تصويرن، ليڪُن ۽ نشانن وسيلي ظاهر ڪرڻ جي تاريخ ٥- هازار سال کن پراڻي آهي. سنڌ، چين، مصر ۽ -بابل نينوا- سمير جون سڀيتائون پنهنجن پنهنجن تهذيبي، تمدني، عملي ۽ ادبي خزانن سان مالا مال پنهنجي پنهنجي اُوج وارن ڏينهن ۾ ٻولين جي شاندار واڌ ۽ لکيت جو ڏس پتو ڏين ٿيون. انهن کان پوءِ علم ۽ ادب، فلسفي ۽ سائنس جي روشني ايشيا کان وڌي وڃي يورپ ۾ پهتي. يوناني ٻوليءَ ۽ لکيت کي جيڪي رنگ روپ ۽ نقش ڏنا اهي بيشڪ ساراھہ جوڳا آهن. هنن هنر، فن ۽ سائنس جي سوين شعبن ۾ پنهنجيءَ ٻوليءَ کي هزارين لفظن سان مهڪايو ۽ تحرير (لکيت) وسيلي سنڀالي رکيو. يوناني سڀيتا جي تباهيءَ سان گڏ علم ۽ ادب جو مرڪز هڪ ڀيرو وري عرب ۽ فارس جي ڌرتيءَ ڏانهن موٽيو. چيني سڀيتا پنهنجي سونهن برقرار رکندي پئي آئي جڏهن تہ " اڻجاتل دنيا" (اتر اميريڪا کنڊ ۽ ڏکڻ اميريڪا کنڊ) ۾ پڻ مايا جهڙين سڀيتائن چلڪاٽ پئي ڪيا. هڪ ڀيرو وري يورپ جي اونداهي ڇٽڻ لڳي ۽ هنر، فن، فلسفي، سائنس ۽ سڀيتا جي نئين ڀهڪار ڦٽي پئي. هاڻي باقاعدي شعوري ڪوشش ڪري ٻوليءَ کي سڌارڻ ۽ سنوارڻ جو ڪم شروع ٿي ويو ۽ سڀ قسم جون لکڻيون عام ماڻهن تائين بہ پهچڻ لڳيون.

## انسائيڪلوپيڊيا

اجوڪيءَ دنيا وٽ علم ادب هزارين روپن ۾ ظاهر ٿي رهيو آهي: فلسفو، ادب، فن ۽ هنر ۽ سائنسون ـــــ قدرتي سائنسون، سماجي سائنسون، طبي سائنسون، هنري سائنسون، انتظامي سائنسون، جنگي سائنسون، انگي سائنسون وغيره ۽ هر شعبي جا ڪيترائي ٿُڙ، هر ٿڙ جون سوين ٽاريون جن ۾ وري سوين مکڙيون ۽ پن، گل ۽ گونچ ۽ ميوا موجود. سونَ مٿان سهاڳو وري هيءُ جو اُن قسم جي لڳ ڀڳ هرِ گل، ميوي، ٿــڙ، پاڙ، ٽاريءَ ۽ پن تي سوين ڪتاب لکجي چڪا آهن.

ايترين، سوين هزار علمي نعمتن جي وَٽَ وٺڻ ۽ چشڪو چکڻ هر ماڻهوءَ لاءِ رڳو اِن ڪري ممڪن ناهي جو هر ماڻهو هر شعبي جي مناسب ڄاڻ پرائڻ لاءِ گهڻن ئي ڪتابن تائين پهچي ڪونہ ٿو سگهي. ماڻهن جي علمي سمجھہ وڌائڻ جي سِڪ ۽ سَڌَ رکندڙ ڏاهن اِن جو حل ائين ڳولي ڪڍيو تہ ڪو اهڙو ڪتاب جوڙجي

جنهن ۾ علم ادب جي هر شعبي جو ست سمايل هجي. انهيءَ گهڻيءَ ڄاڻ واري موتين- مالها ۽ گهڻ شاخي هيري ڪاڻ جو نالو آهي انسائيڪلوپيڊيا.

انسائيڪلو پيڊيا يوناني لفظ اينسائيڪلوپيڊيا (ENKYKLOPAEDIA) جو انگريزي اچار آهي. اينسائيڪلوپيڊيا جو مطلب آهي گهيرو (گول، دائرو) يا تعليم (ڄاڻ، سکيا) جو مڪمل سرشتو يعني سڀ طرفي ڄاڻ.

پهريَن انسائيڪلوپيڊيائن کي وسيع پيماني تي سادي سڌي نموني ڊڪشنري (لغت، ٻولَسُڌ) سڏيو پئي ويو يا وري "سرهائي جو باغ". جڏهَن پهريون پيرو جرئت ڪري اسڪالش نالي ماڻهوءَ انسائيڪلوپيڊيا لفظ ڪم آندو تڏهن ان کي گهڻي پليڪار نہ ملي تان جو ڊينس ڊائڊروٽ ان کي تاريخي حيثيت وارو فرينچ **انسائيڪلوپيڊيا** لکي عام جام ڪيو. انسائيڪلوپيڊيا جي متبادل طور هڪ لفظ سائيڪلوپيڊيا بہ ڪم ايندو ۽ قابل قبول ٿيندو رهيو آهي.

انسائيڪلوپيڊيا لفظ جي معنيٰ ۾ بہ تاريخي اوسر سان گڏ تبديلي ايندي رهي آهي. اڃوڪا گهڻا ماڻهو انسائيڪلوپيڊيا کي سموري ميسر ڄاڻ جو گهڻ جُلدي ميڙ (مڇو) سمجهن ٿا جنهن کي نقشن ۽ تفصيلي پنوتريءَ سان گڏوگڏ ڪتابسُڌَن (ببليوگرافيز)، تصويرن، خاڪن، ننڍاڙن (تخفيفن) ۽ پڙڏيهي محاورن (اصطلاحن)، ڏيهہ سُڌَن (گزيٽيئرز) ۽ اهڙين ٻين شين سان سڌارو ويو هجي.

اڄ بہ هڪ جديد انسائيڪلوپيڊيا کي هڪ ڊڪشنري (لغت، ٻولَسُڌ) سڏي سگهجي ٿو پر ڪنهن بہ ڊڪشنريءَ، تان جو سني ڊڪشنريءَ کي بہ اڃا سوڌو انسائيڪلوپيڊيا نہ سڏيو ويو آهي.

## انسائيڪلوپيڊيا جي ٿوري تاريخ

انسائيڪلوپيڊيا جي تاريخ لڳ ڀڳ ٢- هزار ورهيہ پراڻي آهي پر انسائيڪلوپيڊيا جو جديد روپ ڪي ٥- سَو سال کن اڳ نروار ٿيڻ شروع ٿيو.

انسائيڪلوپيڊيا جا اُهڃاڻ "اوڀر" (مشرق) ۾ "اولهہ" (مغرب) کان وڌيڪ آڳاٽا سمجهيا وڃن ٿا.

پهرين انسائيڪلوپيڊيا جو ڏس پتو چين ۾ ملي ٿو جيڪو ٢- هزار ورهيہ کن اڳ لکيو ويو ۽ پوءِ ان کي نت نئون ناهڻ بدران جهڙوڪر ساڳيو ئي ورجائبو پئي رهيو. ان جي جوڙجڪ ۾ نمايان اڪابرن حصو ورتو پر پوءِ بہ اهو جٽڪ چونڊ ادبي تخليقن جو ڳٽڪو هو ۽ منجهس ڪجهہ عنصر ڊڪشنري (لغت، ٻولَسڌ) جهڙو هو. ان جو گهڻي ۾ گهڻو واهپو انتظامي معاملن لاءِ شهري عهديدار تيار ڪرڻ جي سلسلي ۾ ٿيو. پهرين ڄاتل چيني انسائيڪلوپيڊيا **هنانگ- لَن** (شهنشاهہ جو آئينو) شهنشاهہ جي حڪم تي ٢٢٠ع ڌاري تيار ڪيو ويو. ان جو ڪوبہ حصو ڪونہ ٿو ملي. ٦٠٠ع ۾ تيار ڪيل پائين- چُو (ادبي موتين مالها، ادب جا پوبل موتي) جو ڪجهہ حصو اڄ بہ ملي ٿو. ٦٢٠ع ۾ ١٠٠- بابن ۽ ٤٧- حصن ۾

ورهايل آءِ- ويسن لئي- چُو (فن ۽ ادب جو جهڳٽو) اُو-يانگ هُسُون تيار ڪيو. انهن کان پوءِ پِئي - تانگ شُ-چاو (ڪتابن جو سَٽُ)، چُو-هُسُئيه چِي (تعليمي سکيا ۾ داخلا) ۽ تُونگ-تائين- (ذهين پتلا) جڙي راس ٿيا. تُونگ-تائين کي وين هسيئن تُنگ ڪاؤ (ادبي بچت جو عام اپياس) وسيلي زبردست واڌ ڏني وئي ۽ اهو سوين ويس پهريندو ۽ بدلائيندو نئين زماني جون نيون شيون جذب ڪندو لُو اُره-ڪُوئي جي تخليق تزُو-يُئان جي نالي سان ١٩١٥ع ۾ پڌرو ٿيو جنهن کي ١٩٣١ع ۾ اچا بہ وڌايو ويو. دنيا ۾ شايد سڀ کان وڏو انسائيڪلوپيڊيا يُنگ-لو تا-تيئن (مهان ڪتاب) هو جيڪو پندرهين صديءَ جي منڍ ۾ ظاهر ڪيو ويو. نياڳ چِنجي جو ان جي ٢٢- هزار، ٩- سَو ٣٧- بابن مان ٿورو حصو ئي زماني جي لاهين چاڙهين کان بچي سگهيو. ڪيترائي ننڍا ننڍا انسائيڪلوپيڊيا ڇپيا پر ڪارائتو وري سَين توسائي ٿو-هئي (١٦٠٧) هو جيڪو هيو تہ ننڍو پر تصويرن سان سينگاريل هو.

افلاطون جي ڀائٽي، سپيوسيپس (مرڻو ٣٣٨ - ٣٣٩ ق م) جي لکت جا ڪجهہ ٽُڪرا ئي بچي سگهيا آهن جيڪي يورپ ۾ لکيل پهرين انسائيڪلوپيڊيا جو حصو ڳڻيا وڃن ٿا. سپيوسيپس قدرتي تاريخ، منٿميٽڪس (انگ+ اپياس = انگيپاس)، فلسفي ۽ ٻين مرضوعن تي پنهنجي چاچي جي خيالن کي لکٽي وسيلي ظاهر ڪيو. ارسطو جا لائسيَم ۾ مختلف موضوعن تي ليڪچر پڻ اثرائتا هئا. افلاطون ۽ ارسطو ئي انسائيڪلوپيڊيا ،ذهين ثقافتي پس منظر کي اجاگر ڪندڙ ڪتاب، جو پايو وجهندڙ ثابت ٿيا.

ڪيٽو ڊي سينسَر کي روم ۾ "پنهنجي پٽ کي نصيحت" (لڳ ڀڳ ١٨٣ ق م) نالي خطن لکڻ ڪري انسائيڪلوپيڊيا جي پهرين ليکڪ طور سڃاتو وڃي ٿو. انهن خطن ۾ زندگي گذارڻ ۽ ماڻهن جي رهنمائي ڪرڻ بابت زبري چاڻ ملي ٿي. هاڻي اهي خط اڻلڀ آهن. ان کان پوءِ هڪ ملهائتي ڪوشش هڪ اڪابر اطالوي ليکڪ مارڪَس ٽيرينشس پنهنجن ڊسيپليناريَم لبري- ٩ (تعليمي سکيا جا نَوَ ڪتاب)، "شيُن جا يادگار قاعدا، الوهي ۽ انساني" ۽ "سوچون" (خيالَ) نالي ڪتابن ۾ فن، انساني ڪاوشن ۽ رومي ماڻهن جي زندگين تي روشني وڌل هئي. ۽ سيني کان اهم ليک پلائني جو هسٽريا نيچرلس (قدرت جي تاريخ) آهي جنهن ۾ جاڻ کي درجي بند ڪري ڳنڍڻ جي صورت ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

رَبَنَس مارَس (جَمُ، لڳ ڀڳ ٧٧٦، مرڻو ٨٥٦ع)، جيڪو انگريز عالم الڪُوئن جو لائق شاگرد هو، جي ڪتاب ڊِي يونيورسو (سنسار بابت) ڏگهي ناماچاري ماڻي ۽ وچين دور ۾ اثرائتو رهيو. ان کان پوءِ ڪيترين ئي ٻين

ڪوششون بہ ڪتابي صورت ۾ پڌريون ٿيون. ڊي اومنيفاريا ڊاڪٽرينا (يانت يانت جا نظريا) انساني ۽ سائنسي ڄاڻ بابت سوالن ۽ جوابن جي صورت ۾ لکيل هو. هن ئي ڏينهن ۾ ڌرمي ڇاپ ڪان آجي ۽ وڏ-شهري (ميٽروپوليٽن) تعليم ۽ ڄاڻ لاءِ سِڪ وڌي رهي هئي. هَگ آف سينٽ-وڪٽر (ڄم. شايد ١٠٩٦-مرڻو ١١٤١ع) پنهنجو ڊِڊا سڪيليَن، جنهن ۾ علمي معاملن سان گڏوگڏ آجن فَنَن (لبرل آرٽس) تي وڌيڪ ڌيان ڏنل هو، ڄاڻ جي زبردست درجي بندي تي مضبوطي سان بيهاريو. ان ايندڙ انسائيڪلوپيڊيائن تي پنهنجو سنو اثر ڇڏيو. لڳ ڀڳ انهن ئي ڏينهن ۾ هڪ انسائيڪلوپيڊيائي ڊڪشنري جنهن کي سُئداس سڏجي ٿو، الف-ب وار ترتيب ڏنل مواد سان ظاهر ٿي پراڻين روايتن کي پيچي ڇڏيو. ان ۾ اهڙي نہ زبري ڄاڻ ڏنل هئي جو ايندڙ صدين ۾ اهو هڪ اهم وسيلي طور پنهنجي حيثيت برقرار رکي سگهيو. پر وچين دور ۾ سڀ ڪان وڌيڪ نمايان ۽ لايائتو ونسينٽ آف بيووائِس جو اسپيڪيولم ميجس (وڏو آئينو) ثابت ٿيو. هيءَ لکيت ١٠-هزار بابن تي پکڙيل ٨٠- ڪتابن ۾ سهيڙيل هئي. ونسينٽ بنيادي طرح ليکڪ ڪونہ هو پر سندس اورچ ڪشالو لايائتو ثابت ٿيو. قد بت ۾ هن ڪان وڏو ڪتاب ١٨-صدي جي وچ تائين پڌرو نہ ٿي سگهي.

عربيءَ ۾ لکيل انسائيڪلوپيڊيائن کي ٿلهي ليکي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هڪڙا انهن ماڻهن لاءِ جن پاڻ کي سٺي نموني سڌير رکڻ ۽ ثقافتي ورثي جو پورو پورو واهپو ڪرڻ پٺي گهريو ۽ ٻيا سرڪاري انتظام رکندڙن جي وڌندڙ انگ لاءِ. انسائيڪلوپيڊيا جو پويون نمونو تڏهن وجود ۾ آيو جڏهن عربن يونوچ (ميڊيٽيرانين) علائقي جي گهڻن حصن ۾ حڪمراني قائم ڪري ورتي. پهريون حقيقي انسائيڪلوپيڊيا ابن قُتيبہ (٨٢٨-٨٨٩ع) نالي هڪ استاد ۽ ٻولَسڌاڻو (فلالاجسٽ، لغاتي علم جي ماهر) جي تخليق هو، جنهن پنهنجي ڪتاب جي عنوانن جي ڄاڻ هيٺ روايتي پهاڪا (چوڻيون)، تاريخي مثال ۽ پراڻا عربي گيت ڏنا. سندس ڪتاب عُيون الاخبار (يلوڙ روايتون) واري ترتيب ۽ مواد پوءِ ظاهر ٿيندڙ انسائيڪلوپيڊيائن لاءِ پنهنجا نقش ڇڏيا. هن ترتيب موجب ڏهہ ڪتاب رٿيا ويا: سگهہ (قوت، اقتدار)، ويڙهہ (جنگ)، شرافت (نوبلٽي)، ڪردار، علم پرائڻ ۽ خوشگفتاري (فصاحت)، پوڄا (عبادت)، تپسيا (رياضت)، سنگت (دوستي)، ڪاڌو (ڪاڄ) ۽ عورت. ابن عبدالربيہ پنهنجي ڪتاب عقد (مالها) ۾ پنهنجي وقت جا ڪيترائي اصطلاح گڏ ڪري قتيبہ جي ڪتاب سان ملائي ظاهر ڪيا. مفاتيح العلوم (علمن يا سائنسن جي ڪنجي) کي پُل وچان پهريون انسائيڪلوپيڊيا ڳڻيو ويندو آهي پر اهو پارسي عالم الخوارزمي، جيڪو ڪيترين ئي يوناني لکڻين جو چڱيءَ پرِ ڄاڻو هو، ٩٧٥- ٩٩٥ع ۾ ترتيب ڏنو هو. ڏهين صديءَ ۾ بصري ۾ ناهيل مذهبي يا سياسي جماعت اخوان صفا (مخلص ڀائپي) رسائلِ اخوان صفا نالي يلوڙ ڪتاب ترتيب ڏنو جنهن ۾ پنجن ليکڪن

جا ٥٢ ڪتابڙا گڏ ڪيا ويا جن ۾ هلندڙ هزار سالن جي ڄاڻ ڏنل هئي. لکڻيءَ ۾ (١) انگيياس، جاگرافي، موسيقي، منطق ۽ لڇڻيياس (لڇڻ + اپياس = ايستيٽڪس)-، (٢) قدرتي سائنسون ۽ فلسفو، (٣) مَتَ فزڪس (ميٽا فزڪس) ۽ (۴) مذهب، جوتش (نجوم) ۽ جادو شامل هئا. مڪمل ڇاپو ١٨٨٧-١٨٨٩ع ۾ ظاهر ٿيو.

مصر ۾، ملوڪ دور ۾ رٽيل انسائيڪلوپيڊيائن ۾ نهايت العرب في فنون الادب (ادبي فنن ۾ ڏاهپ جو مقصد)، لڳ ڀڳ ٩-هزار صفحن تي جوڙيل انسائيڪلوپيڊيا وڏيڪ اهم آهي جنهن ۾ (١) جاگرافي، آڪاس ڄاڻ، آبهوا ڄاڻ، تواريخي ڄاڻ (ڪرانالاجي)، ڀُون اپياس (جيالاجي)، (٢) ماڻهو (الگيياس، ايناٽمي)، لوڪ ادب (ميل جول، سياست)، (٣) پسون پياس (زولاجي، حيوانيات)، (۴) اوبڙ پياس (ٻاٽني، نباتيات) ۽ (٥) تاريخ ڏنل آهي. ١٩٢٣ع ۾ مڪمل ڇاپو ظاهر ٿيو.

هورٽس ڊيليساريم شايد پهرين عورت هئي جنهن پنهنجيءَ چارج هيٺ پادرياڻين (ننس) جي تعليم لاءِ ٦٣٦ ننڍڙيون تصويرون رکندڙ انسائيڪلوپيڊيا ڇپرايو. بارتولو مائيَس انگليڪس پنهنجو انسائيڪلوپيڊيا ڊِي پروپرائيٽاٽبيس ربرَم سينٽ آئسيڊور ۽ پلاٽني جي لکتن تي پيڙهه رکندي ترتيبَ ڏنو.

جپان ۾ 'ايڊو' يا 'توڪُو گاوا' دور (١٦٠٣-١٨٦٧ع) هلندي هڪ قسم جو انسائيڪلوپيڊيا، جنهن ۾ اهم جپاني ۽ چيني ادب مان چونڊ ٽڪرا گڏ ڪيل هئا، ڪوجيرُوئين (٥١-جلد ١٨٧٩-١٩١۴) ۽ نهَن-هياڪا-ڊائجيٽين يعني "وڏو (مهاَن) جپاَني انسائيڪلوپيڊيا" (١٠-جلدَ، ١٩٠٨-١٩١٩) جَديد انسائيڪلوپيڊيا سان ملندڙ هئا پر انهن ۾ گهڻي ڀاڱي رڳو سائنسي ڄاڻ ڏنل هئي. 'شووا' دور (١٩٢٦-)۾ وڏيڪ مڪمل انسائيڪلوپيڊيا ظاهر ٿيا جيئن ڊِائي-هياڪا (٢٨-جلد، ١٩٣١-١٩٣٥)، ڪوڪُومِن-هياڪا (١٥-جلد، ١٩٣۴-١٩٣٦)، سيڪائي-ڊِائي- هياڪا (٢۴-جلد، ١٩٥٥) ۽ جپانيڪا (١٩-جلد، ١٩٦٧- ١٩٧٢ع) سني نموني تيار ٿيل لکڻين جا مثال آهن.

پارسي قانوندان ڏوواني (١۴٢٧- ١٥٠١) هڪ قسم جو انسائيڪلو پيڊيا انهداغ العلوم ڇپرايو جنهن ۾ هنري ايجادن بابت سوال جواب ۾ دستاويزي ڄاڻ ڏنل هئي.

سترهين ۽ ارڙهين صديءَ ۾ جديد انسائيڪلوپيڊيا جنم ورتو. فرانسس بيڪن جو انستاربشيو مئگنا لکڻ مهل مقصد اهو ئي هو ته سائنس، فن ۽ سموري انساني ڄاڻ کي نيڪ ناڪ بنيادن تي بيهاري سگهجي ته جيئن شين ۽ ذهن جي وچ ۾ سَني ۽ حقيقي گهرائي جوڙي سگهجي. ان سڄي رٽيل ماندڻ جو رڳو ڪجهه حصو ئي ڇپجي سگهيو پر ليکڪ ١٣٠ ننڍا حصا ٿن وڏن حصن ۾

وڏيل آهي. ڪنورسيشنس-ليڪزيڪان (١٧٩٦-١٨١١) نيڪ ناڪ تازي تواني ۽ ڳوڙهي رچيل جاڻ مهيا ڪرڻ سبب وڏيڪ سرسو رهيو ۽ ايندڙ صدين ۾ يورپ جي انسائيڪلوپيڊيائن تي زبردست اثر ڇڏيائين. هن ڪتاب ۾ فريڊرڪ ارنالڊ بروخاس جرمن ماڻهن جي حقيقي گهرج پوري ڪئي.

اڻويهين صدي ۾، چيمبر جو سائيڪلوپيڊيا جي سڌاريندڙ ابراهام ريس نيٺ نج ۽ سٺي نموني سينگاريل دِي نيُو سائيڪلوپيڊيا (١٨٠٢-١٨٢٠) پيش ڪيو جنهن کي برٽانيڪا جو رقيب سمجهيو ويو ٿو.

نوح ويبسٽر جو گهڻي جاڻ مهيا ڪندڙ اميريڪن ڊڪشنري آف دِي انگلش لئنگئيج (انگريزي ٻوليءَ جو اميريڪي ٻولسڊ) فطري طرح انسائيڪلوپيڊيا هو جيڪو بروخاس ۽ لوراس جي انسائيڪلوپيڊيائن جيان دور ناهيندڙ ثابت ٿيو. ويبسٽر جي ڪتاب اميريڪي عوام کي نئين چس ڏني ان جو ڏيان پاڻ ڏانهن ڇڪائي ورتو.

اڻويهين صدي ۾ برطانيا اندر سڀ انسائيڪلوپيڊيا ۽ سندن جوڙيندڙ جهڙوڪر ٽڪجي پيا. انهيءَ وڪڙ ۾ نه ڦاٽو نه اهو هو چيمبرس انسائيڪلوپيڊيا (١٨٦٠-١٨٢٨). پر هاڻي دنيا جي ڪيترن ئي ڏيهن ۾ انسائيڪلوپيڊيا زور وٺي رهيو هو. انسائيڪلوپيڊيا پوزيچنا (١٨٥٨-١٨٦٨) پولنڊ ۾، ۽ بوهيميائي سلونڪ ناڪني (سائنسي) ٻولسڊ ١٨٦٠- ١٨٩٠) سان ريس ڪندي هنگرين ايجلئتيميز ميگيار انسائيڪلوپيڊيا (سنساري هنگرين انسائيڪلوپيڊيا، ١٨٦١- ١٨٧٦) پيش ڪيا ويا. روسين وري وِي-اين-تاتيشيف جو ليڪسيڪن روسسڪوئاءِ (روسي ٻولسڊ) جو اڌڙ انسائيڪلوپيڊيا ١٨٧٣ع ۾ ظاهر ڪيو ويو ۽ پوءِ بروخاس جي طرز تي اي-اسٽار چيوسڪي جو اسپراوچني اينتسائيڪلوپيڊيچيسڪي سلوور (انسائيڪلوپيڊيائي ريفرنس ٻولسڊ ١٨٧٣- ١٨٥٥) پڌرو ڪيو. وڏيڪ اهم اينتسائيڪلوپيڊيچيسڪي سلوور (١٨٧٥) هو جنهن کي ان جي ڇپائيندڙ "گرئنات رشين ببليوگرافيڪل انسٽيٽيوٽ" جي نالي پٺيان "گرئنات" سڏيو ويو ٿو. ٥٨-جلدن ۾ گرئنات جو پوءِ آيل ڇاپو (١٩١٠- ١٩٤٨) برٽانيڪا جي طرز تي جوڙيل آهي پر ان ۾ انقلاب کان پوءِ بدليل حالتن جو ثقافتي اولڙو چٽو نظر اچي ٿو.

لاروس بنامقابلي نه رهيو. لا گرانڊ اينسائيڪلوپيڊيا (١٨٦٦-١٩٠٢) فرانس کي نهايت مانائتي، پروسي جوڳي ۽ ڳوڙهي رچيل سڀ طرفي جاڻ سان ٽمٽار، دستاويزي لکيت موجود ڪري ڏني. ڊنمارڪ ۾ اڻويهين صديءَ جي پڇاڙي تن سنن گهڻ جلدي انسائيڪلوپيڊيائن سان ٿي: آلرس (١٨٩٢- ١٨٩٩)، هيڪرپس (١٨٩٢- ١٩٠٠) ۽ سلمونسينس (١٨٩٣- ١٩١١) جن جو انسائيڪلوپيڊيائن جي تاريخ ۾ ڪو مثال ڪونهي. اڻويهين صديءَ جي پڇاڙيءَ

تائين جديد انسائيڪلوپيڊيا پنهنجي سموري سونهن ۽ ساپيا کي رسي چڪو هو.
بروخاس جي روسي ڇاپي (١٨٩٠-١٩٠٦) کي جوڳي سرسي ملي.
ايس-اين-يُوشاڪ بولشيا اينتسائيڪلوپيڊيا (مهان انسائيڪلوپيڊيا ١٩٠٠-١٩٠٩) "ميير" طرز تي پيش ڪيو. پر گرئنات ڪان پوءِ اهم انسائيڪلوپيڊيا ٦٥-جلدن تي پکڙيل بيولشيا سُوبستڪايا اينتسائيڪلوپيڊيا (مهان سويت انسائيڪلوپيڊيا ١٩٢٦-١٩٤٧) شايع ٿيو، جنهن جو ٻيو ڇاپو مارڪسي-ليني نڪتہ نظر موجب پيش ڪيو ويو. ان ۾ لڳ ڀڳ سڀني سويت يونين جي ثقافتي وسيلن کي اجاگر ڪيو ويو هو. ٨- هزار عالمن جا ڪتابسُڏ (ببليوگرافي) سميت ڏنل مضمون بيشڪ بين الاقوامي معيار جا هئا. ان کان پوءِ شاندار، مُلهائتا ۽ معياري 'ساليانا ڪتاب' هن انسائيڪلوپيڊيا جو مانُ وڌائيندا رهيا آهن.

گڏيل-امريڪي-رياستن (يو.ايس.اي) ۾ نيُو انٽرنيشنل انسائيڪلوپيڊيا جو پهريون ڇاپو (١٩٠٢-١٩٠٤) پڻ ساليانن ڪتابن وسيلي سٽرندو رهيو. انسائيڪلوپيڊيا اميريڪانا ١٩٠٢ع ۾ نئين سگهہ ورتي. هيءُ اميريڪا ۾ انگريزي بولي اختيار ڪرڻ مهل (١٨٢٩-١٨٣٣) پنهنجايل بروخاس جي ستين ڇاپي جو پويون نسل هو. ١٩٥٠-١٩٥١ ۾ نئين امريڪي لکٽي ڪوليئرس انسائيڪلوپيڊيا جي صورت ۾ ظاهر ٿي، جنهن کي لاڳيتو ساليانن ڪتابن وسيلي سگهہ ملندي رهي ٿي. گهٽيون تصويرون ۽ گهٽا نقشا ان جو نمايان گڻ آهن.

"ايسپا"، انسائيڪلوپيڊيا يونيورسل السٽريڊا يوروپيو-اميريڪانا (١٩٠٥-١٩٠٧) نہ رڳو هڪ مهان انسائيڪلوپيڊيا آهي پر انسائيڪلوپيڊيا اِٽليانا جيان ڪيس قداور ساٿي- ڪتابن جي ٽيڪ بہ ملندي رهي ٿي. قد بت ۾ اهوئي دنيا ۾ سڀ کان ٿلهو ٿنيرو ڪتاب آهي. ان جو هڪ مڪمل جلد رڳو اسپين بابت آهي. اسپيني انسائيڪلوپيڊيا ڊڪشناريو سَلوَت (پهريائين ١٩٠٧-١٩١٣ ۾ ڇپيو) پڻ مختلف وقتن تي هر هر ڇپجي ٿو. ٻيو وڏو اسپيني انسائيڪلوپيڊيا انسائيڪلوپيڊيا ليبر (١٩٥٥-١٩٦٠) آهي جنهن جو هر جلد هڪ وڏي موضوع جي دنيا تي پکڙيل آهي.

سمورن انسائيڪلوپيڊيائن ۾ سڀ کان وڌيڪ اهم انسائيڪلوپيڊيا اِٽليانا (١٩٢٩-١٩٣٩) آهي جيڪو گهڻ خرچاؤ (نفيس، شاندار) پيشڪش، عمدين تصويرن ۽ ڊگهن (تفصيلي) عالمانہ ۽ سنن دستاويزي مضمونن جي ڪري مشهور آهي.

لاروس جي لاڳيتي شهرت هوندي بہ فرانس ويهين صديءَ ۾ ٽي ٻيا انسائيڪلوپيڊيا اينسائيڪلوپيڊياءِ فرانسس (١٩٣٥-١٩٦٦)،

اينسائيڪلوپيڊيا دي لا يلييادِ (١٩٥٥-) ۽ انسائيڪلوپيڊيا يونيورسَلِس (١٩٢٨-) ظاهر ڪيا.

وڏن انسائيڪلوپيڊيائن سان گڏ خصوصي موضوعن، جيئن فزڪس، ڪيمسٽري، فلسفي، ادب، تاريخ، شخصيت وغيره تي ۽ هر هڪ ڪنڊ لاءِ ڏار ڏار مختلف قد بت جا ڪيترائي انسائيڪلوپيڊيا ظاهر ٿيندا پئي رهيا آهن جن کي پنهنجي پنهنجي چاڻ، سونهن ۽ سينگار آهي.

ڪيترن ئي ڏيهن ۾ هونئن ته گهڻا پر گهٽ ۾ گهٽ هڪ سٺو انسائيڪلوپيڊيا مڙيوئي موجود آهي. انهن مان ڪجهه هي آهن:

بلگاريا: ڪراتڪا بلگارسڪا اينسائيڪلوپيدياءِ (١٩٦٣-) ۽ بيا.

ڊنمارڪ: گلائڊيندلس ناءِ ليڪسيڪن (پهريون چاپو١٩٣١-١٩٣٢) ۽ بيا.

فنلنڊ: اوتاون آئسو تائتو سَناڪرجا / انسائيڪلوپيڊيا فينيڪا (١٩٦٠-١٩٦٥) ۽ بيا.

يونان: ميگالي هيلينائڪي اينڪائيڪلوپيڊيا (١٩٢٦-١٩٣٤) ۽ بيا.

هنگري: ريواءِ نيگي ليگزيڪونا (١٩١١-١٩٣٥) ۽ بيا.

نيدرلينڊس: ايرستي نيدرلئنڊسي سستميتس انگيرڪتي انسائيڪلوپيڊيا (١٩٤٦-١٩٥١) ۽ بيا.

ناروي: اَشيهائوگس ڪنوَرسيشنس ليڪسيڪن (١٩٧٠-) ۽ بيا.

پولنڊ: وِيلڪا انسائيڪلوپيڊيا پُوزيچنا پ ون (١٩٦٢).

رومانيا: ڊِڪشنر انسائيڪلوپيڊِڪ رومن (١٩٦٢-١٩٦٦).

سُويڊن: بونيئرس ڪنوَرسيشنس ليگزيڪان (پهريون چاپو ١٩٢٢-١٩٣٢) ۽ بيا.

ترڪي: ترڪ اَينسائيڪلوپيڊيسي (١٩٤٦-).

يوگوسلاويا: انسائيڪلوپيڊيا يوگوسلاويا (١٩٥٥-) ۽ بيا.

لٿئانيا: لتوِيُ انسائيڪلوپيڊيا (١٩٥٣-١٩٦٩).

ايستونيا سَ.س.ر.: ايستي نَوڪر وجُود اينتسائيڪلوپيڊيا (١٩٦٨-).

لبنان: دائرة المعارف (١٨٨٧-١٩٠٠) بطرس البوستاني ۽ سدس پٽ جوڙي تيار ڪيو.

مياٿا سُيزن ڪيان/ انسائيڪلوپيڊيا برمانيڪا. برما ٽرانسليشن سوسائٽيءَ برميز ٻوليءَ ۾ ڇپرايو (١٩٥٤-).

عبراني ٻولي ۾: هَ- اينتزائيڪلو پيڊيا هَ- عِبرت (انسائيڪلوپيڊيا هيبرائيڪا ١٩٤٦-) ۽ ٻه ٽي بيا.

انڊونيشائي ٻولي ۾: انسائيڪلوپيڊيا انڊونيشيا (١٩٥٤-).

سنهالي ٻولي ۾: سنهاليز انسائيڪلوپيڊيا (١٩٦٣-).

۽ سنڌي ٻولي ۾: ..........!؟

هيڏي شاهوڪار، سُکي ۽ ستابي ٻولي، ايڏو ثقافتي ورثو ۽ شاندار ماضي، هزارين ڏاها، ڏاتار، عالم اڪابر، سياڻا سيبتا، شاعر، اديب، ليکڪ، سائنسدان، سياستدان، تاريخ ڄاڻو، هنرمند، فنڪار ۽ ڪلاڪار: علم، ادب، فن ۽ هنر جو ڪهڙو شعبو آهي جنهن ۾ سنڌي نہ هجن؟ پوءِ بہ سنڌي انسائيڪلوپيڊيا جي خاني ۾ ٻڙي!؟

# سنڌ جو ماضي

سنڌ جو تاريخ ڪان اڳ وارو ماضي بيشڪ بهترين ۽ مانائتو آهي. جڏهن کان تاريخ لکي وئي آهي تڏهن کان سنڌ ۾ علم ۽ ادب، سُک ۽ ستابائي، سورهيائي ۽ سرويچائي جا آثار تہ برابر ملن ٿا پر جڏهن بہ ڌارين ڪاهيندڙن ڪاهيو تڏهن مڙسيءَ سان وڙهي بہ پهرين نہ تہ ٻي، ٽين، چوٿين پيري هار ڪاڌي اٿئون ۽ انهن جي غلاميءَ هيٺ آيا آهيون. چون ٿا تہ ان جو هڪ ڪارڻ اسان جو ڏيءُ بہ هو. پرمارن سنڌ کي ٻئي لتاڙيو، ڦريو ۽ ماريو آهي. اسان جي حاڪم طبقن تہ هار ڪائيندي ئي سندن چاپلوسي پئي ڪئي آهي پر عوام سدائين ظالم ۽ ظلم کان گهٽ ۾ گهٽ بہ نفرت ضرور ڪئي آهي ۽ ڪڏهن بہ ڏيک ويک، لٺ ۽ تيڳر جي ريس ڪندي دشمن جي پٺ پٺيهر تي پنهنجيءَ لوئيءَ کي نہ لويو آهي. ٻي پاسي سنڌ مٿان جن "پنهنجن" حڪمراني هلائي انهن بہ گهٽ ۾ گهٽ ٻوليءَ جي لحاظ کان سنڌ جي ڪا خاص خدمت ڪو نہ ڪئي. ويجهڙ ماضيءَ وارن پنهنجن حڪمرانن پاران سرڪاري سطح تي سنڌ ۾ ڌاري ٻولي ئي مڙهي رکي وئي ۽ سرڪاري سرپرستي جي اڻهوند سبب عوامي سطح تي بہ ڪي سنئا ادارا نهي نہ سگهيا. ابوالحسن جهڙن عالمن ۽ هر دور ۾ ايرندڙ وچين طبقي جي ڪيترن ئي ماڻهن سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي لپي ڏيڻ جو پرخلوص ۽ پيار پربو جتن بہ ڪيو، راءِ سهاسيءَ کان وٺي انگريزن جي اقتدار تائين، اسحاق آهنگر ۽ حماد شيخ کان وٺي سچل ۽ ساميءَ تائين سنڌ جي ڌرتيءَ تي گهڻو ڪجهہ لکيو، پڙهيو، ڳالهايو ۽ ڳاتو ويو آهي پر هيءُ، هن وقت جنهن لپيءَ ۾ لکي رهيا آهيون اها جوڙائڻ، رائج ڪرڻ ۽ وڌرائڻ انگريز جو جتن آهي. انگريز ڦورو ۽ بدمعاش هو، قاتل ۽ پرمار هو(اسان جو مٿس گهڻو ئي حق حساب رهيل آهي) پر گهٽ ۾ گهٽ سنڌي ٻوليءَ، ثقافت ۽ تاريخ سان اڳوڻن پرمارن ۽ هاڻوڪن حڪمرانن جيان هٿ چراند ڪرڻ ۽ مَٺ گهرو ٿيڻ بدران گهڻ گهرو ثابت ٿيو. سنسڪرت، عربيءَ ۽ فارسيءَ ۾ جو ڪجهہ لکيو ويو ان جو گهڻو ڪجهہ ملي ٿو پر پراڻيءَ سڀيتا جي مليل مُهرن ۽ لکيتن، هندي، گجراتي، گرمکي وغيره ۾ جيڪو ڪجهہ لکيو ويو آهي ان جي بهتر ڄاڻ اهي عالم ئي ڏئي سگهن ٿا جيڪي لکت ۽ ذاتي ڪچهرين ۾ اهڙي ڄاڻ رکڻ جي ڳالهہ ڪندا رهيا آهن. بهرحال سنڌ جي انتهائي پراڻي ماضيءَ ۾ جيڏي وڏيڪ عظمت آهي ويجهي ماضيءَ ۾ ٿورن مثالن کان سواءِ اوتري ئي اڻهوند نظر اچي ٿي.

# سنڌ جو حال

عام چوڻ آهي تہ اسين گهڻو عرصو ڌارين جا غلام رهيا آهيون تنهنڪري سنڌي ٻولي، ثقافت ۽ تاريخي ورثي جو بچاءُ نہ ڪري سگهيا آهيون جڏهن تہ ڌارين حڪمرانن بہ انهن کي پٺي تباهہ ڪيو آهي. پر گهري نظر سان جاچ ڪبي تہ پنهنجن جو راڄ پراون جي راڄ کان مدي ۾ ٻيڻي کان بہ وڌيڪ نظر ايندو. پوءِ بہ مختلف سببن جي ڪري سنڌ جا حاڪم طبقا ذهني ۽ علمي طرح ڌارين جا غلام ٿي رهيا آهن جنهن ڪري اسان، عوام کي ڌارين جي غلاميءَ جو ڳٽ لاڳيتو محسوس ٿيندو رهيو آهي.......... ۽ موڪي بن وسائي کان وٺي ١٩٩١ع جي اڄوڪي ڏينهن تائين موجود غدارن سنڌ سان وڏيون ويساهہ گهاتيون ڪيون آهن. سنڌن هڪ ڏٽو مس ٿو اگهاڙو ٿي پورو ٿئي تہ ٻيو ڏٽو تيار هوندو. اسين ڪنهن هڪ غداري ۽ سازش کي مس مس منهن ڏئي مٿي ٿا چڙهون تہ پرمارن جي اشاري تي اهي غدار ڪنهن ٻي ٻوهي ۾ ڦاسائي ڇڏين ٿا. اڃو تہ رڳو هڪ مثال وٺون ۽ اهو بہ ٻوليءَ جي حوالي سان. ١٩٤٧ع تائين سنڌي ٻولي جي اوسر تي هڪ نظر وجهي ڏسو. ادب ۽ سائنس جو ڪهڙو موضوع هو جنهن تي سنڌي ۾ نہ لکيو پئي ويو ۽ سنڌ جو ڪورٽ کان وٺي يونيورسٽي تائين ڪهڙو شعبو هو جنهن ۾ سنڌي ٻولي رائج نہ هجي؟ سنڌي ٻوليءَ حياتيءَ جي هر حصي ۾ ڪيڏي نہ تيز رفتاريءَ سان ترقي پئي ڪئي!؟ رڳو علي احمد قاضي ۽ مرزا قليچ بيگ جي لکڻين کي ئي جاچڻ سان خبر پوندي تہ سائنس ۽ ادب ۾ ڪيئن پئي وڌيا سين. جيڪڏهن پنهنجن جون ڏٽيبازيون ۽ غداريون ۽ گهرائي مڙهيل ڌارين جي مڪروه حاڪمائي ذهنيت نہ هجي ها تہ نہ ئهي ها ون-يونٽ ۽ نہ ئي وري انهيءَ قيد دوران سنڌي ٻوليءَ کي ڦاهيءَ چاڙهيو وڃي ها، ۽ اڄ اسان جي سنڌي ٻولي ۽ ثقافت جن عظمتن تي وڃي پهچي ها، انهن کان هزارين ڪوهہ پوئتي نہ هجي ها. ممڪن هو تہ اسين اڄ ڊاڪٽري، انجنيري، وڪالت وغيره مطلب تہ هر اها تعليم جا ڌاري ٻولي ۾ پرائڻ تي لاچار آهيون اها جيڪر پنهنجيءَ سنڌي ۾ ئي پڙهون ها ۽ اسان جون لائبريريون ٿلهن متارن سنڌي ڪتابن سان سٿل نظر اچن ها، جڏهن تہ سنڌي ثقافت (۽ سنڌي ماڻهن) کي خاص ڪري سنڌ جي وڏن شهرن ۾ تِچ-ويڪ (مائڪرو اسڪوپ، خوردبين) وسيلي ڳولڻ بدران ريڊين، ٽيوين، اخبارن، رسالن وغيره ۾ سَو سيڪڙو ٻڌي، ڏسي، پڙهي، ڄاڻي سگهون ها.......

هن ڦت اسين غلام آهيون گورن جي گادي نشين ۽ بدترين ذهنيت رکندڙ ڪارن جا، سنڌي ماڻهن جي هر انساني ۽ قومي حق خلاق هر پاسي کان هُلان جاري آهي. سنڌ سرڪار ۾ گهٽائي تہ سنڌي وڏيرن جي آهي پر اهي آهن ساڳين ئي ابن الوقت ۽ موقعي پرست ماڻهن جا جانشين، جن جي ڪري سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن پٺي لوڙيو آهي. سنڌ سرڪار جون ڏوريون ڪنهن ٻي هنڌان لوڏيون پيون وڃن ۽ هر سنڌ دشمن ڪم گهٽي ياڳي غدار سنڌي جاگيردارن جي مدد سان پيو

ٿئي. ون يونٽ کان وٺي پاٽي-ورڇ جي ناهه تائين، لياقت کان وٺي نواز تائين حڪمرانن جا نالا بدليا آهن، حڪومتن جا ويس بدليا آهن، جاگرافي بدلي آهي، ڪيترائي غدار مٺا آهن ۽ ڪجهه جون ڳالهيون بدليون آهن پر سنڌ، سنڌين ۽ بولي، ثقافت ۽ تاريخ سان ساڳيا هاڃا جاري آهن. اڄ سنڌ ۽ سنڌي ٻٽي ويل ۾ نه پر انوٽي عذاب ۾ آهن. سنڌوءَ جو پاڻي چوري ٿيندو ۽ پر ٻاهرو قبضندو رهيو آهي، سنڌ کان ٻاهر ڊيم ناهيا ويا آهن ۽ اڃا به ٺاهڻ جون تياريون آهن، ناٺو قبائڻ لاءِ ڦڳيءَ پريا ناهه پيا ٿين، سنڌ جون پليون ٻنيون ڪوڙن ڪليمَن ۽ ٺڳين وسيلي اڌ کان وڌيڪ ڌارين جي حوالي ڪري ڇڪا ۽ اڃا به "انعامَن" ۾ ڏنيون پيون وڃن، دهشت گردن ۽ ڌاڙيلن کي زور وٺائي سنڌ مٿان ڪڙڪايو ويو آهي ۽ وري انهن کي ختم ڪرڻ جي بهاني زمينون کسي ڇاوڻيون وجهي سنڌ کي فوجي قيد خانو بنائڻ جي ڪوشش تي عمل ٿي رهيو آهي، سنڌ جي صنعت ۽ حرفت تي ڌارين جو قبضو پڪو ڪيل آهي ۽ اسرنڌڙ سنڌي وچين طبقي کي چيپاتيو پيو وڃي، سامونڊي ڪمائي "ڊراءِ پورٽ" جي نالي ۾ پڪي قرجي چڪي آهي، سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري سرپرستي ڪانهي، سنڌي ثقافت کي نيچ ڪرڻ لاءِ هر وسيلو ڪم آندو پيو وڃي، سنڌي عوام تي هر پاسي کان ڏنڊي جو وسڪارو آهي ۽ هاڻي ته قانون به اهڙا پيا جوڙيا وڃن جيڪي اگهاڙي نموني سنڌي عوام جي خلاف آهن. سياست جي نالي ۾ ڏٽي بازيءَ، غداريءَ ۽ مڪاري ۽ مٿان وري هڪ طرفي پروپيگنڊا اهو حال ڪيو آهي جو بنهه سچي، وطن دوست، عوامي ۽ جمهوري سياست به شڪ شبهن جو شڪار ٿيُ پئي آهي. مجموعي طرح سڀ سياسي پارٽيون هڪ قطار ۾ بيهاريون ويون آهن، جڏهن ته غداري ۽ وطن دوستي ۾ فرق ڪرڻ گهربو هو. نوبت اتي وڃي پهتي آهي جو عوام جي حياتيءَ ۾ سُک چين موڪلائي ويو آهي.

## اسان جو فرض

اسان مان هر هڪ کي پنهنجو انساني، اخلاقي ۽ علمي فرض نڀائڻو آهي. جيڪڏهن اسان کي پنهنجو حال ۽ آئيندو سنوارڻو آهي ته حال ۾ ئي، اڄ ۽ هاڻي ڪم ڪرڻو پوندو،

*ڪَنين مِن ماضي، ڪنين استقبال،*
*حيف تنين جي حال، جن وساريو حال کي.*

اسان مان هر هڪ ڇا ڪجهه ڪري سگهي ٿو ۽ جيڪو ڪجهه ڪري سگهي ٿو ۽ جيڪو ڪجهه نه ڪيو اٿائين. اهو سڀ ڪجهه جاچڻ لاءِ ڇا اسان ڪڏهن پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ڏٺو آهي؟ جيترن ڪمن ڪري سگهڻ جي ڏاهپ، ڏات، ڏيا ۽ ڏانءُ اسان ۾ موجود آهي جيڪڏهن اسان اهي نه ڪيا آهن ته ڇا اسين ڏوهاري نه ليکباسون؟ اسان مان هر هڪ جيڪڏهن پنهنجي اندر جي ماٺهوئڙي، وويڪ، ضمير کي آچاري ۽ امين واري سچائيءَ سان پنهنجو جائزو پاڻ

وٺي ته هو پنهنجي وطن، قوم، ٻوليءَ ۽ ثقافت ۽ علمي ماڻهپي لاءِ ڇا ڪجهه ڪري سگهي ٿو ۽ جيڪو ڪجهه ڪري سگهي ٿو رڳو اهو، اوترو، پنهنجي پتيءَ جو فرض پرور ڪري ته جيڪر ماڻهپي، سنڌ ۽ سنڌي عوام مٿان چانيل ڏاڍ جا ڪيترائي ڪڪر ۽ سنڌي ثقافت ۽ ٻولي خلاف ٿيندڙ ڪيترين ئي سازشون بنهه ختم ٿي وڃن. اڄو ته هڪ مثال جاچيون ۽ اهو به مشترڪ ڪان متي پڙهيل ماڻهن جو. سمجهو ڪري ته اهڙن پڙهيلن جو انگ رڳو ٥- لک اهي. هر هڪ ماڻهو جنهن شعبي جي ڄاڻ رکي ٿو ان ئي شعبي جي ڪنهن به هڪ موضوع بابت هڪ سال ۾ رڳو هڪ ڪتاب يا مضمون لکي (هڪ ڏينهن ۾ سراسري طرح رڳو ڏهه سٽون لکجن ته به) پنجن ۽ ڏهن ورهين ڪان پوءِ اسان جو علم ادب ڪٿي وڃي پهچندو!؟ سمجهو ڪري ته سنڌ ۾ رڳو ٥- هزار ڊاڪٽر آهن ۽ انهن مان هر هڪ هر سال رڳو هڪ موضوع تي لکي ٿو ته پنجن ورهين ڪان پوءِ طبي ڄاڻ جي اڏام ڪيڏي اوچي هوندي! سمجهو ڪري ته سنڌ ۾ هڪ هزار انجنير، اٺ سَو وڪيل، سراسري طرح رڳو هڪ هڪ سَو ماڻهو ڪيمسٽري (ڪيميا)، فزڪس، باٽني (اوڀڙ+اڀياس= اوڀڙ ڀياس)، زولاجي (پسون+ اڀياس = پسونڀياس)، مٿميٽڪس (انگيياس)، فائين آرٽس، جاگرافي (ڌرتي ليکڻ، ڌرتي + اڀياس = ڌرتيياس)، جيالاجي (پونءِ + اڀياس = پونئيياس)، ايسٽرانامي (تاراڀياس)، ايسٽرالاجي (جوتش، نکٽ + اڀياس = نکٽيياس)، نفسيات (مَنُ + اڀياس = منڀياس)، سوشيالاجي (راڄ + اڀياس = راڄيياس)، پوليٽيڪل سائنس (سياستيياس)، ادب، تاريخ، فلسفي، مذهب، ٽيڪنالاجي (هنرڀياس)، آرڪيالاجي (جهوني + اڀياس = جهونيياس)، ٻوليءَ، فن، ثقافت، پرڏيهي نيتيءَ ۽ لاڳاپن ـــ مطلب ته علم جي هر شعبي ۾ موجود آهن ۽ اهي هڪ سال ۾ رڳو هڪ ڪتاب يا مضمون لکن ته سنڌيءَ ۾ علم جو ڪهڙو شعبو هوندو جيڪو وانجهو رهجي وڃي!؟

جيڪو به، ڄاڻ جي ڪنهن به شعبي ۾ پوسٽ- گريجوئيٽ يا پي.ايڇ.ڊي آهي ان کي ڪنهن نه ڪنهن موضوع تي تحقيقي مقالو لکڻو ئي پوي ٿو، رڳو اهو، رسما رسمي نه لکيو وڃي پر سچ پچ تحقيق ڪري سنڌي ۾ (به) لکيو وڃي ته "تاريخ تمدن سنڌ"، سنڌي ٻولي جو سماجي ڪارج" ۽ انهن جهڙا ٻيا جيڪر ڪيترا ڪتاب جڙي پون!؟

جيڪڏهن هر استاد پنهجي پنهنجي موضوع جي وس پڄي گهٽي ڪان گهٽي ڄاڻ پنهنجن پاڻکن تائين پهچائڻ سان گڏوگڏ لکي پڌري ڪري ڪرائي ته ڇا سنڌي ۾ علم ادب جا انبار نه لڳي ويندا، ڇا سنڌي ٻولي شاهوڪار نه ٿي پوندي ۽ ڇا سنڌي ثقافت جا اڪابر گڻ اجاگر نه ٿي پوندا!؟

*قوم ٿي زنده رهي، پر جي زبان زنده رهي.*

اڄو ته ايمانداريءَ ۽ سچائيءَ سان پنهنجيءَ سگهه آهر پنهنجي پتيءَ جو علمي ۽ عملي ڪم ڪريون. اڄ سنڌ جون خراب حالتون ۽ سنڌين خلاف سازشون ايترو ته زور وٺي ويون آهن جو جيڪڏهن اڃا به غافل رهياسين ۽ پنهنجي پتيءَ جو

فرض اورچائيءَ سان پورو نہ ڪيوسون تہ پوءِ پيار ۽ پاپوهہ سان ٿمتار هيءَ حسرت پري دانهن ياد رکجو:

*الا ايئن مَ هوءِ، جو ڪتابن ۾ پڙهجي،*
*هئي سنڌ ۽ سنڌ وارن جي ٻولي.*

# انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا/ سنڌي مهاڀولسڌ

جيڪڏهن هر سنڌ سڄڻ ماڻهو

*پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روحَ رهاڻ،*
*نڪو ڏونگر ڏيهہ ۾، نہ ڪا ڪيچين ڪاڻ،*
*پُنهون تيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.*

۽

*هر ڪو ماڻهو موتيءَ داڻو،*
*هر ڪو ماڻهو هيري ڪاڻ.*

جو جيئرو جاڳندو مثال ٿي ايري اچي، پنهنجين سمورين ڏاهپن ۽ ڏاتن کي واهپي ۾ آڻي تہ اسين جيڪر ذهني تہ ڇا علمي ۽ عملي انقلاب جو بہ سج اياري سگهون ٿا.

۽ فنا کان بچڻ ۽ پنهنجيءَ بقا لاءِ اسان کي اهو سج اپارڻو ئي پوندو.

اڄ جو ڪم آئيندي تي ڇڏڻ چون ٿا تہ عقل جي کوٽ جو نشانبر آهي تنهنڪري اڄو تہ اڄ ۽ هاڻي کان ئي پنهنجي پتيءَ جو فرض نڀائڻ شروع ڪيون.

سنڌي علم، ادب ۽ جدوجهد جي دنيا ۾ هزارين رنڊڪن ۽ ڏکيائين باوجود، جيئن لُڪَ لڳي تيئن رڪ ٿيا، جو مثال بنجي اسان جي ڪيترن ئي عالمن، اديبن ۽ ڪيترن سنڌ سڄڻ جدوجهد ڪندڙن ساراهہ جوڳو ڪم پئي ڪيو آهي. الهڙ شهزاديءَ کي سگهڙ شهزاديءَ ۾ بدلائڻ لاءِ سنڌي ٻولي کي سائنسي بنياد مهيا ڪري ڏيٺا آهن ۽ سائنسي بنياد مهيا ڪرڻ لاءِ پرک ۽ پروڙ، تحقيق ۽ تعليم، ايجاد ۽ اڪابريءَ جو هر ڪم ڪرڻو پوندو ۽ انهن مان هڪ ڪم، بهترين ثقافتي لقاءُ آڇيندڙ علمي هيري ڪاڻ ـــ انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا/ سنڌي مهاڀولسڌ ـــ جوڙڻ جو ڪم اسان جي آڏو آهي، جي واهر ڪندا ۽ هٿ ونڊائيندا تہ هڪ تاريخي جوابداري، علمي فرض پورو ٿي سگهندو.

اردو انسائيڪلوپيڊيا جيان رسمي خانہ پُري ڪرڻ کي علمي ويساهہ گهاتي سمجهون ٿا. اسان کي تہ منڍ ۾ بيان ڪيل ۽ ساراهيل علمي معيارن جا انسائيڪلوپيڊيا گهرجن.

*هلو تہ هلون ڪورئين نازڪ جنين نيهُ،*
*ڳنڍيين سارو ڏيهُ، چنڊ مور نہ سڪيا.*

ڳنڍڻ، جوڙڻ، ناهڻ، وڌائڻ، سينگارڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو اٿئون، ان ۾ توهان جو ڪردار ڪهڙو هوندو؟

# هڪ اداري جي گهرج

هڪ سٺو انسائيڪلوپيڊيا جوڙڻ جو ڪم عام حالتن ۾ ڪنهن پيٽ ۾ پوري بي وس بنايل ماڻهو جي سگهه کان ٻاهر آهي، ڪجهه ماڻهو به ڪو خاص ڪم ڪري نه سگهندا، هيءُ گهڻن ماڻهن جو ڪم آهي جن کي هڪ زبردست اداري يا ادارن جي سهڪار ۽ سرپرستي جي گهرج رهندي.

اڄوڪن سٺن انسائيڪلوپيڊيائن جا جوڙيندڙ پنهنجيءَ جاءِ تي جهڙوڪر يونيورسٽيون آهن. هن دنيا ۾ هر گهڙيءَ ملندڙ نئين ڄاڻ کي سهيڙيو پيو وڃي ته جيئن انسائيڪلوپيڊيا جي ايندڙ ڇاپي ۾ ان کي گڏ ڪري سگهجي ۽ جيستائين ايندڙ ڇاپو ظاهر ٿيئي تيستائين 'ساليانی ڪتاب' وسيلي ڇپجي ظاهر ٿيندي رهي.

سنڌي ٻولي جي خدمت ڪندڙ سرڪاري ادارو ڪو به ڪونهي. نيم سرڪاري ادارا، سي به "چار" جيڪي پڻ گهوٻين جو شڪار. سنڌي ادبي بورڊ ۽ سنڌالاجي بيشڪ شاندار ماضي رکن ٿا، پر ڇا اسان رڳو ماضيءَ جي سهاري تڙڳي سگهنداسون؟ ڇا اسان کي شاندار حال جي گهرج ناهي؟ سنڌ سائنس سوسائٽي جي ته جاءِ به پوليس جي قبضي ۾، سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتي تازو ئي ٻاراڻي ادب جي نالي ۾ ٻاراڻا ڪتابڙا ڇپرائي پڌرا ڪيا آهن. سنڌي ٻولي وسدار (سنڌي لئنگئيج اٿارٽي) نالي ادارو اڃا سوڌو رڳو اخبارن ۾ بيان ڪيل ڪوڙ کان مٿي نه چڙهيو آهي، ٻيو مڙئي خير. (گهرجي به خير، جيءُ آيئو، ڀلي آيئو، اسان ڏي به رب جون مهربانيون .... ٿيو هيئن ته.......) جيڪڏهن سنڌي ٻولي وسدار، سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتو، سنڌالاجي، سنڌي ادبي بورڊ يا ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز کي مالي مدد ڏئي يا سنڌي مهاٻرلسڌ وسدار (انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا اٿارٽي) جوڙي ايمانداريءَ سان ڪم ڪيو وڃي ته انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا ڇپائڻ جو ڪم ڪو ڏکيو به ڪونهي.

زبرا عالم رکندڙ هڪ زبري اداري جي گهرج آهي. اَن اَن هزار عالم انسائيڪلوپيڊيا جي سونهن ۽ سينگار لاءِ جاکوڙون ڪن ٿا. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا لاءِ اَن هزار عالم نه هجن، اَن سَو به نه هجن پر اَن عالم ته هئڻ گهرجن، جن کي وسدار بنائي، ڪجهه مددگار عملو ڏئي، هن تعليمي ۽ تخليقي ڪم لاءِ سيڙايو وڃي ته به 'صبر ۽ شڪر ڪاڏي آءُ ڪندي' جي صدا ٻڌي به صبر ۽ شڪر ڪندڙ، بيوس بنايل هيءَ سنڌي قوم سندن ٿورو ضرور مڃي ها ۽ هر گهڙيءَ غداري ڪندڙن جي خسيس لفاظيءَ تي ايڊيٽوريل ڪارا ڪري پٽڪا ٻڌائيندڙ اخباري-اڳواڻ ڪين پڌائي چوٽ ضرور چاڙهن ها.

مرڪزي توڙي صوبائي سرڪار کي سنڌي ٻوليءَ ۾ ثقافت لاءِ جيڪا حب آهي ان جو ذڪر ڪهڙو ڪجي!

سنڌي قوم جڏهن ايڏو سجاڳ ٿئي جو پنهنجا جائز حق ماڻي سگهي ان

ٿلها، مهانگا، سهڻا ۽ ستابا ويهه ٽيهه جلد هڪ وقت ڇپائڻ اسان لاءِ ممڪن ڪونهي، پنجن ڇهن عنوانن تي سهيڙيل مواد هر ڏينهن اخبار ۾ ڇپائڻ به سنو ڪونه ٿو لڳي. اسان کي بس هڪ ئي رستو سُجهي ٿو ته سٺ ستر صفحن جو ٻه گرات قد (ڊبل ڊيمي سائيز) ۾ ڪتابي سلسلو جاري ڪري ڇپايون (جيئن ان ڏهه ڪتاب هڪ جلد ۾ بند ڪرائي سگهجن) ۽ ائين وک وک وڌائيندا هلون، لاٽ ٻرندي رهي ۽ ساٿ هلندو رهيو ته اوس سوپارا ٿينداسون.

ڪيترن ئي علم دوست ماڻهن لکڻ ۽ ڇپائي جي ڪم ۾ سنڌ ۽ سنڌي ٻولي سان حب رکندي، اسان سان سهڪار ڪرڻ جو پابوهه پريو اظهار ڪيو آهي.

اسان سڀني علم دوست ۽ سنڌ سڄڻ ماڻهن ۽ ادارن کي وينتي ٿا ڪريون ته هن علمي پورهيي ۾ اسان سان پنهنجي سگهه آهر هر قسم جي هر ممڪن سهڪار ڪن، سنڌن ٿورائتا رهنداسون.

## ايڪيهين صديءَ جي آجيان

دنيا جو هر باشعور ماڻهو ۽ ملڪ پنهنجي پنهنجي سمجهه ۽ نيت موجب ايڪيهين صدي جي آجيان لاءِ اتاولو آهي ۽ اچرج ۾ وجهڻ جهڙا اتساهه ساندي رکيا اٿائين. ڪي ڪوڙ ڪري پنهنجي ٻوٿ تي ”آزادي، برابري، جمهوريت ۽ ڀائپي-سموري انسانذات لاءِ جو نقاب اوڍي ته ڪي وري سچ پچ اعلان ڪندي وقت جي پل مٿان اڳتي/ ڪري رهيو آهي. ڀانت ڀانت جا سچ ۽ ڪن وري ڪوڙ گڏ ڪري رکيا آهن.

- *محبت پائي من ۾، رندا روڙيا جن،*
  *تن جو صرافن، اٽوريو اگهائيو.*
- *چائت پائي چت ۾، سنهو ڪتيو جن،*
  *تن جو صرافن، ڏُڪو داخل نه ڪيو.*

جن سچ گڏ ڪيو آهي انهن کي سلام ٿا ڪريون ۽ جيڪي ڪوڙ گڏ ڪري وينا آهن انهن لاءِ ڦٽڪار موڪليون ٿا.

ايڪيهين صديءَ کي آچڻ لاءِ سنڌي قوم وٽ هن وقت ته رڳو ڏکن سورن ۽ سختين جو سرمايو آهي. اسان وٽ ٻي وسي، موڳائي ۽ مايوسيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه بچائڻ جو عهد ڪري چڪا آهن ڪوڙ جا پيروڪار. پر جيڪڏهن اسين سڀ، پنهنجي پوري ذهني ۽ جسماني سگهه ڪم آڻي: بس رڳو: جيڪو ڪجهه ڪري سگهون ٿا: اهو اوترو: پنهنجي پتيءَ جو فرض پورو پورو ادا ڪريون ته اها صورتحال بدلجي سگهي ٿي..... ۽ ايترو بدلجي سگهي ٿي جو ...... ٿي سگهي ٿو اسين هڪ مانَ شانَ واري، پنهنجن پيرن تي بيٺل، سگهي ستابي ۽ آجيل قوم جي حيثيت سان ايڪيهين صدي جي آجيان ڪري سگهون. جيڪو به پنهنجيءَ محبت جا رندا روڙي ايندڙ صدي کي آچيندو ان سان ساٿ ۽ سهڪار جو اظهار ڪندي، پنهنجي ٻاران ايري سيري حال آهر ايڪيهين صديءَ لاءِ انسائيڪلوپيڊيا/ سنڌي مهاٻولسڌ جي سوکڙي آچڻ جو ارادو ڪري چڪا آهيون.

# انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا

## "مواد سهيڙيو مهم"

## (ذاتيون ۽ ديهون)

سمورن علم دوست ۽ سنڌي سڄڻ ماڻهن کي گذارش ٿا ڪريون ته "**انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا**" جوڙڻ جي سلسلي ۾ اسان جي اها هر مدد ڪن جيتري سندن وس ۾ هجي. هزارين ماڻهن جي مدد گهرجي ۽ اهي ئي ماڻهو هن "**انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا**" جا مالڪ، خالق، سينگارينڌڙ ۽ سنوارينڌڙ هوندا. جنهن به موضوع تي جنهن به سڄڻ مواد موڪليو اهو مواد ان جي نالي سان ڇپيو ويندو. پڻ لکن ڪان به وڌيڪ موضوعن واري هن "**انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا**" جو ليکڪ هڪ ماڻهو هجي يا ڪجهه ماڻهو هجن اهو ممڪن ڪونهي. توهين پنهنجي من ۾ محبت رکي رنڌا روڙي موڪليو. توهان جون محبتون ۽ قرب گهرجن ۽ انهن کي ئي اسين مان ٿا ڏيون. اسان کي صرافيءَ جي هام ڪانهي پر ويڇن جي پاڙي ۾ وينا آهيون.

هيٺ "**الف**" سان شروع ٿيندڙ ديهن ۽ ذاتين جا نالا ڏجن ٿا، اسان کي انهن موضوعن تي هر ممڪن مواد گهرجي. "**الف**" سان شروع ٿيندڙ ڪنهن به ديهه يا ذات جو نالو ڇاڻائڻ جيڪڏهن اسان کان رهجي ويو هجي ته مهرباني ڪري اسان جي رهنمائي ڪندا.

## ذات

ذات جي سلسلي ۾ اسان کي ٿلهي ليکي هيٺ ڏنل ترتيب موجب (ڪي واڌارا ڪرڻا هجن ته انهن سميت) مواد جي گهرج آهي:

- حسب نسب
- آبادي، گهڻي آبادي وارا علائقا، ڪي به نمايان ڏنڌا وغيره.
- تاريخي اهميت جو ڪردار وغيره.
- نمايان ڪردار ادا ڪندڙ (ڪنهن به شعبي ۾) ماڻهو (جيئن، عرف عام سومرن مان دودي جي سورهيائي ۽ چنيسر جي غداري).
- ڪي خصوصي يادگار (جيئن سومرن جي روپا ماڙي).

آبڙ
آتلا
آتيلا
آچاريہ (فرقو)
آچو
آچيا
آرماڻي
آڏڙا
آڍا
آڍاڻي
آڍيجا
آراڊير
آراڻي
آرائين
آرڪاڻي
آريپوتا
آريجا
آريسر
آزاداڻي
آسر پوتا
آسريا (آسڙيا)
آڪاڻي
آگرا
آگرو
آلڪاڻي
آمُرَ
آمڙا
آهوجا
آٿري (بلوچن جي ڪڙمر)
ابدالي (پناڻن جي ڪڙمر)
ابڙا
ابڙيجا
ابڙينگ
ابو پوتا

آپيچَڙ
آتراڻي (بلوچن
جي قبيلو)
اُترائي
اُتيرا
اُٽ
اُپريا
اُجواڻي
اُجڻ
اُچَ
اُچوت
احمداڻي
احمداڻي (قبيلا)
احمدزئي
ارباڻي (بلوچن جو قبيلو)
اڏُ
اُڏيچا
اُڏا
اُڏڻ
اُڏيسي پوٽا
اُڍاڻا
اُڍا
اُڍاڻا
اُڍيچا
ارباب (ذات ۽ لقب)
اروڙا ذات
(هندو ۽ مسلمان)
اروڏ
اروڙا
اڙوڙَ
اروڙونسي
اسرار
اسراڻ
اسلامي
اشراف

اڪا
اگري
اگِٽ گهڪا
اُگرا
اگڙا
اگهاڙا
اگهاماڻي
اگهمر
اگهيمر
اگاريو
التزئي (بروهي قبيلو)
الحاڻي
اُلرا
اُلڪاڻي(بلوچن
جو قبيلو)
اَلڪاڻي
اُميگراڻي (پٺاڻي بلوچن
جو قبيلو)
اُنبجا
اُنبوہ
انيڙ
اُنڙ
انصاري
اُونگرَ
اوڻ (اعوان قبيلو يا
ذات)
اواڻا (قبيلو يا ذات)
اوياڙا
اوٿماڻي(قبيلو ۽ ذات)
اوٽَ
اونا
اوٿوال
اوٿي
اوڙ
اوڍا

| | | |
|---|---|---|
| اوڍاڻ | اوسيلا | ايري |
| اوڍاٽا | اوڳاھي | ايريو |
| اوڍيجا | اھير | ايسار (مزاري بلوچن جو قبيلو) |
| اوستا | آينڙا | اِيسَرَ |
| اوسواڙ | ايراني | |

## ديھہ

ديھہ جي سلسلي ۾ اسان کي تلهي ليکي هيٺ ڏنل ترتيب موجب (۽ ڪي واڌارا ڪرڻ هجن تہ انهن سميت) مواد جي گهرج آهي:
- تاريخي اهميت جي هر ڳالهہ / شيءِ.
- اڪابر ماڻهو، ڪنهن ڏنڌي / ڪرت ۾ نمايان اهميت وارا ماڻهو، اهم ڳوٺ ۽ شهر، خاص ڏنڌا وغيره.
- آبادي، تعليم، صحت ۽ عمل ۾ آيل ترقياتي رٿائون وغيره.
- ڪي بہ معاملا، مسئلا ۽ انهن جا حل.
- بي ڪابہ اهميت واري ذڪر جوڳي ڳالهہ.
- اهميت واري هر شيءِ - يادگار، ماڻهو، علائقي، جبل، ڍنڍ، ٻيلي وغيره جي مختصر (ننڍايل) چاڻ سجاڻ.
- گهڻي اهميت رکندڙ هر شَي جي تفصيلي (ڊيگهاريل) چاڻ سجاڻ.

| | |
|---|---|
| آباد (جيڪب آباد) | آبدار (ڪراچي) |
| آباد (ڏوڪري) | آبڙي (بدين) |
| آباد (روهڙي) | آبڙي (حيدرآباد) |
| آباد (سيوهڻ) | آبڙي (قمبر) |
| آباد (ڪنڊيارو) | آبڙي (گوني) |
| آباد (ڪوٽڏيجي) | آبڙي (ميرپور خاص) |
| آباد (ڪونڙي) | آتلاھ (ڊگهڙي) |
| آباد (ميهڙ) | آتشاھ (ڪپرو) |
| آباد (وارهہ) | آترڪي (شاهہ بندر) |
| آباد پانُچو (سجاول) | آتيلا (ڊگهڙي) |
| آباد جاگير (روهڙي) | آتيري (خيرپرو) |
| آباد جاگير (سکر) | آٿڙي (ٺَل) |
| آباد جاگير (ڪَڪڙ) | آپارو (جيمس آباد) |
| آباد ريو (سجاول) | آپن (جاتي) |
| آباد مِهلاڻي (سکر) | آچر سڏايو (ڳڙهي ياسين) |

آڏيڪامر (ننگر پارڪر)
آڏي ڏامراهو (وارهه)
آراڙو (جوهي)
آراڙو (سامارو)
آرائين (سکر)
آرائين (هالا)
آرگو (ڏگهڙي)
آريڙو (پنو عاقل)
آساسر (ڪپرو)
آڪيرو (ڪنڊ ڪوٽ)
آگاٽي (لاڙڪاڻو)
آگرو (پنو عاقل)
آلٽي (حيدرآباد)
آمري (ٽنڊو الهيار)
آنگاهو (سکر)
آنهُون (وارهه)
آهَرناري (ڪَڪڙ)
آهري (ڏگهڙي)
آهَريا (دادو)
آهوڙي (ڪڪڙ)
آئلپور (ٽنڊو باگو)
ابراهيم پٽافي (ميرپرو ماٿيلو)
ابراهيم مهر (گهوٽڪي)
ابڙي پوٽا (ڏوڪري)
ابڙيجاٽي (هالا)
ابڙي جي ٽرائي (جيمس آباد)
ابڙينگ (ڏگهڙي)
ابيلاٽي (وارهه)
اباوڙو (سکر)
ابلاک (سامارو)
اُپيور (سنجهورو)
اُپڙي (خيرپور)
اُتر ساوڙي (مورو)
اُتل مراداڻي (گهوٽڪي)
اجنال (جيمس آباد)
اُچَ (بدين)
اچڙو (بدين)
اختيار ويسر (ميرپور ماٿيلو)
اُڊوئي (نارو)
اُڊيجاٽي (ڊيرو محبت)
اُڊيجاٽي (سجاول)
اُرادو (فيض گنج)
اروڙ (روهڙي)
اروٽي (جوهي)
استيلو (دادو)
اسلام ڪوٽ، ڳوٺ ۽ ديهه (مٺي)
اڪاٽي (گوني)
اڪنڙَ (سيوهڻ)
اڪراڙو (مٺي)
اُڪراٽي (خيرپور رياست)
اُڪرو، ديهه ۽ ڳوٺ (فيض گنج)
اُڪڙو (بدين)
اُڪوٽو (ڏگهڙي)
اڪورِ (ٽنڊو باگو)
اڪري (روهڙي)
اڪري ڪسي (ڪوٽڙي)
اڪيراج (مٺي)
اگهاماٽو (ماتلي)
اگهمر (نوشهرو)
اگهيماٽي (حيدرآباد)
اَلرا (روهڙي)
الهه آباد (ٽل)
الهه آباد (روهڙي)
الهه آباد (ڳڙهي خيرو)
الهه آباد (ميروخان)
اَمحابو (جيمس آباد)
امروٽ (ڏوڪري)
امروٽ (ڳڙهي ياسين)
اُمَنُ (خيرپرو تعلقو)

امید پور (حیدرآباد)
امیر آباد (گهوٽڪي)
امیر آباد (ڳڙهي خیرو)
امیر بخش لغاري (میرپور خاص)
امیر شاهہ (ڳڙهي ياسين)
اميلاٽو (ڪراچي)
اميناڻي (دادو)
امين اوڪَر (ڪپرو)
امين نريڙو (بدين)
انبار (ميهڙ)
انڙ (رتوديرو)
انڙ پور (ڪوٽڙي)
انڙڪي (ٽنڊو باگو)
اُنڙڪي (گوني)
انگڙي (بدين)
انگئي (جوهي)
انهيري (فيض گنج)
اوجهري (بدين)
اوچيهڙ (پنو عاقل)
اوچو (ڪوٽڙي)
اوڏياڻو (شهداد ڪوٽ)
اَوَڏَ (سانگهڙ)
اوڍا (بدين)
اوڍا (ڳڙهي ياسين)
اوڍاڻو (ٺُل)
اوڍرڪي (گوني)
اوڍر والي (گهوٽڪي)
اورل (پنو عاقل)
اورنگ آباد (جيڪب آباد)
اورنگ آباد (ڳڙهي ياسين)
اوڪراڙو (عمر ڪوٽ)
اُنها ٽڏا (ڪپرو)
اُنهَرَ (ننگر پارڪر)
اوورڙي (ٽنڊو باگو)
اوهَانچو (هالا)
اُهبُ (ميرپرو ساڪرو)
اهڙا مار (ننگر پارڪر)
اهير (قنبر)
آئندي (فيض گنج)
اُيَٽپار (سانگهڙ)
ايراچو (شاهہ بندر)
ايراضي (گوني)
ايراضي سعدڪي (پنو عاقل)
ايراضي گهوٽڪي (گهوٽڪي)
ايلاچي (ڪپرو)
ايلچي (ٽنڊو الهيار)
ايلچي (ڪوٽڙي)
ايلچي (قنبر)

(روزانہ 'جاڳو' ڪراچي١٩٩١.15.10 تان ورتل)

# انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا

## مواد سهيڙڻ مهم

## (پسون، راڳ ساز، ڳهه، زيور، پرت جو نمونو ۽ ڪپڙو)

### پسون

"الف" سان شروع ٿيندڙ مختلف جانورن، جيتن، پکين ۽ ٻين ساهوارن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا. پسونيياس (زولاجي) جي ڄاڻن کي خاص گذارش آهي ته گهٽ ۾ گهٽ پسونيياسي نالو (زولاجيڪل نيمر) ۽ ان جي بدران ڪم ايندڙ عام انگريزي لفظ جي ڄاڻ ڏين.

١ - حسب نسب
٢ - سڃاڻپ
٣ - آبهوا (ملڻ، پلجڻ، وڌڻ، ويجهڻ وغيره جو هنڌ)
۴ - واڌ ويجهه جو طريقو
۵ - فوٽو گراف يا اسڪيچ
٦ - واسطيدار هر قسم جي ڄاڻ

"الف" سان شروع ٿيندڙ نالو جيڪڏهن رهجي يا غلط لکجي ويو هجي ته مهرباني ڪري ٺيڪ ڪندا.

آب زُلال، ڪينئون
آبياري، پکي
آبنوس، مڇي
آبوجهلي، پکي
آتش افروز (عنقا، سيمرغ، گرڙ پکا) پکي
آتش خوار (ڏسو، ققنُس) پکي
آتورو (ٽنڊڻ جو هڪ قسم) جيت
آٽيرڻ، پکي
آدم (اُٺ جو قسم) جانور
آڏڻ، پکي (ٻانڊي جو ڪانءُ - ٻگهلو)
آڙ (آر) جيت

آڙي، پکي (ٻولاهي؟)
آل، مڇي
آمر، مڇي
آٿيان (مانگر مڇيءَ جو قسم) مڇي
آونگ، مڇي
آهو (ڪَبوتر جو قسم) پکي
آهو (ڏسو، هرڻ) جانور
آهينُ (مک جو قسم) جيت
آئو، مڇي (ڄرڪو)
ابابيل، پکي
اُٺ منگل (گهوڙي جو قسم) جانور

## راڳ ساز

آبري، راڳڻي
آبري، سر
آپيري، راڳڻي
آڙو چوتال، وڄت
آڙي، راڳڻي
آسا، راڳڻي
آساوري (آساوري) راڳڻي
آساوري، ٺاٽ
آوھ، ساز
اُچاڙو، راڳ
اچڙوتي (يڪتاري وڄائڻ جونمونو)
امروھي (موسيقي جو هنر) (؟)
انتر نامي، وڄت
انترو (راڳ جو وچ)
اوچ سُر، موسيقي
اورنگي، موسيقي
اوغان، راڳڻي

## ڳهه، زيور

آگوٺي
ارتڙي (نٿ جو پرزو)
الپاڪ
الولَڪُ
الويڙ (ويڙهه، ڳهڻ وڪڙ چلو)
آلي (تڪلو)
اٺوٽ
اٺوٽي
اوگينٺو
ايرينگ (ايئر رنگ)
ايڪواٽي

## پوت جو نمونو ۽ ڪپڙو

آب روان (ململ جو قسم)
آٽ، توبي
آڏيو، ڪپڙو
آڏي تار
آڏي ڦري
آرُ، اوزار
آر ننڍي
آر وڏي
آرم، ڪپڙو
آڪ (آنڪ، آنڪ)
ابيڇٽي، ڪپڙو
اُٽ گهڙيو
اُجاڙ، سٽي جو ٿلهو ڪپڙو
اڏچني
اڏڙ ونج، چادر
اڏڙي
اڌ ڪوٽ
اڌوتر، ڪپڙو
اڌ
اَرمُ، ڪپڙو
اُرمڙو
اُرمق، ڪپڙو
اطلس ڪپڙو
اُفڙدو، ڪپڙو
اڪڙي
الاچو، ڪپڙو (ايلاچو)
الپاڪو (اُن مان ٺهيل ڪپڙو)
اُوٽي (بخيي جو نمونو)
اوٽي
اوڊيٽي (ڪنوار ڍڪڻ جي چادر)
اورنگزيبي (اورنگشاهي) ڪپڙو

(روزانہ ’جاڳو‘ ڪراچي 15.11.1991 تان ورتل)

# انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا

## مواد سهيڙيو مهم

## (وڻ، ٻوٽا، ڀاڄيون، گاهه، پرزا ۽ اوزار)

"الف" سان شروع ٿيندڙ مختلف وڻن، ٻوٽن، ڀاڄين ۽ گاهن وغيره جا نالا هيٺ ڏجن ٿا. اوپڙيياس (باٽني) جي ڄاڻن کي خاص گذارش آهي ته گهٽ ۾ گهٽ اوپڙيياسي نالو (باٽنيڪل نيم) ۽ ان جي بدران ڪم ايندڙ عام انگريزي لفظ جي ڄاڻ ڏين.

١ - حسب نسب

٢ - سجاٽپ

٣ - آبهوا (ملڻ، پلجڻ، وڌڻ ويجهڻ وغيره جو هنڌ)

٤ - واڌ ويجهه جو طريقو

٥ - فوٽوگراف يا اسڪيچ

٦ - واسطيدار هر قسم جي ڄاڻ

"الف" سان شروع ٿيندڙ نالو جيڪڏهن رهجي يا غلط لکجي ويو هجي ته مهرباني ڪري نيڪ ڪندا.

آبنوس، وڻ
آبنوس، پسارڪو وکر
آبُو، گل (ڏسو ڪُوٽي)
آتورو، وڻ ۽ ڦل
آتورو، وڻ ۽ ڦل
آتورو، پسارڪو وکر (ڪاري گيدوڙي)
آپوسي (انب جو قسم) وڻ
آچڙو، ٻوٽو
آچُو، وڻ
آچي (بانس جو قسم) وڻ
آڏيو (جوئر جو قسم) ٻوٽو
آڏ انگري، ول

آڏيري، ٻوٽي
آذر، گاهه (اگر، خستوري)
آراڙ، گاهه
آراڙي (جوئر جو قسم)، ٻوٽو يا گاهه
آرينو، وڻ ۽ ٻج
آڙڪ، گاهه
آڙو، ميوو
آزاد (سرو جو قسم) وڻ
آزاد، زهريلو وڻ
آسار، پسارڪو وکر
آساريو، پسارڪو وکر
آساندو (آساندو، آسانڌو، آساندو،

آسانگو) وڻ
آسرنَهه، وڻ
سڪند، ٻوٽي
آسَنَ، وڻ
آسنڍ (ٻهمڻ اڇو) پسارڪو وکر
آسوٽو، ول
آسوڏڙو، ٻوٽو
آسوڏڙو (لسي ڪَنڊِي جو قسم) وڻ
آفوس (انب جو قسم) وڻ
آڪَرُ ڪرهو، پسارڪو وکر
آڪونڊو، ٻوٽو
آڪونڊو (جابلو ڊِپ جو قسم) گاهه (؟)
آگر، گاهه(آذر)
آگهاڙو، ٻوٽو
آلرو (ڪيرولي جو قسم) گاهه
آلو بالو، ميوو
آلوبخارو، ميوو
آمڻ (توتيو، هيراڪس) پسارڪو وکر
آنورو، وڻ ۽ ڦَل
آنُ، گاهه
آهُر، ٻج
آهُوَ ٻير، پسارڪو وکر
اُبت ڪنڊي (گدڙ ول) ٻوٽو
اُٻهري (جوئر جو قسم) ٻوٽو
اُيرت (ڏٽ جو قسم) گاهه
اتڪ سرخ، پسارڪو وکر
اُتنگڻ، پسارڪو وکر
اُتَ ڪوڊِيرُ، ول
اُنڪَچورَ، پسارڪو وکر
اڇا پوپائي (سارين جو قسم) ٻوٽو
اڇا تُوت (توت جو قسم) ميوو
اڇا چٽا (چٽن جو قسم) ٻوٽو
اڇڙا (چانورن جو قسم) ميوو
اڇڙو (جوئر جو قسم) ٻوٽو
اڇو بازيگر (جوئر جو قسم) ٻوٽو
اڇو ٻڙانگ (سارين جو قسم) ٻوٽو
اڇو جيرو (جيري جو قسم) ٻج
اڇو ڪَارتُهو (جوئر جو قسم) ٻوٽو
اڇو گرگلو (جوئر جو قسم) ٻوٽو
اڇو گلاب (گلاب جو قسم) ٻوٽو
اڇو گلاب (چانورن جو قسم) ٻوٽو
اڇي تُري (جوئر جو قسم) ٻوٽو
اڇي ڪَوڏي،، ڪڏڙي (جوئر جو قسم) ٻوٽو
اُدُمبَرُ (انجير جو قسم) وڻ
ارني، گل
ارني (ٽانڪارو) ٻوٽو
ارٽي، گاهه
ارُوسو، ٻوٽو
ارهر (دال جو قسم) ٻوٽو، ميوو، ٻج
اڙڪَ گوار، گاهه
اُشترپائي، ول يا ٻوٽو
اشرفي، گل
افسنتين (گوماندر) پسارڪو وکر
اڪ، گاهه
اڪَڙُ، ٻوٽو
اڪڙي، ٻوٽو
اڪليل الجبل (Rosemary) ٻوٽو
آڪليل الملڪ (Nelibop) ٻوٽو
اڪرو، ٻوٽو
اڪروٽ، ميوو ۽ ول
اگر (عود؟) وڻ (؟)
اُگسٽي، گاهه
اگاري، ٻوٽو
الله جي ماني، ول
السي، ٻوٽو ۽ ٻج
اليٽي، ٻوٽو
املداس (چمڪٽي) پسارڪو وکر
اناپو (نيلوفر يا ڪُمر جو ٻج)
انب، ميوو ۽ وڻ

# انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا

## مواد سهيڙڻ مهم

## (ليکڪ)

"**انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا**" لاءِ **الف** سان شروع ٿيندڙ جن ليکڪن جا نالا گڏ ڪري سگهيا آهيون انهن جي وچور هيٺ ڏجي ٿي. هن وچور ۾ ڪن نالن کان سواءِ باقي سڀ اهي آهن جن سنڌيءَ ۾ يا سنڌ بابت لکيو آهي يا وري سنڌي ٻوليءَ ۾ سنڌن لکڻيون ترجمو ٿي چڪيون آهن. ڪجهه نالا اهڙا به آهن جن سنڌيءَ ۾ يا سنڌ بابت لکيو ته ناهي پر سنڌ ۾ اوپرا ناهن جيئن افلاطون ۽ ارسطو وغيره. اسين پليءَ پٽ چاهيون ٿا ته پنهنجي محدود وسيلن ۽ ڄاڻ جي ڪري اسان کان ڪيترين ئي ڪوتاهين يا ڪچايون ٿي سگهن ٿيون جن کي ختم ڪرڻ لاءِ ۽ هٿ ونڊائڻ لاءِ پنهنجن سڄاڻ قلم ڌڻين جو فرض سمجهون ٿا. هن وچور ۾ ڄاڻائي سگهڻ جهڙا ڪيترائي نالا پڪ ئي اسان کان رهجي ويا هوندا جن جي نشاندهي ڪري اسان جي رهنمائي ڪئي ويندي ته ٿورائتا رهنداسين. ڄاڻايل قلمڪارن بابت هيٺ ڏنل ترتيب موجب ڄاڻ موڪلي وڃي.

١. سڄو نالو ۽ قلمي نالو، فوٽو گراف يا اسڪيچ.
٢. پيءُ جو نالو.
٣. ڄمڻ جي تاريخ ۽ هنڌ (۽ جيڪڏهن مرتيو ٿيل هجي ته اها تاريخ ۽ هنڌ).
۴. پورو پتو.
۵. لکڻيون ــــ ڇپيل يا قلمي صورت ۾ موجود.
٦. حياتيءَ ۽ لکڻين جو هڪ عام جائزو.
٧. لکڻين جي خصوصي ۽ تفصيلي ڇنڊڇاڻ.

آتم انقلابي، آتما نام، آثار آرائين، آثم، آپٽي هري نارائڻ، آچار محمد، آچاريه راڄ گوپال، آخوند اي ايس، آخوند حاجي عبدالرحمان "انجم" هالائي، آخوند خير محمد، آخوند رشيد، آخوند زخمي هالائي، آخوند شفقت، آخوند عبداللطيف "عبد" صديقي، آخوند گل محمد هالائي، آخوند منور جي، آدرش، آدرش پٽنو، آدرين ايف، آدم علي ٽالپر مير، آڏواڻي ايل ڪي، آڏواڻي پيرومل مهرچند، آڏواڻي جي بي، آڏواڻي ڪوڙومل چيتمل، آڏواڻي ٿولرام شوقيرام، آڊين جي بي، آذر سنڌي، آذر ناياب، آرائين ايس اي، آرائين پروفيسر افتخار احمد، آرائين غلام عرفاني، آر اي جعفري، آر ايس شرما، آر ايم (حيدر بخش) سرهيو، آربيري اي جي، آر ڊبليو قادري، آردن وارڊ ڊبليو ايچ، آرچر جيفري، آرزو عزيز، آرزو ڪنول، آر ڪي نير، آريجو حافظ محمد، آريجو عبدالله، آريسر عبدالواحد، آريسر غلام مصطفيٰ، آريسر گل محمد، آريسر مير حسن، آريسر ثاقب، آرين (؟)، آزاد ابوالڪلام، آزاد بخاري، آزاد بروهي، آزاد جامڪيش، آزاد جي، آزاد خدابخش، آزاد زرداري، آزاد سائل، آزاد سبحاني، آزاد ميمڻ، آزاد ناياب صديقي، آسانند مامتورا، آس

قاضي مس، آسناڻي پڳت ڪيمچند پيمومل، آسواڻي نتومل، آسودو مل ٽيڪمداس، آسي زميني، آشا درگاپوري، آصف بالادي، آصف پهوڙ، آصف ناريجو، آصف علي جمون خان، آصف علي ميمڻ، آصف قاضي، آصف منياڻوي، آصف مصراڻي، آصف مصراڻي گلبدن، آغا بشير، آغا تاج محمد خان، آغا خواجا شاهه، آغا رفيق، آغا رياض، آغا سعيد، آغا سليم، آغا صوفي، آغا عبدالنبي آغا، آغا عبدالنبي خان عليگ، آغا عرفان الله، آغا عرفانه پروين، آغا قيوم، آغا لياقت علي، آغا محمد علي، آغا محي الدين حسن پروفيسر، آغا مسعود حسن، آغا منير، آغا مهدي حسن، آفاق صديقي، آفتاب ابڙو، آفتاب احمد چنڙ، آفتاب احمد قريشي، آفتاب احمد شاهه لڪياري، آفندي حسن علي، آقائي حسن قلعي "مستان"، آڪاش، آڪاش انصاري، آڪاش ڀنيرو، آڪاش سنڌي، اگرو الطاف حسين، اگرو عبدالله، اگرو غلام رباني، اگم جوکيو، آمنا رحمان، آنچل، آندري مارور، آندري گروميڪو، آنند رام "مخلص"، آنند رام طوطلداس، آنند ڪيماڻي، آنند گولاڻي، آنول ايم ڊي، آوتراءِ روپچند منچنديا، آهوجا امر راجنداس، آهوجا درشن ديدار، آهوجا سگن، آهوجو سميع، آءِ آءِ قاضي علامه، آءِ ڪي پيرزادو، آٺل مل نصرپوري، آير ٽياگراچا اي وي، آينگر ايم اي ايس، ا ب ت، ابرار علي انڙ، ابرار قاضي، ابراهيم اسير ملاح، ابراهيم جويو محمد، ابراهيم خشڪ، ابراهيم خليل شيخ ڊاڪٽر محمد، ابراهيم سنڌي، ابراهيم سومرو محمد، ابراهيم ڪرل، ابراهيم منشي، ابڙو امتياز، ابڙو انور، ابڙو اياز عالم، ابڙو ايس ايس زليخا، ابڙو بدر، ابڙو جوش، ابڙو حنيف، ابڙو خدابخش، ابڙو رعنا، ابڙو روبينا، ابڙو زاهده، ابڙو سرتاج، ابڙو سچل، ابڙو صفيا ڪنول، ابڙو طارق عالم، ابڙو طارق نفيس، ابڙو عبدالباري، ابڙو عبدالهادي، ابڙو عطاءُ الله، ابڙو غلام رسول هالائي، ابڙو قمرالدين، ابڙو قيس عالم، ابڙو محبوب، ابڙو منظور حسين، ابڙو منصور عالم "من"، ابڙو منور، ابڙو مير نواز، ابڙو نصرت حسين پيراڻي، ابڙو نياز، ابڙو هدايت الله، ابڙيجو زاهده مشتاق، ابن اثير، ابن بلخي، ابن جلال، ابن جوقل (محمد عبدالقاسم)، ابن حيات پنور، ابن دلگير، ابن سنڌ، ابن صفي، ابن گل سومرو، ابو اسلام عابد لغاري، ابوالحسن، ابوالعباد فقير ثناءُ الله، ابوالفات قابل خان شيخ، ابوالفضل علامه، ابوالقام نمڪين، ابوالڪلام آزاد، ابوالهاشم مولوي عبدالخالق ڪنڊ، ابوبڪر (هڪ جهونو شاعر)، ابوبڪر ايم، ابوبڪر شبلي، ابوبڪر شيخ، ابوبڪر صالح شيخ، ابوتراب، ابو جبران، ابو حسن بن محمد امين گلسند، ابو رضا، ابو زيدالحسن آف سان، ابو سهيل سنڌي، ابو شهباب رفيع الله، ابو طالب الحسيني، ابو ظفر مولوي، ابو محمد بديع الدين شاهه، ابو معاد، ابو ياسر، ابيٽسن سر ڊنزل چارلس، ابي عبيد عبيدالله بن عبدالعزيز، ابيليف پروفيسر جي آءِ، ابيناش سندر، اتم اي جي، اتم نڪر ڊاڪٽر (اتمچند نڪر)، اتمچنداڻي سندري، اثر، اثر سنڌي، اُپاڌيا ڪُرجي جاديوُ مير، اُپيندرا ناٿ پال، اجمل هدا پنو، اجمل بيگ مرزا، اجواڻي ايل ايچ، اڄڻ ظفر، اڄڻ عاجز، اڄڻ مرتضيٰ گوهر صالحاڻي، احساس فيروزالدين، احسان الله، احسان الله بدوي، احسان الله خان ڊاڪٽر، احسان ايس زيد، احسان دانش جمالي، احسان فقير لانگاهه، احسن الهاشمي، احسن چنا حافظ، احسن ڪربلائي، احسن موريائي، احقر احمداڻي ڊاڪٽر غزاله، احمد ايس امام، احمد ايس حسن، احمد ايم ڊي، احمد بخش ڏيپر، احمد بشير، احمد جميل، احمد جي چاڳلا، احمد چانديو، احمد ياڳلا (احمد جي چاڳلا)، احمد حسين ٽالپر، احمد خان، احمد خان "آصف" مصراڻي، احمد مصراڻي، احمد

قاضي، اسلم اي ميمڻ "مسافر" ننڊائي، اسلم پيٽي، اسلم ٽنيو، اسلم پرويز بن "واصف"، اسلم چنا محمد، اسلم ساريو ڪڪڙائي، اسلم سومرو، اسلم سنڌيلو، اسلم سي آر، اسلم شيخ "مهراڻ"، اسلم صديقي، اسلم عارباڻي، اسلم لاشاري، اسلم لغاري، اسليپنيانٽس ايم ٽي، اسماعيل ايس خواجہ، اسماعيل بن واصف، اسماعيل چانڊيو، اسماعيل خاصخيلي محمد، اسماعيل زاهد ملڪ، اسماعيل صادق، اسماعيل لغاري، اسمٿ اين ايچ، اسمٿ جي ڊبليو، اسمٿ ڊبليو، اسمٿ ونسينٽ اي، اسنيڊ روڊ منن اي، اسنيل گروو اي ڪي، اسوالڊ مٽيسالي، اسير قريشي، اسير ڪلياڻي، اسير ملاح، اشتياق احمد، اشتياق انصاري، اشتياڻي عباس اقبال، اشٽن سر ليگهہ، اشرف امر لاشاري، اشرف پيرچنڊاڻي، اشرف سومرو محمد، اشرف شاهہ، اشرف علي، اشرف علي "اشرف"، اشرف علي عباسي، اشرف علي منشي مير، اشرف مرزا، اشرف واصفاني، اشفاق آزر، اشفاق انصاري، اشفاق حسين سيد، اشفاق حسين عمراڻي، اشفاق سومرو، اشنر ايمرسن سي، اشوٽاما، اشوڪ بختاڻي، اشوڪ ڪمار ايل نانڪاڻي، اشوڪ لعل، اشير هاد لال، اصغر اي جي، اصغر جتوئي، اصغر چنا ڊاڪٽر، اصغر ساگر، اصغر سنڌي، اصغر سيتائي، اصغر گرزائي، اصغر حالو، اضعف هالائي، اطهر علي، اطهر منگي، اطهر موساڻي، اظهار سنڌي، اظهار سومرو، اظهر ٻانيڻ، اظهر فاروقي ڊاڪٽر، اظهر گيلاني، اظهر مولائي ميان، اعجاز، اعجاز الحق قدوسي، اعجاز اٽڙ، اعجاز ٻرڙو،، اعجاز ٽو، اعجاز پليجو، اعجاز جڙيل جتوئي لاڙبون، اعجاز حسين سومرو، اعجاز سنڌي، اعجاز شيخ، اعجاز علي خواجا، اعجاز علي راڄپر، اعجاز علي ڪوسو، اعجاز علي لاشاري، اعجاز محسن هاشمي، اعجاز ملاح، اعجاز منگي، اعجاز نوري، اعظم پيٽي، اعواڻ آزاد سچل، اعواڻ محمد سعيد، اعواڻ مسرت نواز، اعيانگر ڪرشنسوامي، افتخار احمد سومرو، افتخار حسين لغاري نواب، افروز شورو، افسر علي ايم پيٽو، افضال شاهد، افضال قادري ڊاڪٽر، افضال نعيم، افضل قادري، افضل قريشي ڊاڪٽر، افضل•لغاري ڊاڪٽر، افضل مسرپوري، افغان حاجي عبدالنبي، افلاطون، اقبال احمد مڪسي، اقبال اسرار سيهڙ، اقبال بلوچ، اقبال بن صديق قريشي، اقبال ترين، اقبال جتوئي، اقبال حسين قاضي، اقبال خشڪ، اقبال رند، اقبال سرڪڙي، اقبال ميمڻ حافظ، اقرا، اڪبر اديب، اڪبر ساگر، اڪبر سومرو، اڪبر سيد، اڪبر شاهہ سيد، اڪبر ڪنڊياروي "آزاد"، اڪبر گل سمون، اڪبر نظاماڻي، اڪبر نهڙيو "ناز"، اڪرام احمد ٽنيو، اڪرام ايس ايم، اڪرام حسين، اڪرام ساگر عباسي، اڪرام مغل، اڪرم ابڙو، اڪرم انصاري، اڪن محمد جمن دايو، اڪن محمد حسين دايو. اگاٿا ڪرسٽي، اگروال ڊي پي، الادويسي ابو عبيدالله محمد شريف، الانا امين غلام علي، الانا غلام علي خواجہ، الله بخش احمد زرئي حڪيم، الله بخش بروهي، الله بخش رانوڙ، الله بخش قريشي، الله بخش نظاماڻي، الله وڏايو سهاڳ، الاهي بخش بلوچ، الاهي بخش دوراپوري، الاهي بخش ساهووال، الاهي بخش لاڙڪ، الاهي چنا، البرٽ ڪاميو، البرٽو موراويا، البشام، البلاذري، ابن الحسن احمد بن يحيٰ، البيروني ابوريحان، الٽيڪر اي ايس، الستي فقير عبدالغفور، الطاف، الطاف احمد، الطاف احمد مغل، الطاف بيدار، الطاف جتوئي، الطاف حسين چوڌري، الطاف حسين شيخ، الطاف حسين نظاماڻي، الطاف سنڌي، الطاف شيخ، الطاف عاصي، الطاف قادري، الطاف ملڪاڻي، الطاف ميمڻ، العظيمي عزيز سولنگي، الف انقلابي، الف ع شيخ، الڪاڪ ليسلي اي، الڪرامي الياس،

المنفلوطي مصطفيٰ لطيفي، الهہ آباد مولوي، الهہ بچايو پنو، الهہ بچايو شيخ، الهہ بچايو لغاري، الهہ بچايو يار محمد سمون، الهہ بخش ايم نظاماڻي، الهہ بخش ٽالپر، الهہ بخش چانڊيو مولانا، الهہ بخش "سرشار" عقيلي، الهہ بخش کهڙو مخدوم، الهہ بخش مهيسر مولانا، الهہ بخش هاشمي مولوي ابوجهہ، الهہ جڙيو، الهہ جڙيو "شاد"، الهہ داد (الله داد)، الهہ داد بوهيو ڊاڪٽر، الهداد فيض سرهندي، الهداد مهيسر، الهڏنو اياز، الهڏنو خان پناڻ، الهڏنو ڪاڪا، الهڏنو گوپانگ، الهنواز رڪڻائي، الهنواز ناز، الهوڏايو سهاڳ، الهورايو اداسي، الهورايو ڀهڻ، الهورايو سجاد، الهورايو سولنگي سنڌي، الهورايو "طارق" شڪارپوري، الهورايو محمدي ڊاڪٽر، الهوسايو "ڪفشدور" ملا، الياس احمد، الياس اسلام، الياس بي يونس، الياس سيتاپوري، الياس عشقي، اليڪساندر سيراه وچ، الينا ڪاتسيوبا، الين ريو جي اين، امام بخش "خادم"، امام بخش ناديو، امام بخش مرزا، امام بخش ملاڻو، امام بخش "نياز"، امام راشدي، امام شغاني، امام علي بيگ "افسر" مرزا، امان الله، امان الله بگهيو گچيرائي، امان الله خان، امان الله سرهي، امان الله سومرو، امان الله شيخ، امان الله "مفلح" فقير، امان الله ناظر، امان پني، امان راهي، امان شيخ، امان علي "اظهر" سمون، امان ميمڻ، اسڪر جي آر، امبيڊڪر ڊاڪٽر جي آر، امتياز حسين قاضي "خيام"، امتياز عالم سمون، امتياز علي پرڙو، امتياز قريشي، امتياز منگي، امتياز ميمڻ ڊاڪٽر، امجد علي ايس، امداد چانڊيو، امداد حسين، امداد عباس فدا، امداد علي، امداد علي امام علي (آءِ آءِ) قاضي، امداد علي بروهي، امداد علي حداد، امداد علي ڪڏو (؟)، امداد علي کهڙو، امداد محمد شاهہ، امر، امر اقبال، امرتا بيدل، امرتا پريتم، امرتا سنڌي، امر جليل، امر ساهڙ، امر سنڌو، امر لعل وسٽمل هگوراڻي، امر لغاري، املہ البرٽ بي، امر ناصر، امن سنڌي، امياڻس ملر سليٽس، اميد خيرپوري، اميد علي زرداري، اميد علي شاهہ، اميد علي ميرجت، امير ابڙو، امير احمد، امير احمد عباسي مخدوم، امير بخاري، امير حسين شاهہ، امير حمزو مسافر، امير خسرو، امير صديقي مس، امير علي قادري، امير علي ڪاظمي، امين ارباب، امين ترين، امين ٽيبو منگرائي، امين ٽيبو، امين محمد صديقي مخدوم پير، امين محمد فهيم، امين مخدوم عمر، امينا صديقي، انب گوپانگ، انتخاب شاهہ، انجمن سومرو، انجم هالائي، اندرا هريش واسراڻي مسز، انڊڙ حافظ ارشد، انڙ مختيار، انڙ گلزار، انصار احمد سومرو، انصار اسلم مسرور، انصاري اي ايچ، انصاري ايم آءِ، انصاري ايم اي ايچ انصاري ايم ايم، انصاري بشير اي، انصاري ٽي اي، انصاري ڊاڪٽر علي محمد، انصاري ڊاڪٽر نور عالم، انصاري زهره جبين، انصاري سارنگ، انصاري شيخ صادق علي شير علي، انصاري فاروق، انصاري عبدالله، انصاري عثمان علي، انصاري قمر، انصاري مجروح عزيز هالا، انصاري مهرالنساءَ، انصاري نديم، انعام پنو، انعام پني، انعام شيخ، انعام عباسي، انقلابي امر اقبال، انقلابي طفيل مگسي، انگرسال رابرٽ گرين، انگليس چارلس سي، انندرام "مخلص"، انندرام مهر، انوار احمد قاضي، انوار پيرزادو، انوار سبحاني، انور، انور ابڙو، انورالدين احمد قريشي، اينور ايمار، انور پير، انور پيرزادو، انور خان بلوچ، انور ڏنگراڻي، انور سولنگي، انور سومرو، ڊاڪٽر انور عباس، انور عبدالعزيز، انور علي ح سومرو، انور عنايت الله، انور علي عبدالڪريم خواجا، انور نگار هڪڙو، انور ملاح، انور هالائي، انوبراڻي جي ڊي، انيتا غلام علي، انيس، انيس احمد عباسي، انيس الدين، انيس

ياڳو بيو

# پــــول ڳمـــاڙيتــو

آءٌ نہ عالم آهيان نہ اديب ۽ نہ ئي وري محقق يا مدبر، پر اهو فخر سو حاصل اٿم تہ انهن جي تخليقن جي پاڙي ۾ هڪ شاگرد . سيڪڙات جي جذبي سان جيئان ۽ سندن جاڻ جي منني مها ساگر مان هڪ اڌ سرڪي پري مينهن جي بوند جهپيندڙ سپيءَ جيان گدگد ٿيان پيو.

ريڊيو ۽ ٽي وي سنڌي پروگرامن ۽ سنڌي اخبارن، ڪتابن ۽ رسالن، مجچي ٿو تہ، سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري، سونهن ۽ سينگار جي سني خدمت ڪئي آهي ۽ ڪن پيا، پر مون کي ڏاڍي افسوس سان اهو بہ چوڻو ٿو پوي تہ، ڪڏهن ڪڏهن نہ، پر اڄ ڪلهہ اڪثر ڪري "شان" ، "فصل" ، "ڪتاب" وغيره جهڙن لفظن کي بہ جنس مُونث جي شڪل ۾ ڳالهايو/ لکيو وڃي ٿو ـــ"منهنجي شان گهٽجي نہ وينديءَ" ، "فصل ڪاٽي وئي" ، "ٽيبل تي ڪتاب رکي آهي" وغيره جهڙا جملا پنهنجي ڪنن سان ٻُڌا اٿم. اهڙيءَ طرح "لاش" ، "علم" ، "ڪتاب"وغيره جهڙن لفظن جو جمع "لاشون" ، "علمون" ، "ڪتابون" وغيره بہ ڇپائيءَ جي دنيا ۾ عام ڇپجي پيو. "هوٽلون" ، "مارڪيٽون" وغيره جهڙا انگريزي ڏاتو رکندڙ لفظ هتي جاثاتڻ بدران متي جاثايل لفظ خاص ڪري ان لاءِ ذڪر هيٺ آندا اٿم جو اهي لفظ سنڌيءَ جي پهرين ۽ ٻي درجي ۾ ئي پڙهايا وڃن ٿا ۽ اسان جي ڪيترن ئي "ليکڪ" ، "جاٺڪ" ۽ "پڙهاڪ" ماڻهن کي بہ جيڪڏهن انهن جي جنس ۽ جمع جي سُڌ ناهي تہ پوءِ پٽڻ ڪان سواءِ ٻي ڪا راهہ ئي نہ ٿي بچي! خاص ڪري اخبارن سنڌي ٻوليءَ کي وڌائڻ ۽ سينگارڻ سان گڏوگڏ بگاڙڻ ۽ سورهن سينگار ڪرائي مٿس ڦينگون چِٽڻ ۾، جيڪو ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ ڪن پيون ان تي اسان جي سڃاڻڪ ماڻهن پئي لکيو آهي جنهن جو اندازو حسام الدين راشدي جي مضمون "**سنڌي ٻوليءَ ڪي للڪار**" (1967) ڪان وٺي محمد اسماعيل عرساڻي جي مضمون "**اردو- سنڌي**" (1992) تائين ڪَتي سگهجي ٿو.

سنڌي ادبي بورڊ، سنڌالاجي، ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز، سنڌيڪا اڪيڊمي ۽ ان پائي جا ٻيا ادارا، فيروز احمد پارا ڪجهہ فرد وغيره پنهنجن ڪتابن، رسالن ۽ مخزنن وسيلي جنهن نموني سنڌي ٻوليءَ ۽ ان جي رسم الخط ۽ صورتخطيءَ کي نيڪ رکڻ جا جتن پيا ڪن اهي، بهرحال، ساراهڻ جوڳا آهن. ٻوليءَ کي درست لکڻُ، پڙهڻُ، ڇپڻُ ۽ ڳالهائڻُ هر فرد جو فرض ۽ ان کي بگاڙڻ علمي ڏوهہ آهي. آءٌ هڪ سنڌيءَ جي حيثيت ۾ ريڊيو ۽ ٽي وي ۽ اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن جي پيشڪارن، ايڊيٽرن، رپورٽرن، ليکڪن، ڇپائيندڙن، ڪمپوز ڪندڙن ۽ ٻين واسطيدار ماڻهن کي خاص طرح وينتي ٿو ڪريان تہ ٿورڙي ٻي ڌيانيءَ سبب

علمي ڏوهه ڪرڻ بدران ڪجهه ڌيان ڏئي جيڪڏهن پنهنجو علمي، ادبي، ثقافتي ۽ اخلاقي فرض پورو ڪندا ته هڪ ٻوليءَ جو تقدس برقرار رکڻ ۾ ساٿي ۽ سهڪاري ٿي پوندا سون.

ٻيو مسئلو آهي متبادل لفظ جو. مون پاڪستان ٺهڻ کان اڳ جا ڇپيل جيڪي به ڪتاب ۽ رسالا پڙهيا آهن انهن ۾ ٻوليءَ جي تقدس ڏانهن سنڌيءَ جي ليکڪن، پبلشرن ۽ ايڊيٽرن ۾ هڪ سڄاڻ رويو نظر اچي ٿو. ڪيترن ئي انگريزي، فارسي ۽ عربي لفظن جا نهڪندڙ مَٽُ لفظ ڳولي يا سنڌي مزاج ۽ ويا ڪرڻي اصولن موجب گهڙي ڪم آندا ويا. اڄ به ڪيترائي ليکڪ اهو ڌيان رکن ٿا پر مجموعي طرح ائين ٿو لڳي، ڄڻڪ، انتظار ٿو ڪيو وڃي ته ڪنهن نئين يا نئين نموني واهپي ۾ آيل لفظ جو متبادل پهريائين اردو اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن ۾ ڪم اچي ته پوءِ اهو بنا ڪنهن ضروري ڌيان ڏيڻ جي، اکيون پوري، انڌو نقل ڪندي سنڌيءَ ۾ هلايو وڃي. ان قسم جا به ڪيترائي مثال ڏئي سگهجن ٿا پر ڊگهه کان بچڻ لاءِ هتي رڳو به مثال ڏجن ٿا، هڪ آهي "ماحولياتي آلودگي" ۽ ٻيو آهي "نجڪاري".

"ماحولياتي آلودگي" انگريزي لفظ "اينوائرومينٽل پولوشن" (Environmental Pollution) جي بدران ڪم آندو وڃي ٿو. "اينوائرمينٽ" جو مطلب آهي اوسوپاسو، پسگردائي، جيڪو ڪجهه هر پاسي موجود هجي، ماحول وغيره، ۽ پولوشن" جو مطلب آهي ناپاڪي، پليتائي، گدلاڻپ، گدلاڻ، آلودگي وغيره. انگريزي ۾ ڪنهن گهربل لفظ جي پويان "al-" پڇاڙي طور ملائبي "-جو" (-جي) يا "-وارو" (-واري) مطلب ورتو ويندو آهي يعني ان انگريزي اصلاح جو مطلب آهي "ماحول جي گدلاڻ".

"ماحوليات" جو مطلب آهي "ماحول جو علم"، "ماحول بابت ڄاڻ" وغيره. "ماحولياتي" جو مطلب آهي "ماحول بابت علم جي" ۽ "آلودگي" جو مطلب "گدلاڻ" يعني "ماحول بابت علم جي گندگي" يا "ماحول بابت ڄاڻ جي پليتائي" معنا ۽ مطلب جي لحاظ کان اهو متبادل يا ترجمو ڪيڏو نه ڪِل جوڳو ۽ جاهلاڻو ٿي پوي ٿو!

لفظ "ماحول" ئي متبادل طور آڻٿو آهي ته "ماحول جي"، "ماحولي"، "ماحولائي"، "ماحولاري" صورتون ئي "اينوائرومينٽل" جو نسبتن بهترين متبادل آهن ۽ "آلوده" جهڙي اوپري لفظ بدران گدلاڻپ، گدلاڻ، گندگي وغيره. "ماحول-بابت- علم- جي- گندگي" بدران ڇا اهو وڌيڪ سنو ناهي ته "ماحولي گدلاڻ" لفظ ڪم آڻجن؟

اهڙي صلاح "**جاڳو**" ڪي ڏني وئي. ان "آلودگي" بدران گدلاڻ - گدلاڻپ ته ڪم آڻڻ شروع ڪيو پر افسوس ته اصلي، ڪارائتي لفظ ماحولي / ماحولائي تي مناسب ڌيان نه ڏنو. جيئن "هيئرنگ" (hearing) جي متبادل اوپري لفظ

"شنوائي" بدران "ٻڌڻي" جهڙو پنهنجو سنڌي ۽ سڀ ڪي سمجهه ۾ ايندڙ لفظ ڪم آندو ويو تيئن هڪ مڪمل اوپري، جاهلاڻو ۽ غلط لفظ / اصطلاح بدران ڇو هڪ صحيح ۽ سڀ ڪي سمجهه ۾ اچي سگهندڙ لفظ / اصطلاح "ماحولي گدلاڻ" ڪم نه آندو وڃي؟

"نجڪاري" انگريزي لفظ "پرائيويٽائيزيشن" جي بدران ڪم آندو ويو آهي. "پرائيويٽ" (Private) جو مطلب آهي "حڪومت يا سڀني ماڻهن جو نه، پر هڪ ماڻهو يا ڪجهه ماڻهن جولاءِ يعني خانگي، شخصي، گروهي". ان ڪري "پرائيويٽائيزيشن" (Privitization) جو مطلب ٿيو (۽ آهي) "حڪومت يا سڀني ماڻهن کان ڦيرائي خانگي، شخصي، گروهي (نجي، انفرادي) مالڪي هيٺ ڏيڻ / ڪرڻ." سنڌي ۾ "نج" جي معنا آهي بنا ملاوت، خالص، صاف، شڌ، اٽميل، نجو، صفا، نيٽ، سنو، نرمل، پرتر وغيره، ۽ "ڪار" جو مطلب آهي ڪرڻ / ڪندڙ. اهڙيءَ طرح "نجڪاري" جو مطلب ٿيو (۽ آهي) "نج ڪرڻ جو (عمل)". جڏهن ته "نجي" جي معنا اها ساڳي "نج" واري به آهي ۽ ان سان گڏ ذاتي، شخصي، خانگي به، ان ڪري "پرائيويٽائيزيشن" جي بدران نجڪاري کان وڌيڪ نسبتن نهڪندڙ لفظ "نجڪاري" نه پر "نجيڪاري" ۽ اڃا به "خانگائڻ" آهي، جيئن اڄ ڪلهه "**ڪاوش**" ۾ اڪثر ۽ ٻين اخبارن ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪم آندو وڃي ٿو.

اسان جا ڪيترائي "پڙهيل"، "ڄاڻو" ۽ "ليکڪ" ساٿي، سچ اهو آهي ته "-يات" جو مطلب "علم"، "ڄاڻ" نه ٿا سمجهن، ۽ لفظ تي گهربل ڌيان نه ٿا ڏين. جيڪڏهن اهي گهربل ڌيان ڏيندا هجن ها ته پوءِ "علم حياتيات"، "علم نباتات"، "علم نفسيات"، "علم معدنيات" وغيره جهڙا لفظ ڇو لکن ها؟ مون کي سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته اها ڪهڙي قسم جي "علمداني" آهي، اهي شايد اردو وارن کي به، سنڌين سان گڏ، سيکت ڏيڻ گهرن ٿا!

اسين پنهنجي اندر ۾ ٻوليءَ جي ڄاڻن کي ڏاڍي عزت ڏيون ٿا، ڀلي اهي اسان کي نه سڃاڻندا هجن، اسين ڪين عزت جي نگاهه سان ڏسندا ئي رهندسون. پر اهو به سچ آهي ته انهن مان به ڪجهه، يا گهڻا، سنڌي ٻوليءَ جي سڌاري ۽ سينگار تي گهڻو ڌيان نه ٿا ڏين، ۽ جي ڌيان ڏين به ٿا ته پاڻ کي مناسب نوان گهاڙيتا، نوان لفظ، بهترين متبادل نه ٿا جوڙين ۽ ۽ اڪثر ڪري "-يات" پڇاڙي ئي ڪم آڻين ٿا. ٿيڻ ائين کپندو هو ته اهي خاص ڌيان ڏئي، سيڙجي ويهي، سوچي سمجهي اسان کي سٺا متبادل لفظ ڏين ها ۽ انهن کي خاص طرح علمي رسالن / اخبارن ۾ پڌرو ڪن ها ته جيئن سڀني لاءِ هدايت ۽ روشن راهه موجود هجي.

"سائنسداني"، "صابڻداني" ۽ "مڇرداني" جهڙن لفظن تي ٿورو ڌيان ڏئي ڏسو، ڪيئن ٿا ڀانيو؟ "نفسياتدان"، "ڪيمياڊان"، "گلدان"، "پائدان" "پاندان" ۽ "خاندان" تي به سوچيو! اسين "-دانن" ۽ "-دانين" جي سلسلي ۾

ڏاڍا پاڻيرا ٿي ويا آهيون، جي جند نہ ٿا ڇڏائي سگهون تہ انهن کي اتي ئي ترسائجي.

ٿيون مسئلو هي آهي تہ، اڄ ڪلهہ سنڌي ۾ سوين نہ پر هزارين اهڙا لفظ ڪم اچي رهيا آهن جن جي ڪيترن ئي لکندڙن کي بہ معنا نہ ٿي اچي. ليڪڪ جيڪڏهن پنهنجي قلم سان لکيل لفظ جي معنا نہ ٿو ڄاڻي تہ پڙهندڙ جو ڪهڙو حشر ٿيندو؟ مثال طور، اسان وٽ "ايگزيڪيوٽو (Executive)، "ايڊمنسٽريشن" (Administration)، "مئنيجمينٽ (Management) ۽ "اسٽئبلشمينٽ" (Establishment) جي متبادل طور هڪ لفظ "انتظاميا" ئي اڪثر ڪري ڪم ايندو آهي يا اهي لفظ ساڳي انگريزي اچار ۾ لکيا ويندا آهن. انگريزي ۾ انهن لفظن جي واهپي جو دائرو بيو بيو آهي. جيڪي ماڻهو اهڙا لفظ لکن، ڇپن، پڙهن، ڳالهائن ٿا انهن کان معنا تہ پڇي ڏسو! اهڙيءَ طرح "يونين ڪائونسل" ۽ "ميونسپل" کان وٺندي "اسيمبلي" ۽ "سينيٽ" تائين، "چيئرمين" ۽ "چيف آف اسٽاف" ۽ "فيلڊ مارشل" تائين، "ڪمپني" ۽ "اسڪواڊ" کان وٺندي "ڊويزن" ۽ "ڪور" تائين وغيره، ڇا اهڙن لفظن جا متبادل ڳولهڻ ناممڪن آهي؟ يا ڳولهي نہ ٿا سگهون!

مون جڏهن پهريون ڀيرو "مادي پرست" ۽ "خيال پرست" جهڙا لفظ سنڌي ۽ اردو ۾ پڙهيا تڏهن مون کي آتش پرست ۽ بت پرست جهڙن لفظن جي ئي خبر هئي، تنهنڪري مون انهن لفظن جي معنا بہ اها ورتي تہ اهي ماڻهو جيڪي "مادي" ۽ "خيال" جي پوڄا ڪن ٿا. وڏيڪ پڙهڻ سان خبر پئي تہ "مادي پرست" ۽ "خيال پرست" جي مون پاران سمجهيل معنا ئي غلط نہ هئي پر اهي متبادل بہ غلط هئا.

اهي لفظ "مٽيريلسٽ" (Materialist) ۽ "آئيڊيلسٽ" (Idealist) جي بدران ڪم آندل هئا ۽ انگريزي ۾ انهن لفظن جي جيڪا معنا هئي (۽ آهي) اها "مادي پرست" ۽ "خيال پرست" لفظن مان ڪنهن بہ طرح ظاهر نہ ٿي ٿئي. جيڪڏهن اهي متبادل صحيح هئا تہ پوءِ "ڊاروِنسٽ" (Darwinist)، "مارڪسسٽ" (Marxist)، "ماچسٽ" (Machist)، "ٿامسٽ" (Thamist)، "اسڪيپٽيسٽ" (Scepticist) وغيره جهڙن لفظن جي متبادل طور "ڊارون پرست" (ڊارون جو پوڄاري)، "مارڪس جو پوڄاري"، "ماچ جو پوڄاري"، "ٿام جو پوڄاري"، "شڪ جو پوڄاري" (شڪ پرست) وغيره لفظ ايندا، ڇا اسين انهن معنائن سان متفق ٿينداسون؟ انگريزي ۾ ڪنهن لفظ جي پڇاڙي طور جڏهن "ist-" (-اسٽ) ڪم ايندو آهي تڏهن ان جي معنا هوندي آهي ڄاڻايل لفظ (فرد جي نڪتہءِ نظر يا لفظ جي مطلب) کي "سنئو سمجهندڙ"، مڃيندڙ"، "صحيح سمجهندڙ"، "پوئواري ڪندڙ" وغيره جنهن کي "پرست" (پوڄاري) ڪنهن بہ نموني واضح نہ ٿو ڪري.

ساڳيءَ طرح، انگريزي ۾ گهربل لفظ پنيان "ism-" (ازم) پڇاڙي ملائڻ سان جائيل لفظ (فرد جي نڪتہ نظر يا لفظ جي مطلب) واري "تعليم"، "اصول"، "سوچ"، "جدوجهد" يا ان جون "مخصوص خاصيتون رکندڙ" هوندو آهي، جنهن کي وري "پرستي" (پوڄا بندگي، عبادت) لفظ ڪنهن بہ نموني ظاهر نہ ٿو ڪري. انگريزي ۾ مخصوص نالي پنيان "-ازم" پڇاڙي ڳنڍجي "سوڪريٽزم" (Socratism)، "ايپيڪيوريزم" (Epicurianism)، "پلاٽونزم" (Platonism)، "مائوازم" (Maoism)، "فرائيڊزم" (Freudianism)، "لينزم" (Leninism) وغيره، ۽ مخصوص عمل، نڪتہ نظر، تعليم يا جدوجهد پنيان "فيوڊلزم" (Feudalism)، ڪئپيٽلزم" (Capitalism)،"فيٽشزم" (Fetishism)، "فارملزم" (Formalism)، "فاشزم" (Fascism)، "نازي ازم" (Naziism) وغيره جهڙا لفظ ٺهيا آهن.
اهو جاڻڻ کان پوءِ جڏهن "مادي پرست" ۽ "مادي پرستي"، "خيال پرست" ۽ "خيال پرستي"، "سامراج پرست" ۽ "سامراج پرستي" وغيره جهڙن لفظن تي سوچيم تہ اچرج ۽ ڏک سان گڏ کل بہ وڃي وئي تہ نيٺ اهي کهڙي قسم جا لساني - ماهر آهن جن پنهنجيءَ ٻي ٻوليءَ جو ائين هٽ وڃي ٻيڙو ٻوڙيو آهي!
سمڪ پئي تہ اهو سڀ ڪجهہ پنهنجن جي اڻڄاڻائيءَ ۽ نقاليءَ ۽ اردو ٻوليءَ ۽ ان جي "لسانياتدانن" جي ڪري ٿئي ٿو. ( اردو حقيقت ۾ هندي ٻولي ئي آهي جنهن کي عربيءَ، فارسيءَ ۽ انگريزيءَ جون چٽيون هڻي هنديءَ کان نرالي، ڌار، نمايان، مسلمان ۽ جديد بنائڻ جي جتن ۾ خود اردو- ڳالهائيندڙ کي بہ زمين تان پٽي، پري ڪري ۽ ٻي پاڙو بنائي هوا ۾ لٽڪايو ويو آهي).
ٻوليءَ جي فطري واڌ ويجهہ تڏهن ٿئي ٿي جڏهن ان جون پاڙون ڌرتيءَ ۾، ڌرتيءَ وارن جي اندر ۾، راڄ، سماج ۾ پيهي ويل هجن. سنڌي ٻولي کي، سنڌس ياڳ جو، اهو مان ۽ مرتبو مليل آهي. پر هاڻي اردوءَ وارن نقالن جو بہ نقل ڪندي اهڙن هزارين لفظن وسيلي "عام" (عموماً ٿورو يا اڻپڙهيل) ۽ خاص" (عموماً انگريزي پڙهيل يا پاڻ کي "پڙهيل" طور ظاهر ڪندڙ) جي وچ ۾ وڇوٽي پيدا ڪئي وئي آهي، "عام" جي ٻولي "خاص" گهٽ ٿو سمجهي ۽ "خاص" کي بہ "عام" مڙيوٽي ڪجهہ گهٽ ٿو سمجهي. "عام" انهن "پرستن" ۽ "پرستين"، "-ياتن"، "-دانن" ۽ "دانين" کي نہ ٿو سمجهي، ۽ سچي ڳالهہ ڪجي تہ، "خاص" بہ ڪو خاص واقف ناهي. آءٌ پنهنجي مشاهدي جي بنياد تي پڪ سان چئي سگهان ٿو تہ هزارين سنڌي پڙهندڙ، لکندڙ ۽ ڳالهائيندڙ اهڙيءَ ئي "اڻڄاڻائيءَ واري جاڻ" جو شڪار آهن.
نهڪندڙ، مناسب ۽ سولا متبادل ڳولڻ يا گهڙڻ ٻوليءَ جي عالمن ۽ سگهڙن جو ڪم آهي. هن وقت **"سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو"** (جنهن لاءِ پڻ سنڌيءَ جا ڪي نهڪندڙ ۽ مناسب لفظ هجڻ گهرجن) اڏاوت جي مرحلن ۾

آهي، تڏهن بہ اهو يا "**سنڌالاجي**" (!) يا "**سنڌي ادبي بورڊ**" (!) يا "**پٽ شاهہ ثقافتي مرڪز**" يا اهي سڀ پاڻ ۾ سهڪار ڪري ئي ٻوليءَ جي ماهرن، سڄاڻن ۽ سگهڙن جو اهڙو مجاهد جٿو جوڙي سگهن ٿا جنهن وسيلي سنڌي ٻوليءَ ۾ آيل نون، ۽ خاص طرح ذڪر ڪيل ۽ ذڪر هيٺ ايندڙ لفظن جا نهڪندڙ متبادل (!) سنڌي لفظ ڳولڻ ۽ ناهڻ جو ڪم ٿي سگهي.

سنڌي ٻوليءَ جا ڪيترائي گهڻگهرا پنهنجيءَ ڄاڻ آهر اهڙو مثبت جتن ڪندا رهيا آهن پر سنڌن جوڙيل / ڪوجيل لفظ جيستائين ڳنڍپ جي (ڳانڍيو) وسيلن ("ذرائع ابلاغ" (Media's of communication) (!) وسيلي عام نہ ٿا ٿين ۽ سڀ ليکڪ ۽ لکڻ پڙهڻ سان واسطيدار ماڻهو انهن کي هر هر ورجائي عام نہ ٿا ڪن تيستائين انهن جو عام ٿيڻ ۽ "عامَ" (لوڪ) جي سمجهہ لائق ٿيڻ لڳ ڀڳ ناممڪن آهي، پوءِ حالت اها ئي هوندي جو طوطي جيان معنا ۽ مفهوم سمجهڻ بنا اچار (لفظ، ٻول) پيا اچاريا ۽ نقل ٿيندا رهندا جنهن جو، نيٺ بہ تہ، سنڌي ٻوليءَ جي جذب ڪرڻ، پنهنجو ڪرڻ، پنهنجي مزاج موجب سمائڻ واري ڏات تي خراب اثر پوندو.

سنڌيءَ ۾، پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ خاص طرح، اردو "لسانياتدانن" جو نقل ڪندي انگريزي لفظ پنهنجيءَ اصل شڪل ۾، يا، "-يات" (علم، ڄاڻ، سائنس، فن يا سائنس جي شاخ هجڻ جي حالت ۾) ۽ "پرستي" يا "پسندي" (نظريي، نڪتہ نظر، جدوجهد جي حالت ۾) ڳنڍي مرتب ۽ مرڪب لفظ جي صورت ۾ پٽي هلايو آهي. ساڳيو قصو "-دان" (ڄاڻڪ، ڄاڻو، سڄاڻو جي حالت ۾ ) ڪنهن بہ مفرد، مرتب يا مرڪب لفظ سان ڳنڍي هلايو ويو آهي، انهن جا مثال ڏنل آهن. پر تجربو ۽ مشاهدو ٻڌائي ٿو تہ انهن ۽ اهڙن لفظن جي مخصوص معنا ۽ مفهوم رڳو اهي ئي ڄاڻن ٿا جن انهن لفظن جي صحيح وصف ۽ وضاحت انگريزي ۾ پڙهي آهي، نہ تہ ٻين لاءِ اهي لفظ "دٻي ۾ ٺڪريون" يا "طوطي وارو رٽو" آهن، ماڻهو اهي ورجائن تہ ٿا پر منجهن سمجهڻ ۽ ڪانئن سمجهائي سگهڻ جي اميد رکڻ ٻٻرن کان ٻير گهرڻ آهي.

گذريل ٻاويهن ورهين کان، جڏهن کان آءٌ سنڌي ٻوليءَ بابت بہ ايرو سيرو پڙهندو پيو اچان، مون کي اوسيئڙو پئي رهيو آهي تہ من ڪي عالم، سنڌي ٻوليءَ جا سڄاڻو، گهڻگهرا ۽ سگهڙ ان پاسي تي بہ ڪو ڌيان ڏين ۽ ان ڪمزوريءَ کي نيڪ ڪرڻ لاءِ ڪي اثرائتا اپاءَ وٺن يا پير کڻن پر تانگهہ اجا نہ لٿي آهي.

آءٌ پنهنجيءَ محدود ڄاڻ جو اقرار ڪندي، هڪ سيکڙاٽ ۽ شاگرد جي حيثيت ۾ اهڙن ڪجهہ لفظن جي متبادل طور پنهنجيءَ سمجهہ آهر ڪي لفظ تجويز ڪيان ٿو ان اميد سان تہ سنڌي ٻوليءَ جا گهڻگهرا ان تي ڌيان ڌري انهن کي سنڌي ٻوليءَ جي قاعدن، قانونن، اصولن ۽ مزاج موجب تيار ڪندا يا ڪي ٻيا مناسب متبادل لفظ ڏيندا. آءٌ توهان سان اتفاق ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، ڇا توهين بہ مون سان اتفاق ڪرڻ تي راضي آهيو؟

رڪندڙ متو، اصول، عقيدو، تعليم، سکيا، سڌانت، سمجهه يا سوچ، عمل، ڪم، عادت، واهپو، مشق يا دستور، مذهبي ٽولو، پروسو، ايمان، نياءُ وغيره.

ڪنهن به فرد يا ٽولي پاران مخصوص تعليم، سمجهه، نڪتهء نظر، نظريي يا اپياس جي ڪري، يا ان پٽاندر ڪيل عمل، سرگرميءَ يا عادت يا ان تي پروسو، اعتقاد، ايمان، ويساهه رکڻ جي ڪري، انگريزي ۾، ان فرد يا ٽولي يا لقاءَ يا نڪتهء نظر يا ڪوجنا يا سرگرميءَ جي نالي پنيان "-ازم" پڇاڙي ڳنڍي هڪ نئون اصطلاح وجود ۾ آندو (گهڙيو، ناهيو) پئي ويو آهي. ان ڪري ڇو ائين نه ڪجي ته سنڌيءَ ۾ هلندڙ طريقي موجب ڪنهن به فرد، ٽولي، نڪتهء نظر، لقاءَ يا سرگرميءَ يا نالي (لفظ) پنيان "متُ" ڳنڍي هڪ نئون اصلاح وجود ۾ آندو (ٺاهيو) وڃي؟

"-اسٽ" پڇاڙيءَ جي ساڳيءَ ڊڪشنريءَ ۾ هيءَ معنا ڏنل آهي:

-ist/- Ist/suff (n+~=n) 1- agent of an '-ize'v : dramatist; publicist. 2- follower, practiser of an "-ism" industerialist; fascist. 3- person concerned with a specific activity or thing: tobacconist; motorist.

يعني

-اسٽ / اسٽ / پڇاڙي (اسم +- اسٽ = اسم) ١. "-ائڻ".... (-ارڻ) جو نمائندو جيئن (ڊرامائڻ، ناٽڪائڻ مان) ناٽڪي (ناٽڪيار):، ليکڪ. ٢- ڪنهن "ازم" (-مت) جو پوئلڳ، ان تي هلندڙ: صنعتڪار (!) فاشسٽ (!). ٣. ڪنهن به خصوصي سرگرميءَ يا شي سان واسطيدار: ٽوبيڪونسٽ (!): موٽرسٽ (!)

جيئن "-ازم" بدران سنڌيءَ ۾ "مت" رکڻ / مقرر ڪرڻ جو خيال آيو تيئن، فطري هو ته، "-اسٽ" جي بدران "متارو"، "متيو"، "متي" يا "متر" ذهن ۾ اچي. "جامع لغات سنڌي" ۾ "متيو"، "متي" ۽ "متر" لفظ موجود ناهن، "متڙيو" به ناهي، باقي "متارو" سو آهي جنهن جي معنا هيءَ ڏنل آهي:

• متارو ج متارا: ذ صفت. (سن مَدَ = مستي) ٿلهو - موٽو (بدن ۾) پريل - ڌُنبو - ڏٽو مٽو - سٽر وَٽر - چوبڪو - ڏمتال - جبرو - جانٺو - جنگ - سُٽر - يَٺو - جٽو - زٽو - ڦوڦانگ - دؤنسو - مٿڪو - ڏگَ - سَبر - رڌُ. تندرست - چڱو ڀلو - نمرو - جُوپ. چرپيءَ وارو (گاجرا). ذَ. (ع. مطهرة = سانداري ) مسافريءَ تي پاڻ سان گڏ کٽي وڃڻ لاءِ چمڙي جي ٿيلهي - ڪَلي - ننڍو ساندارو - پخال - مشڪ ( ث. متاري ج متاريون). *

---

* ٻوليءَ - ڄاڻ جي ماهرن لاءِ حد ادب رکندي، انتهائي نيڪ نيتيءَ سان هڪ گذارش عرض ڪجي ٿي، جنهن تي اميد ته ويچار ڪيو ويندو. "جامع لغات سنڌي" جي محققن، مرتبن ۽ جوڙيندڙن پاران اها ڳالهه لڳ ڀڳ هر جلد ۾ ڄاڻائي ←

بهرحال، "-است" بدران "متارو" ڪجهه واجبي سبب جي ڪري مناسب متبادل نظر نه آيو.

ساڳيءَ طرح، "-يات" (علم، ڄاڻ) تي به ڌيان ڏيڻ جي گهرج محسوس ٿي. انگريزيءَ ۾ علم، ڄاڻ، هنر، پرک، پروڙ، گُر، گيان، وديا، وڄا وغيره جهڙن لفظن جي اظهار لاءِ ڪيترين ئي پڇاڙين (suffixes) يعني اکرُ يا اکرَ، آوازُ يا آواز، پد يا پدون) گهربل لفظ جي پويان ڳنڍي مرتب ۽ ڪن حالتن ۾ مرڪب لفظ ٺاهيو ويندو آهي. مثال طور، اڪائوسٽڪس (Acoustics) سائبرنيٽڪس (Cybernetics)، مئٿميٽڪس (Mathematics) ۽ اردميٽڪس (ارٿميٽڪس Arithmetics) جهڙن مرتب لفظن ۾ پڇاڙي واري "-ايس" (-s)، ڊپلوميسي (Diplomacy)، فارميسي (Pharmacy)، ايناٽومي (Anatomy) ۽ باٽني (Botany) ۾ پڇاڙي واري "-واءِ"، آرڪيالاجي (Archaeology) پيٿالاجي (Pathology)، ايسٽرالاجي (Astrology)، اينٽامولاجي (Antamology)، ۽ "سنڌالاجي" (Sindhology) ۾ پڇاڙي واري "-لاجي" (-logy)، ايسٽرانامي (Astronomy) ۽ ايگرونامي (Agronomy) ۾ پڇاڙي واري "-نامي" (-nomy)، جاگرافي (Geography) ۽ "ٽائپوگرافي" (Typography) ۾ پڇاڙي واري "-گرافي" (-graphy) يا اڃا به رڳو "-واءِ" (-y) وغيره. اهڙيءَ طرح ڪيترائي اهڙا به آهن جيڪي پهريائين ته ڪنهن بي معنا ۾ ڪم آيا پر پوءِ هڪ علم (ڄاڻ) جي حيثيت وٺي بيٺا، جيئن فلوريڪلچر (Floriculture)، نيويگيشن (Navigation)، اريگيشن (Irrigation)، آرڪيٽيڪچر (Architecture) وغيره.

---

← ٿي سگهن ٿا ته "مت" ۽ "مدار" ٻئي سنڌيءَ ۾ صاف اچارجن ٿا. تيون سبب هي ٿي سگهي ٿو ته "مد" جي معنا "مستي" متاري جي معنا جي وجهه هوندي پر "متاري" جي معنيٰ ۾ ڪو هڪ لفظ به اهڙو ناهي جنهن جي معنا مستي نڪرندي هجي، ائين ڇو آهي؟ ائين ٿو لڳي ته سنسڪرت جو لفظ "مد" (مستي) "متارو" ۾ ان ڪري ڄاڻايو ويو آهي جو لطيف سائين جي ڪلام ۾ "موڪيءَ جا متارا" موجود آهن ۽ انهن کي "مست" سمجهي "متارو" جي ڌاتو ۾ "مد" ڏانهن اشارو ڪرڻ ضروري سمجهيو ويو آهي. عالم ماڻهو اهو به چون ٿا ته ڪنهن لفظ جي ڌاتو تي ڌيان ڏئي لفظ ۽ معنائون ڳولڻ بدران ان جي باري ۾ اڳوات ڪو تصور مقرر ڪري پوءِ ڌاتو ڳولڻ علمي قدرن موجب جائز ناهي. منهنجيءَ سمجهه موجب-

"جامع لغات سنڌي" ۾ هن لفظ "متارو" جي رڳو رواجي، اصطلاحي اشاراتي معنا ڏني وئي آهي، حقيقي نه. "متارو" جي حقيقي معنا مت + وارو (مت + وارو) يعني سمجهدار، فهم رکندڙ، عاقل، داناءُ، ڄاڻو، سياڻو، سوچيندڙ وغيره هجڻ گهرجي.

اردو وارن کي ساڳيو انگريزي لفظ جاري رکڻ يا وري "- يات" پچاڙي ملائي ڪم ٽپائڻ جي مجبوري آهي ڇو ته اردو جي پيڙهه هنديءَ جي جنهن اپ - بولي (اپڀاشا، لهجي، مهاوري Dialect) ۾ آهي ان ڪان اردو جي لسانياتدانن کي ظاهري مذهبي ڪٽرپڻي جي ڪري نفرت آهي تنهنڪري اهي "وگيان" جهڙن لفظن کي پڇاڙيءَ طور ڳنڍي هلائڻ ناپسند ڪن ٿا ۽ ان ڪري پاڻ کي "عالم" بنائڻ لاءِ عربيءَ ۽ فارسيءَ ڏي تڪن ٿا. ياد رکڻ گهرجي ته اردوءَ وچ - ايشيا جي ان بظاهر مذهب پسند لشڪر ۾ جنم ورتو جيڪو هندستان ۾ حڪومت قائم ڪري رهي پيو هو.

پر سنڌيءَ سان اهڙو ڪو به مسئلو ناهي. سنڌي ڪنهن به قسم جي مذهبي/ ڌرمي ڪٽرپڻي کي روحاني گهراين سان ناپسند ڪن ٿا ۽ جوهر ۾ انسان دوست آهن. سنڌين جو ياڳ چئجي جو ڪين اهڙي بولي ملي آهي جيڪا ڌرتيءَ ۽ ڌرتيءَ وارن جي ذهن ۾ پاڙون رکي ٿي ۽ ڏاڍي جٽادار، "چيڙهالي"، لچڪدار ۽ "هوڏي" آهي جو صدين تائين ڌارين ٻولين جي سرڪاري حڪمرانيءَ باوجود ۽ پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ حاڪمن پاران انتهائي ويڙ ۽ بيدڀانيءَ باوجود نه رڳو پنهنجو وجود بچائيندي آئي آهي پر پاڻ کي سکيو، ستابو، سهٽو، مٽيادار ۽ ملهائتو به رکندي آئي آهي. سنڌ جي ويجهڙ ماضيءَ واري صورتحال جي تفصيلي ڇنڊڇاڻ کانپوءِ پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته سنڌي جي ڪجهه شهرن ۾ دهشتگرديءَ جو هڪ ڪارڻ اهو به آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي لاڳيتو اسرجندڙ، پکڙجندڙ ،ڦلارجندڙ ۽ سگهارجندڙ وجود کي جاهل نموني ڏکي/ ڦٽي سگهجي.

جاڻ، ٻوجهه، پُرجهه، ڪَل، سُڌ، سمڪ، سماءُ، ڏس، پرو، پرک، سرت، ساڃاهه، ڏيٺ، ٻُڌي، گمر، گيان، وچا، وديا، هوش، فهم، علم، ذهن، فن، ڄاٽپ، ڪم، ڪاريگري، چترائي، مهارت، گُن، ڳُڻ ۽ اهڙا ٻيا ڪيترائي لفظ آهن جيڪي انگريزي ۾ "علم" لاءِ ذڪر ڪيل پڇاڙين جي متبادل طور آڻي / لکي / ڳالهائي سگهجن ٿا.

ساڳيءَ طرح "-دان" ۽ "-داني" تي به سوچڻ جي گهرج آهي. سنڌيءَ ۾ ڪيترائي لفظ عام واهپي ۾ آهن جن تي ٿورو به ڌيان ڏبو ته اسان تي سنڌي ٻوليءَ جا ڪجهه جوهر کلي پوندا، جيئن ڄاڻو، ڄاڻڪ، سڄاڻُ، سڄاڻو، سڄاڻڪ، سياڻو، پارک، پارکو، سڌير، چيتر، ماهر، ڳُڻوان وغيره.

اهڙيءَ طرح مرڪب ۽ مرتب لفظن جو، انگريزي جيان، اسان کي هڪ اهڙو ذخيرو ملي پوندو جنهن سان اسين شعوري طرح ۽ سنڌيءَ جي وياڪرڻي اصولن موجب، علمي ۽ لساني دنيا جي هڪ وڏيءَ ڪوٽ کي نه رڳو پري سگهندسون پر آئينده لاءِ به نقاليءَ جو عذاب ۽ ٻوليءَ سان "ڪيشٽ" ڪان بچڻ جا نوان رستا مهيا ڪري وٺنداسون.

اهي ۽ اهڙيون ڳالهيون ذهن ۾ رکي هيٺ ڪجهه لفظن جا مَٽَ ڏجن ٿا انهيءَ وينتيءَ سان ته انهن تي گهربل ڌيان ڏنو ويندو.

براج - تيج - ڪرانتي - پڙڪي - پرتاب - ڌما - پيڪو - تجمل. عزت - آبرو - حرمت - مان - شان - آب.)

## 3- اڏامڄاڻ ، اڏامپياس AERONAUTICS

() هوابازي جو علم.
• اڏامڻ بابت سڄاڻ (سائنس) ۽ عمل.
- اڏامڄاڻڪ: * جو ڄاڻندڙ، ماهر
- اڏامپياسي : * جو / جي (اڏمڄاڻو / اڏامڄاڻي).
($ اڏام = اڏامڻ جي حالت - اُڏائي - پرواز.)

## 4- لڳڄاڻ، لڳپياس ANATOMY

+ علم تشريح بدن، انگ وديا.
0 انساني بدن جي بناوٽ جو علم، ماڻهوءَ جي عضون جي جوڙجڪ.
• جيئرن جي جسم جي بناوٽ بابت سائنس، ان (جسم) کي حصن ۾ ورهائي اڀياس ڪرڻ.
- لڳڄاڻڪ: * جو ڄاڻندڙ، ماهر (Anatomist) xx
- لڳپياسڪ: * جو پڙهندڙ، سکندڙ ( Anatomist) xx
- لڳپياسي : * جو / جي (لڳڄاڻو / لڳڄاڻي) (Anatomical)
($ لڳ = عضوو - انگ - بدن - جسم - بازو - بدن جو ڀاڱو.)

## 5- مانسڄاڻ (مانسپياس) ANTHROPLOGY

0 بشريات، انسانيات، علم الانسان.
• ماڻهوءَ بابت سائنس، خاص طرح انسانذات جي ابتدا، اوسر (واڌ)، رواجن ۽ ويساهن (اعتقادن) بابت.
- مانسڄاڻڪ: * جو ڄاڻندڙ، ماهر (0 علم الانسان جو ماهر).
- مانسپياسڪ: * جو پڙهندڙ، سکندڙ.
- مانسپياسي: * جو/ جي (مانسڄاڻو / مانسڄاڻي) (0 بشرياتي، انساني).

---

xx انگريزي ۾ علم (سائنس، فن وغيره) جي ڄاڻو يا ماهر ۽ ان ئي علم جي سکندڙ، پڙهندڙ يا شاگرد لاءِ ساڳيو ئي لفظ ڪم اچي ٿو. علمي گهرج آهي ته انهن جي لاءِ ڌار ڌار ۽ مناسب معنا ڏيندڙ لفظ ڪم آندو وڃي.

($ مانس = ماس - گوشت - ماهر - لحم. $ مانسي = ماڻهوءَ جو - انساني) ( -هتي "مانسي" جي معنا ڏسي "مانس"، منش تي ڌيان ڏين گهرجي.)

## 6- (پَنجاڻ ) پَنيپاس ARCHAEOLOGY

+ پراچين وستو وديا.
() آثار قديم جو علم، کنڊرن يا ڦِٽل نشانن جو مطالعو.
• قديم شين جو اڀياس، خاص طرح تاريخ کان اڳ واري دور جون بچيل شيون، مثال طور مقبرا، پورجي ويل شهر وغيره.
- پنجاڻڪ: * جو ڄاڻندڙ، ماهر (Archaeologist)
- پنيپاسڪ: * جو پڙهندڙ، سکندڙ (Archaeologist)
- پنيپاسي : * جو / جي.
($ پَنَ = اڳاتي ڦِٽل شهر جا نشان - پراڻا آثار - قديم آثار. پِگل جايون - کنڊر).

## 7- انگيپاس، انگجاڻ ARITHMETIC

+ انگي حساب، علم- هندسه.
0 حساب، حسابن جو علم.
• انگن بابت سُڃاڻَ، انگن سان ڪيڏڻ (working)
- انگجاڻڪ: * جو ڄاڻندڙ، ماهر (Arithmetician)
- انگيپاسڪ: * جو پڙهندڙ، سکندڙ (Arithmetician)
- انگيپاسي : * جو / جي (انگجاڻو / انگجاڻي ) (Arithmetical)
($ انگي حساب = حسابن جو ڪتاب - Arthimetic )

## 8- نکتيپاس، نکتجاڻ ASTROLOGY

+ جوتش، نجوم.
() نجوم يا جوتش جو علم.
• تارن جي حالت (بيهڪ، جاءِ position ) جي اڀياس ڪرڻ جو فن خاص طرح اهو پروسو رکندي ته اهي انساني معاملن تي اثر انداز ٿين ٿا.
- نکتجاڻڪ: * جو ڄاڻندڙ، ماهر.
- نکتيپاسڪ: * جو پڙهندڙ، سکندڙ.
- نکتيپاسي : * جو / جي (نکتجاڻو / نکتجاڻي).
($ نِکَتُ = آسماني تارن جو هڪ ميڙ- ڪَتيون- برج- نکشتر- راس-

تارو. آگم- جهڙ - رڙ. برجن جو اثر- وسوسو.......)

## 9- تاراپياس، تارا ڄاڻ ASTRONOMY

+ علم هيئت، تارن جو علم.
() فلڪيات، علم هيئت، تارن جو علم.
• سج، چنڊ، تارن ۽ گرهن بابت سائنس.
- تارا ڄاڻڪ: * جو ڄاڻندڙ، ماهر.
- تارا پياسڪ: * جو پڙهندڙ، سکندڙ.
- تاراپياسي: * جو/ جي (تارا ڄاڻو/ تارا ڄاڻي).

## 10- جيوڙپياس، جيوڙڄاڻ BACTERIOLOGY

+ جيوڙن جو علم.
() جراثيمن يا جيوڙن جو مطالعو.
• ننڍڙن ۽ سادڙن (simple، گهٽي ياڳي حيڪ گهرڙيا) ساهوارن جي سائنس ۽ اپياس.
- جيوڙڄاڻڪ: * جو ڄاڻندڙ، ماهر.
- جيوڙ پياسڪ: * جو پڙهندڙ، سکندڙ.
- جيوڙپياسي: * جو/ جي (جيوڙڄاڻو/ جيوڙڄاڻي)
($ جيوڙو= ننڍو ساهوارو- جيت - جيوُ- جرثومو- ڪيئون- ڪيڙو)

## 11- لکيسڌ BIBLIOGRAPHY

+ ڪتابن جي يادداشت
() ڪتب نامون، ڪتابيات
• 1- هڪ ليکڪ جي، يا هڪ موضوع بابت ڪتابن يا لکڻين جي وچور.
2- ڪتابن جي مالڪيءَ (authorship)، ڇاپن وغيره جو اپياس.
- ليکسڌير: * جو ڄاڻندڙ، ماهر.
- ليکسڌي: * جو/ جي.

## 12- جيوپياس، جيوڄاڻ (جيوتپياس، جيوتڄاڻ!؟) BIOLOGY

(جياپياس، جياڄاڻ!؟)

+ علم حيات، جيو وديا.
() حياتيات جو علم.

• جيئرن (ساهوارن، جاندارن – وڻن ۽ جانورن) بابت سائنس.
– جيوڄاڻڪ (جياڄاڻڪ، جيوتڄاڻڪ): * جو ڄاڻندڙ، ماهر.
– جيوپياسڪ (جيوپياسڪ، جيوتپياسڪ): * جو پڙهندڙ، سڪندڙ.
–جيوپياسي (جياپياسي، جيوتپياسي): * جو/ جي (جيوڄاڻو/ جيوڄاڻي).
($ جيوُ = ساهه – روح – جيءُ – آتما – زندگي. ساهوارو – جانور– حيوان. هرهڪ ساهوارو).

## 13- جياسڌ، جياليڪ BIOGRAPHY

+ جيون چرتر، جنم ساکي، سوانح عمري.
0 آتم ڪٿا، سوانح حيات.
•1- فرد جي حياتيءَ بابت ذڪر (يا ان جي حياتيءَ جي تاريخ) جيڪا بي (ڪنهن) ليکڪ لکي هجي.
2- ادب جي هڪ شاخ جيڪا فردن جي حياتين (جي ذڪر) سان واسطو رکي ٿي.
– جياليڪ/ جياسڌير: * جو لکندڙ / ڄاڻندڙ
– جياليکي / جياسڌي: * جو/ جي.

## 14- اويڙڄاڻ، اويڙپياسي BOTANY

+ نباتي علم، علم نباتات، ونسپتي وگيان.
0 ٻوٽن جو علم، علم نباتات.
• وڻن جي بناوت سائنس.
– اويڙڄاڻڪ: * جوڄاڻندڙ، ماهر.
– اويڙپياسڪ: * جو پڙهندڙ، سڪندڙ .
– اويڙپياسي: * جو/ جي (اويڙڄاڻو/ اويڙڄاڻي).
$ اويَڙ = ٻوٽن جي پيدا ٿيڻ يا وڌڻ جي حالت. ونسپتي- اوسَرِ "وڄن وڻ ٻري، اويڙ ايري ڪا نہ ڪا" (شاهہ))
$ اويڙ = ٻوٽن وغيره جو ڦوٽهڙو. گاهہ، ٻوٽو. وڻ ٽڻ "امت جي آخوند، اويڙ سڀ اياريا" (ڏتو))

## 15- ڏوهڄاڻ، ڏوهپياس CRIMINOLOGY

+ علم گناهہ.
• ڏوهن جو ابياس.
– ڏوهڄاڻڪ: * جو ڄاڻندڙ، ماهر.

- ڏوهيياسڪ: * جو پڙهندڙ، سکندڙ.
- ڏوهيياسي: * جو/ جي (ڏوهجاڻو/ ڏوهجاڻي).
- ڏوهاري: ڏوهه ڪندڙ.
- ڏوهي: ڏوهه جو/ جي.
($ ڏوهه = گناهه-پاپ- تقصير- اپراڌ- قصور- جرم- دوش - الزام. خطا - ڀل - چوڪ - غلطي- عيب - سقم....)

## 16- ڏندڄاڻ، ڏنديياس DENTISTRY

= طب جي شاخ جيڪا ڏندن جي بناوت، اوسر، صحت، پرائي، صفائي، نيڪالي وغيره بابت ڄاڻ مهيا ڪري.
- ڏند ڄاڻڪ: * جو ڄاڻندڙ، ماهر.
- ڏند پياسڪ: * جو پڙهندڙ، سکندڙ.
- ڏنديياسي: * جو/ جي (ڏندڄاڻو/ ڏندڄاڻي)

## 17- ڪَليياس، ڪَلڄاڻ (چَميياس، چَمڄاڻ) DERMETOLOGY

• ڪَل ۽ ان جي بيمارين وغيره جي طبي ڄاڻ.
- ڪلڄاڻڪ: * جو ڄاڻندڙ، ماهر.
- ڪليياسڪ: * جو پڙهندڙ، سکندڙ.
($ ڪل = بدن جو مٿيون پوش - چمڙي - چمر- چوڙو- چوڙي - پوست - کوپو- اڌوڙ - چوڏو - چِلُ........)
= طب جي شاخ جيڪا ڪل (چمر) جي بناوت، بيمارين، علاج وغيره بابت ڄاڻ مهيا ڪري ٿي.

## 18- ٻولسڏ DICTIONARY

+ لغت، ڪوشن، فرهنگ.
O لغت.
• ٻوليءَ جي لفظن ۽ انهن جي معنا / تشريح جو ڪتاب.

## 19- جيتيياس، جيتڄاڻ ENTOMOLOGY

+ جيت جنتر وديا.
• جيتن جو ابياس.
- جيتڄاڻڪ: * جو ڄاڻندڙ، ماهر.

- جيتپياسڪ: * جو پڙهندڙ، سکندڙ.
- جيتپياسي:* جو/ جي (جيتجاڻو/ جيتجاڻي).
($ جيت = تمام ننڍڙو ساهوارو - ڪيڙو - مڪوڙو - جِنڊ)

## 20- لڇڻپياس، لڇڻجاڻ ETHICS

+ اخلاقي علم، نيت شاستر، نيتي.
0 اخلاقيات
• لڇڻن جي سائنس
- لڇڻجاڻڪ:* جو ڄاڻندڙ، ماهر.
- لڇڻپياسڪ:* جو پڙهندڙ، سکندڙ.
- لڇڻپياسي: * جو/ جي (لڇڻجاڻو/ لڇڻجاڻي)

## 21- نسليپاس،نسلجاڻ ETHNOLOGY

+ قومن جو علم
0 نسليات جو علم
• انسانذات جي نسلن بابت سائنس .
- نسلجاڻڪ:* جو ڄاڻندڙ/ ماهر.
- نسلپياسڪ:* جو پڙهندڙ، سکندڙ.
- نسلپياسي: * جو/ جي (نسلجاڻو/ نسلجاڻي)

## 22- نسلسڌ، وَنسَڌ ( ونس= اولاد + سڌ) ETHNOGRAPHY

(جَنَسڌ)

($ ونساوَلي= شجرو، نسب نامو - سلسلو - حسب نسب)
• انسانذات جي نسلن جي سائنسي تشريح
- نسلسڌير (جَنسڌير، ونسُڌير): * جو ڄاڻندڙ، ماهر
- نسلسڌي:* جو/ جي (جَنَسڌي، ونسُڌي)

## 23- ٻولجاڻ، ٻولپياس ( واڪيجاڻ، واڪيپياس) ETYMOLOGY

+ صرف، بنياد، اشتقاق، ڌاتو
0 لفظن جي اشتقاق جو علم
• لفظن جي بڻ ۽ تاريخ بابت سائنس، لفظن جي بڻ ۽ تاريخ جو بيان.
- ٻولجاڻڪ(واڪيجاڻڪ): * جو ڄاڻندڙ، ماهر

- ٻولپياسڪ (واڪيپياسڪ): * جو پڙهندڙ، سکندڙ.
- ٻولپياسي: * جو/ جي(ٻولچاٽو/ ٻولچاٽي، واڪيچاٽو/ واڪيچاٽي ، واڪيپياسي).
($ ٻولُ = سخن- گفتو......قول- عهد......نڌيڙي ٻار جو منڙو ڳالهاءُ.......)
($ واڪُ = لفظ، جملو، شبد، ٻولي، چوڻي- وچن - ڪلام.....چوڻ - ٻولڻ. ٻهاڪو.......)

## 24- ڀَلوَنسچاڻ EUGENICS

+ اولاد سڌار علم
• انساني جيٽائنو (genetic نسلي) مواد (ذخيرو stock ) وڌائڻ جي مقصد سان تندرست ٻچاڻ (off spring) جي پيدائش بابت سائنس.
- ڀَلونسچاٽڪ:* جو ڄاڻيندڙ، ماهر
- ڀَلونسچاٽي: * جو/ جي (ڀلونسچاٽو)

## 25- جيٽپياس، جيٽچاڻ GENETICS

• نسلي ورثي سان واسطو رکندڙ سائنس(جيوپياس جي شاخ ) ته ڪيئن وڏن جي شڪل شبيهه ٻچاڻن ۾ منتقل ٿئي ٿي.
- جيٽچاٽڪ:* جو ڄاڻيندڙ، ماهر
- جيٽپياسڪ: * جو سکندڙ، پڙهندڙ
- جيٽپياسي:* جو / جي(جيٽچاٽو/ جيٽچاٽي)
(جيڻ Gene = جيوگهرڙي ۾ " ڪروموسوم" جو اهو ايڪو جيڪو نسلي ورثي کي ڪنٽرول ڪري ٿو)

## 26- ڏٽيمت (ڏٽيءَ مت، ڏٽي- مت) THEISM

+ ايشور واد ، هڪڙي خدا ۾ يقين
• ڪائنات جي خالق ۽ حاڪم الهامي (پُرجهيل، ڪليل، ظاهر ظهور، (revealed) خدا جي وجود ۾ ويساهه (ڀروسو، ايمان، اعتقاد).
= هڪ ڌرمي/ مذهبي فلسفو جيڪو مَت-فطري(supernatural) هستيءَ طور خدا جي ذاتي (شخصي personal) وجود جي ڄاڻ ڏي ٿو. اها هستي فطري طرح سبب (reason) ۽ حڪم (سَڌ will) جو اختيار (وس) رکي ٿي ۽ ماڻهن جي حياتين (زندگين) سان گڏ سمورن مادي ۽ روحاني عملن (processes) تي ڳجهي (غيبي) نموني اثر وجهي ٿي. * موجب دنيا ۾ جيڪو ڪجهه ٿئي پيو اهو الوهي اڳ-ڳڻ (providence) جي ڪري ٿئي پيو جنهن تي،

ڇيو پيو وڃي ته، قدرت جي قاعدن جو دارومدار آهي.

- ڏٺياڪ (ڏٺيءَ مت تي پروسو رکڻ وارو) Theist

(+ آستڪ، هڪڙي خدا ۾ يقينو رکندڙ، ايشور وادي)

- ڏٺيو (ڏٺي مت جو) Theistic ڏٺيائي (ڏٺيءَ مت وارو/ بابت) Theisical

## 27- مت-فطري (متفطري) (فطرت کان مٿاهون)

## SUPERNATURAL

+ اَتي سياويڪ، خدائي، عجيب، ڪرامتي (اَتيسيَاويڪ = غير معمولي)

() مافوق الفطرت، عام انسانن جي سطح کان مٿي

• روحاني (spiritual)، اهو جنهن کي فزڪس جي قانونن وسيلي قابو (control) ڪري ۽ سمجهائي نه سگهجي.

## 28- ڏٺيڄاڻ / ڏٺيپياس (ڏٺيءَ ڄاڻ، ڏٺي- ڄاڻ، ڏٺيءَ + اپياس)

## THEOLOGY

+ ايشور وديا، علم خدائي، برهم گيان

() دينيات جو علم، علم الڪلام

• 1- خدا جي فطرت جو ۽ مذهبي/ ڌرمي ويساهن (اعتقادن) جو رسمي اپياس. 2- ڏٺيءَ ڄاڻو سرشتو يا ان جي سمجهاڻي

# ( علم الحقيقت کي THEOLOGY ڄاڻايو اٿس)

- ڏٺيڄاڻڪ (ڏٺيئڄاڻڪ): * ماهر يا ان جو سکندڙ/ پڙهندڙ Theolo-gician

- ڏٺيڄاڻو(ڏٺيئڄاڻو): * ڏٺيءَ ڄاڻ جو Theological

-(ڏٺيئڄاڻ طور) Theologically

## 29-ڏٺيسگهه (ڏٺيءَ سگهه، ڏٺي- سگهه، ڏٺيسگهه)

## THEOCRACY

+ ڏٺيءَ جي حڪومت، خدائي راڄ

() ديني حڪومت، ملائن جي حڪومت، ملائيت

• حڪمرانيءَ جي (اهڙي) سرشتي (وارو ڍيهه) جنهن ۾ رياستن جي قانونن بابت سمجهيو (پروسو ڪيو) ويندو آهي ته اهي خدا جا قانون آهن، (ان

جي ابتڙ) (ڏسو: گهڻديمت).

= هڪ خدا جي پوڄا (مڃتا، عبادت، بندگي). آڳاٽي زماني ۾، جڏهن اڃا راڄ (سماڄ) جي جوڙجڪ ۽ اوسر ٿي رهي هئي، بيوس، هيڻو ۽ اڻڄاڻ ماڻهو ڪيترن ئي قسمن جي ڀوتن، الهڙن ۽ ديون (۽ ڀوتڻين، الهڙين ۽ ديوين) جي هڪ (وهمي) وجود ڪي مڃڻ لڳو جيڪي لڳ ڀڳ هر هڪ وَڻ، ڳڻ ۽ لقاءَ لاءِ هڪ الڳ وجود رکندڙ سمجهيا ويندا هئا. اها سمجهه هوري هوري وڏي گهڻن الهن (ديوتائن gods) جي وجود تي ايمان آڻڻ لڳي جن مان هر هڪ جو هڪ نوس وجود، نالو ۽ پنٿ (cult) هو. پورهيي جو راڄوٽي (سماجي) ورهاست ـــ هڪ ٽولي جي حاڪمي ۽ گهڻن ماڻهن جي محڪومي هوري هوري الهن (ديوتائن) جي هڪ رياست جي شڪل وٺي ويئي. راڄ جي واڌ ۽ پکيڙ، غلاَم- رکندڙ سرشتي جي جمت، يڪراڄائي (يڪشاهي، هڪ بادشاهه يا شهنشاهه جي حڪمراني) سلطنت ڏانهن وٺي ويئي. ان ڪري هڪ ڏاڍي وڏي ديوتا (يا ديوتائن جي ديوتا، جيئن يونان ۾ زيوس ديوتا) جو تصور پاڙون پڪڙڻ لڳو ۽ هوري هوري الهه گهر (پنٿيئن) مان هڪ، سڀ شي تي وس رکندڙ (ڪُلوَس يا سرو شڪتيوان) وڏو- ديوتا اڪيلو ٿي نروارجي آيو. گهڻديمت جا نشان اڄ به * ۾ پوريل ملن ٿا جنهن جو هڪ مثال اڄوڪو عيسامت آهي.

- يڪڏٿينڪ (يڪڏٿياڪ): * کي مڃيندڙ، پسند ڪندڙ، پيروڪار رکندڙ Monotheists

- يڪڏٿيو (يڪڏٿيائي): * جو Monotheistic

## 35- ترڏٿيمت (ترڏٿيئپ، ترڏٿيائپ) PANTHEISM

+ سرو ايشور واد، ويدانت مت، مت جنهن ۾ سڀ کي خدا ڄاڻجي.

() همه اوست جو نظريو، هر شي ۾ الله جي موجود هجڻ جو نظريو.

• اعتقاد ته خدا هر شي ۾ موجود آهي ۽ هر شي خدا آهي . سڀني الهن ۾ ايمان ۽ انهن جي پوڄا.

= هڪ فلسفيانه تعليم جنهن موجب خدا هڪ اذات (غير شخصي impersonal) مول (اصول، مت، سياءُ) آهي جيڪو قدرت کان ٻاهر (پَري) ناهي پر ان سان ساڪيات (هوبهو، ساڳيوئي) آهي. * خدا کي متفطري جزي طور رد ڪندي قدرت ۾ حل ڪري (ملائي، جزب ڪري) ڇڏي ٿو. اهو اصطلاح ٽولئنڊ سڃاڻايو جڏهن ته اڳوٽي * ۾ چڱيءَ حد تائين قدرت بابت ماديئڪ (مادو + وارو، مادي مت کي مڃيندڙ واريون) سوچون سمايل هيون (مثال طور برونو ۽ خاص ڪري اسپائينوزا) پر هاڻي اهو(*) خدا ۾ دنيا جي وجود واري خيالڪ (خيال + وارو، خيالت کي مڃيندڙ) نظريي ۾ بدلايو ويو آهي ۽ هڪ اهڙو جتن آهي جنهن ۾ سائنس کي ڏرمر سان ناهه ڪرايو (پرچايو، هيرايو) پيو وڃي.

## 41. آلهہ جوڙ (الهہ توڙ؟) GOD-BUILDING

= روس ۾ هڪ مذهبي- فلسفيانہ لاڙو، 07-1905ع واري انقلاب جي هار کان پوءِ اڀريو. ان جي اڳواڻن ۾ ليوناچارڪسڪي، وي. بزاروف ۽ يُشڪيوچ هئا جن سان گورڪي بہ ڪجهہ عرصو گڏ رهيو. * جو مقصد سائنسي راڄمت (سوشلزم) کي مذهب سان ٻڌي ڪرائڻ ۽ اهڙيءَ طرح سڏيو-ويندڙ اڏيمت يعني خدا کان سواءِ مذهب پيدا ڪرڻ هو.

## 42 - خدا-ڪوڄ GOD-SEEKING

= روس ۾ هڪ مذهبي- فلسفيانہ لاڙو جنهن اها ڪوشش ڪئي تہ ماڻهن ۾ مذهب جي پختائي پيدا ڪئي وڃي يا انهن تي مذهب جي هلنديءَ کي سگهارو ڪيو وڃي. 1920ع جي ابتدا ۾ هي لاڙو پيدا ٿيو ۽ چڱو وڏيو خاص طور تي سرمايڪ دانشورن ۾ جن چيو پئي تہ حياتيءَ جو مقصد خدا جي ڪوڄ (ڳولا، ڦولا) ڪرڻ آهي، تاريخ جو مقصد اهو آهي تہ ماڻهپي ۾ خدا کي سهي ڪيو (مجيو، ڳوليو) وڃي ۽ هڪ الوهي ماڻهپو تخليق ڪرڻ يعني مذهبي اصولن تي پيڙهہ رکندڙ سماجي تنظيم جوڙڻ. ماڻهو اهو مقصد يعني خدا جي بادشاهي رڳو پيار، نوڙت (نِنڙت، نمرتا) ۽ صبر وسيلي ئي ماڻي سگهي ٿو.

## 43. وَشيگم، رشيسڌ HAGIOLOGY

• سينٽس (Saints) جي حياتين ۽ روايتن (legends) بابت ادب.

(• Saint (سينٽ) رشي = 1- پاڪ ماڻهو 2. ماڻهو جيڪو مرڻ کان پوءِ جنت جي سڳورن (نوازيل) ماڻهن ۾ شامل هجي. 3- اهو فرد جنهن کي چرچ (ڪليسا) ڌرتيءَ تي مقدس رهڻي جي ڪري جنت ۾ جاءِ ۽ ڌرتي تي مانُ ماڻيو هجي.)($ رشي = ويدن جا شُبد ڳائيندڙ = سنت، تپسيا ڪندڙ)

## 44. تَنتڄاڻ، تنتيياس NEUROLOGY

O تنتي سرشتي جو علم.

• تنتن سان واسطيدار طبي سائنس جي شاخ

- تنتڄاڻڪ: * جو ڄاڻندڙ، ماهر

- تنتيياسڪ: * جو پڙهندڙ، سکندڙ

- تنتيياسي: * جو / جي (تنتڄاڻو/ تنتڄاڻي)

- تنتي: تنت جو / جي

($ تنت = تند، وار نلي)

(• Nerve (نَروِ) = تنت: ڌاڳو يا ڌاڳن جو مُڇو (ڳنڍڙي) جيڪو دماغ ۽ جسم جي سمورن حصن جي وچ ۾ احساس ۽ اثر نِئي وڃي. + نَس، تنتُو)

## 45. فضاڄاڻ، فضاپياس (موسمپياس، موسمڄاڻ) METEOROLOGY

+ علم آبهوا
O موسميات: موسمياتي اڳڪٿي جو فن.
• موسم جي سائنس، ڌرتيءَ جي فضا (وايومنڊل) ۽ ان جي تبديلين جو اڀياس.
- فضاڄاڻڪ: * جو ڄاڻندڙ، ماهر (موسمڄاڻڪ)
- فضاپياسڪ: * جو پڙهندڙ، سکندڙ (موسمپياسڪ)
- فضاپياسي: * جو / جي (فضا ڄاڻو/ فضاڄاڻي، موسمپياسي، موسمڄاڻو/ موسمڄاڻي)
- فضائي: فضا جو
- موسمي: موسم جو
($ فضا = ڪشادي جاءِ - ميدان، چوگرد جون حالتون - وارتا ورڻ - وايومنڊل (ماحول، هوا - واءُ وايو)
($ موسم = منڊ، رت - فصل - ٽُڙ ويل - وقت - مهل، ايام، زمانو سمو - موقعو...)

## 46. گَرڀڄاڻ OBSTETRICS

+ دائڪو علم، گرڀ بابت
• ٻار جي ڄمر، ان کان اڳ ۽ پوءِ (نتيجن) سان واسطيدار ميڊيسن ۽ سرجري جي شاخ.
- گرڀڄاڻڪ: * جو ڄاڻندڙ، ماهر
- گرڀڄاڻو/ گرڀڄاڻي: * جو/ جي

## 47. پکيپياس، پکيڄاڻ (پکي-ڄاڻ، پکيءَ ڄاڻ) ORTHODONTICS

+ علم پرند، علم طيور، پکين جو علم
• پکين بابت سائنسي اڀياس.
- پکيڄاڻڪ (پکيءَ ڄاڻڪ): * جو ڄاڻندڙ، ماهر
- پکيپياسڪ (پکيئپياسڪ): * جو پڙهندڙ، سکندڙ
- پکيپياسي (پکيئپياسي): * جو/ جي

## 48. هڏڄاڻ، هڏپياس ORTHOPAEDICS

• هڏي جي خرابي (deformity) ۽ مرضن جي علاج سان واسطيدار

سرجري جي شاخ.
- هڏجاڻڪ: * جو ڄاڻندڙ، ماهر
- هڏپياسڪ: * جو پڙهندڙ، سکندڙ
- هڏپياسي: * جو/ جي (هڏجاڻو/ هڏجاڻي)

## 49. روڳجاڻ، روڳپياس PATHOLOGY

+ علم طب، مرض جو علم
0 بيمارين جي سبب جو علم، مرضن جو علم.
• مرضن بابت سائنس.
- روڳجاڻڪ: * جو ڄاڻندڙ، ماهر
- روڳپياسڪ: * جو پڙهندڙ، سکندڙ
- روڳپياسي: * جو/ جي (روڳجاڻو/ روڳجاڻي)
($ روڳ = گندگي-پُون- پس، سڙيل رت-رتُ پُون-ڦٽ مان وهندڙ گند.
بيماري - مرض. ڏوار- اگهائي- ناچڱائي- ڏوجُ - ڏجهندو - لڳائي- ڪمهرائي- آزار - بي مزائي- رنجوري - ناچاقي- پيڙا - تڪليف......)

## 50. راڄپياس، راڄاڻ (راڄ + ڄاڻ) SOCIOLOGY

+ سماج شاستر، علم معاشرت، پنگتي وگيان.
0 معاشيات، عمرانيات
• قدرت ۽ سماجي (راڄوٽي) سڏاري ۽ سماجي ورتائن بابت سائنس
- راڄاڻڪ (راڄپياڪ): * جو پڙهندڙ، ماهر
- راڄپياسڪ: * جو پڙهندڙ، سکندڙ
- راڄپياسي: * جو/ جي
($ راڄ = رعيت - رعايا - عام ماڻهو - پرجا. قوم. آبادي.
بادشاهي.صاحبي- حڪومت. مُلڪ - علائقو)
(ماهوار "سائنس" ڊسمبر 1993ع تان ورتل)

هوندا آهن. سنڌي ۾ ڪا هڪ به اهڙي "سنڌي کان سنڌي" يا "انگريزي کان سنڌي" ڊڪشنري موجود ناهي جيڪا رڳو 25 سيڪڙو ڪن سائنسي ۽ فني اصطلاح، انهن جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي يا متبادل لفظ مهيا ڪندي هجي.

**سائنسي ۽ فني اصطلاحن جي اها کوٽ نئي آهي جو سنڌي ۾ هن مهل تائين ڪو هڪ به اعليٰ تعليمي نصاب نه جڙي سگهيو آهي. وڌيڪ صاف ڪري نڪي نوڪي ڳالهه ڪجي ته ڪنهن هڪ به سائنسي موضوع تي ڪو هڪ سنئو ۽ جامع ڪتاب موجود ناهي.** البت، ٻه چار ڪي اهڙا ڪتاب ضرور موجود آهن جن ۾ سائنسي مواد کي سٺي نموني سمجهائڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪيل آهي.

سنڌ ۾ سائنسي ۽ فني اصطلاحن جي کوٽ جو مون کي خاص احساس تڏهن ٿيو جڏهن مون **انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا** جوڙڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو. منهنجي سَڌ آهي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ به دنيا جي ٻين سڌريل ٻولين جيان هر موضوع تي ڌار ڌار ۽ سنيون انسائيڪلوپيڊيائون موجود هجن پر گهٽ ۾ گهٽ هڪ، پيو نه ته ٻيءَ **انسائيڪلوپيڊيا برٽنيڪا** جي جوڙ جي هجي ۽ ان جيــــان نــه رڳو **ميڪروپيڊيا ۽ مائڪروپيڊيا** صورتن ۾ هجي پر دستاويزي علمي حيثيت به رکندڙ هجي. ان موضوع تي گذريل ٻن ورهن کان ڪم ڪندي مون جاچي ورتو آهي ته انسائيڪلوپيڊيا، جيڪڏهن، سنڌيءَ ۾ ٺئي ناهٺي آهي (اڌ سنڌي ۽ اڌ انگريزي ۾ نه) ته پوءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪ لک ڪن نوان سائنسي ۽ فني اصطلاح جوڙڻ جي گهرج پوندي. انهن اصطلاحن لاءِ مناسب ۽ نهڪندڙ متبادل لفظ ڳولڻ جي نيت ڪري مون سنڌي ٻولي جي ٻن وڏي ۾ وڏن ذخيرن **شاهه جو رسالو ۽ جامع سنڌي لغات** کي ابتدا کان انتها تائين هڪ ڀيرو وري به پڙهي ڏٺو.

جامع سنڌي لغات پڙهندي لاڳيتو خوشي ۽ رنج جي گاڏڙ ڪيفيت ۾ گذارڻو پيو. خوشي اها ته **سنڌي ۾ ايڏو اهلهه اصطلاحي خزانو موجود آهي جو اسان جو ڪيترين نئي علمي گهرجون پوريون ڪري سگهي ٿو** ۽ رنج ان ڪري جو ان ۾ مون جهڙي گهٽجاڻڪ ۽ ڀانڪ کي به هزارين لفظن جي کوٽ نظر آئي. پنهنجو فرض سمجهندي **جامع سنڌي لغات جو جائزو، پهرين جلد جي حوالي سان، پهرين پڙهٽي** لکي **"جاڳو"** جي حوالي ڪيم. هن وقت تائين ٽين پتي "يارهن" قسطن ۾ ڇاپي وئي آهي (حالتن مان لڳي ٿو ته باقي مضمون گم ڪيو ويندو). {نوٽ: اهو مقالو پوءِ ماهوار **"ڪينجهر"** ۾ ڊسمبر 1994ع ۾ ڇپيو}.

اهو مضمون لکندي پروڙيم ته سنڌي ٻوليءَ ۾، خاص ڪري **ضميري پڇاڙين** جي حوالي سان، گهڻو ڪجهه غلط لکيو پيو وڃي. ٻوليءَ جي اهڙي بگاڙي کي روڪ ڏيڻ ۽ ختم ڪرڻ ۽ ٻوليءَ کي سڌارڻ جي سڌَ رکي **ضميري پڇاڙي ۽ صحيح سنڌي ٻولي** جي عنوان سان هڪ مضمون لکي **مهراڻ** جي حوالي ڪيم، اميد ته ايندڙ پرچي ۾ ڇپجي ويندو.

انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا جي سلسلي ۾ گذريل سال (1991) هڪ

تفصيلي مضمون به لکيم ۽ پوءِ وقت به وقت الف سان شروع ٿيندڙ"ديهن"،"ذاتين"، "جانورن"، "وڻن ٻوٽن"، "سازن ۽ زيورن" ۽ " ليکڪن" جون وچورون ڏنم جن ۾ اها وينتي ڪيل هئي ته ان سلسلي ۾ جاڻ گڏ ڪرڻ لاءِ واهر ڪئي وڃي.

هڪ لک ڪن نوان لفظ ۽ اصطلاح جوڙڻ، گهڙڻ ۽ مروج ڪرڻ لاءِ ظاهر آهي ته سنڌي جي عالمن ۽ سگهڙن ۽ اخبارن ۽ رسالن ڏانهن ئي واجهائي سگهجي ٿو، پر جيستائين اهي پنهنجي ان فرض کي به محسوس ڪن ۽ نياڻن تيستائين ڪجهه آءٌ به اڳيري ٿيان يا جيترو ڪري سگهان ٿو اوترو ته ڪري وڃان، اهو سوچي ٻول کهاڙيتو جي عنوان سان ڪجهه علمي ۽ فلسفيانه اصطلاحن جا متبادل لکي نئين زندگي وسيلي سنڌي عالمن، اڪابرن ۽ سگهڙن جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ گهريم پر پنجن مهينن کان پوءِ سڌ پئي ته "نئين زندگي" جا سنڀاليندڙ پاڻ ۾ اهو مضمون ڇپي سگهڻ جي جرئت نه پيا ساري سگهن. شڪر آهي جو مضمون گم نه ٿيو.

ٻول کهاڙيتو نالي اهو مضمون، ٻڌو اٿم ته، توهان ڇپڻ جي همت ڪئي آهي ۽ شايد ڊسمبر 1993 جي سائنس ۾ شامل هوندو (مضمون سائنس - ڊسمبر 1993 ۾ ڇپجي چڪو آهي).

اهڙي وقت ۾ ڊاڪٽر قاضي صاحب جن جو مضمون سنڌي ۾ سائنسي ۽ فني اصطلاح سازي مون پاري تاساريل شاگرد لاءِ ڪيڏو نه وڏو ڏيج ثابت ٿيو هوندو، توهين به سولائيءَ سان ڪاٿو ڪري سگهو ٿا.

مضمون پڙهندي خوشي ته بيحد ٿي، سموريون صلاحون هنئين سان هنڊائڻ جهڙيون آهن پر ڪي ڳالهيون اهڙيون به آهن جن تي نظرثاني جي سڌ ظاهر ڪري سگهجي ٿي. ان سلسلي ۾ پنهنجا ويچار پيش ڪيان ٿو، اميد ته ڌيان ڏنو ويندو.

# 1. سنڌي ۾ اصطلاح سازي! انگريزي اصطلاح ڇو نه؟

ڊاڪٽر قاضي صاحب جن پنهنجي مضمون جو عنوان سنڌي ۾ سائنسي ۽ فني اصطلاح سازي مقرر ڪيو آهي. پر ڊاڪٽر قاضي صاحب جن متبادل طور جيڪي به لفظ ڪم آندا آهن انهن مان هڪ ٻن کي ڇڏي باقي سڀ عربي ۽ فارسي اصطلاح آهن، جيئن: دوربين، خوردبين، برق بين، طيف بين، تپش پيما، آبپيما، برق نگار، طيف نگار، طريق نگار، (سنَٽن) سوزش، شرياني سوزش، علم حيات، علم جراثيم وغيره، هن کي فارسي/ عربي يا رعايت ڪندي ڇنجي ته، اردو ۾ اصطلاح سازي ته سڏي سگهجي ٿو، سنڌي ۾ قطعي نه.

"انگريزي" جهڙي وسيع ۽ عام پڙهائي ويندڙ ٻولي ڇڏي عربي يا

فارسي اصطلاح ڇو سگهجن؟ جيڪڏهن سنڌي جي نالي ۾ عربي ۽ فارسي ٺي سگهي پوندي ته پوءِ انگريزي ڇو نه سگهجي؟

اسان جو ٻار عام طرح ڇهين جماعت کان وٺي انگريزي پڙهڻ ويهي ٿو، انٽرميڊيٽ ۽ ان کان مٿي سڄو ڪورس انگريزي ۾ پڙهي ٿو. هونئن به سمورو رياستي، انتظامي ۽ عدالتي سرشتو، ڏيهي توڙي پرڏيهي واپار، پاليسيون ۽ ڳالهه ٻول ۽ تعليم جو ڪم انگريزي ۾ هلي ٿو. انگريزي اخبارون ۽ رسالا گهٽا ۽ وڌيءَ ڳٽپ ۾ ۽ وڌيڪ معياري نڪرن ٿا ۽ ريڊيو ۽ ٽي وي تي به ان کي چڱو چوکو وقت ملي ٿو، هزارين لفظ پڙهيل توڙي اڻپڙهيل ماڻهوءَ جي حياتي سان واسطيدار ٿي ويا آهن. ۽ ننڍو توڙي وڏو عام جام پيو ڳالهائي ـــ بلب، بٽڻ، راڊ، پين، پينسل، بوڪ، سائيڪل، لاري، بس، ڪار، ٽرڪ، ريل، اسٽيشن، موٽر، جڳ، گلاس، ريڊيو، ٽي. وي، ڪريم، پائوڊر، اسٽور، بيگ، پرس، واچ، ٽيبل، ڪلاڪ، منٽ، سيڪنڊ، بينچ، ڪلاس، اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽي، ڊاڪٽر، انجنيئر، سائنس، لئبريري، ميوزم، ليبارٽري، ڪولر، هيٽر، ريفريجريٽر، ايئرڪنڊيشنر، فريزر، جنوري، فيبروري،...... ڊسمبر، اي.سي، ڊي. سي، ايس ايڇ او، ڪمشنر، گورنر، چيئرمين، چيف آفيسر، پوليس، ڪمانڊر، ۽ اهڙا ٻيا سوين نه، هزارين لفظ. شايد اها يا اهڙيون ڳالهيون ڳڻي حليم بروهي صاحب جن ته سنڌي ۾ لفظن ۽ اصطلاحن ناهڻ جي گهرج کان ئي پهه انڪار ڪندي سواليا انداز ۾ چيو هو ته ڪهڙو وري اهي دنيا ۾ ڪٿي به ڪم آڻي سگهنداسون. ان ڪري پاڻ جيترا ڏينهن عبوت منگزين جا ايڊيٽر رهيا، انگريزي ۽ فرينچ پاڙهڻ جو جتن ڪيائون، جنهن لاءِ ٿلهي ليکي چئي سگهجي ٿو ته " هڪ نيڪ نيت پر اڌنگو طريقو".

"جيئن ته اسان کي دنيا ۾ ڪٿي به سنڌي جي فني ۽ سائنسي اصطلاحن کي ڳالهائڻ جو موقعو نه ملندو ان ڪري سنڌي ۾ سائنسي اصطلاح ناهڻ جي ڪوشش ئي نه ڪرڻ گهرجي" ـــ هڪ چٽڪي رويي جي موٽ ۾ جاهل جواب آهي، پوءِ، ڪوبه، اهو سوال ڪري سگهي ٿو ته، جيئن ته سنڌي ٻولي دنيا ۾ ڪٿي به ڳالهائڻ جي وسيلي طور ڪم نه ايندي ان ڪري خود سنڌي ٻوليءَ جي ڪهڙي گهرج آهي، سنڌي قوم ڇو نه، اها ڇڏي انگريزي ڳالهائڻ شروع ڪري؟ يا گهٽ ۾ گهٽ، جيڪو به ليکڪ آهي اهو سنڌي ۾ نه لکي، ڇو ته ان کي باقي دنيا نه پڙهندي ڪونه، ان ڪري انگريزي ۾ لکي ته جيئن ڪيس دنيا جو وڏو حصو پڙهي. اک، نڪ، ڪَنُ، هٿ، پير وغيره ڇو چئون: آءِ، نوز، ايئر، هئنڊ، فوٽ وغيره ڇو نه چئون!؟

**جيئن ته اسين سنڌي آهيون ۽ سنڌي ۾ ڳالهايون، لکون، پڙهون ۽ سوچيون ٿا. اسان جو روزانو وهنوار سنڌيءَ ۾ ئي هلي ٿو انڪري لازم آهي ته دنيا جو سمورو علم سنڌي ۾ ميسر هجي ـــ اهو ئي هڪ سڌو، سادو، سلجهيل ۽ سلڇڻو رويو آهي.**

# 2.. اڙدو جو نقل

اڄڪلهه، "سنڌي ۾" جيترا به فني ۽ سائنسي اصطلاح ٺهن پيا انهن تي عربي ۽ فارسي جو ايڏو ته اثر پئجي ويو آهي جو ائين چوڻ ۾ مون کي ذري جيتري به هٻڪ نه ٿي ٿئي ته لڳ ڀڳ سڀ عربي ۽ فارسي ۾ آهن. مٿي ڏنل ڳالهه ٻول جي روشني ۾ چئي سگهجي ٿو ته اهو هڪ غلط، سراسر غلط رويو آهي.

اصل ۾، اسان جي عزت لائق عالمن، اديبن، ايڊيٽرن، رپورٽرن ۽ ليکڪن زور رکيو آهي نقل/ ڪاپي ڪرڻ تي ۽ اهو به اڙدو جهڙي ٻوليءَ جو! "آءٌ سعيو ڪيان سنڌي جو، هو پارسيون پُڇن"!

اڄوڪي اڙدو هنديءَ، عربيءَ، فارسيءَ، ترڪ ۽ انگريزي جي کچڙي آهي. ڪيس کچڙي بنائيندڙ سنڌس پنهنجا لسانياتدان آهن جيڪي سرڪاري پيسو ٽين وال ڪرڻ گهرن ٿا، ٺهي نه ٺهي وٽ رينگٽ ڪي، ڪَڙڪي تي نڪاءُ پيا ڪن. کچڙي ڪيل هڪ لشڪري ٻوليءَ جو نقل ڪرڻ بدران سڌو سنئون انگريزي سگهجي جيڪا ان "چربي" جي پيٽ ۾ هزارين پيرا وڌيڪ سڌريل ۽ سولي آهي. هاڻي ته ان جي لسانياتدانن ماهرِ امراضِ چشم، ماهرِ امراضِ قلب، ماهرِ علمِ حيات، ماهرِ علمِ ڪائنات، ماهرِ ماَحولياتيَ آلودگي، فشارِ خونِ وغيرهه ٺوڪي اَڙدو جا ترا ٻڌڻ جي ڪوشش ڪئيَ آهي پر انهن جو نقاَل ۽ انهن جي نقالي سنڌيءَ کي رڻ ۾ رولي ڇڏيندا. اهڙيءَ "علمي سنڌي" ٻولي ڪان اها "جِنڪي" سنڌي وڌيڪ سهڻي، ستابي، سولي ۽ سدابهار آهي جنهن جون پاڙون ڌرتيءَ ۽ سماج جي اونهاين ۾ کُتل آهن ۽ جنهن ۾ لطيف کي جهونگاري سگهجي ٿو....

سنڌي لفظ ڳولڻا پوندا، سائين!

چوندا آهن ته "دور کي ڍول سُهاني". اسان کڏهن، تڪليف ڪري، انهن لفظن جي معنيٰ تي شايد ئي سوچيو هجي، رڳو ڪنڌ ڌوڻي "وهه واهه" ڪرڻ ۾ پورا. گهڻا مثال ڏيڻ بدران رڳو هڪ مثال خرار مان مُٺ طور پيش ڪجي ٿو.

"سياسي سرگرميون اوج تي هيون" لفظ "سرگرمي" تي ڌيان ڏيو.

"سرگرم" يعني سر (مٿو) + گرم (ڪوسو)!— مٿو ڪوسو، ڪوسي مٿي وارو — چيڙاڪ، بي سبب ڪاوڙ ڪندڙ، غير ضروري ڪاوڙ ڪرڻ وارو، اهو فرد جنهن کي پنهنجي ذهن تي قابو نه هجي. "سرگرم" جي اصطلاحي معنيٰ آهي چستيءَ يا ڦڙتيءَ سان ڪم ڪندڙ. لفظي معنيٰ ۽ اصطلاحي معنيٰ ۾، عام طرح، ائين ئي فرق هوندو آهي. زرخيز، تپيدار، ڪمدار، صوبيدار ۽ اهڙا ٻيا سوين لفظ عام طرح اصطلاحي معنيٰ ۾ ڪم اچن ٿا. مون کي، في الوقت انهن تي ڪوبه اعتراض ناهي، اهڙا ٻيا لفظ به سنڌي ۾ ايندا. پر ڳالهه هيءَ آهي ته سنڌي لفظ ۽ انهن جون معنائون، مفهوم ۽ اصطلاحي مطلب ڇڏي، گم جو ڪيون؟

ڇا ائين آهي ته پنهنجا ڏکيا ۽ پراوا سولا آهن؟ ڇا سنڌي لفظ ڏکيا ۽ عربي، فارسي يا انگريزي سولا آهن؟ ڇا سنڌي لفظن ۽ اصطلاحن کي سمجهڻ، ياد رکڻ ۽ واهپي ۾ آڻڻ جي راهه ۾ ڪي ڏکيائيون آهن ۽ انهن جي پيٽ ۾ اسان

ڪي ٻين ٻولين جا لفظ ۽ اصطلاح سمجهڻ، ياد رکڻ ۽ واهپي ۾ آڻڻ جون سهولتون وڌيڪ آهن؟

يا ائين آهي ته ٻين جي ٺهيل ٺڪيل شَي ڪٺڻ ۽ واپرائڻ ۾ سهولت ٿئي ٿي ۽ پنهنجي شي ٺاهڻ، گهڙڻ ۽ واپرائڻ ڏکيو ڪم آهي؟

يا ائين آهي ته پنهنجا لفظ ۽ اصطلاح ڳالهائيندي، واپرائيندي اسان کي پنهنجي ڪا بيعزتي يا گهٽتائي ٿي محسوس ٿئي، ڇو ته اهي "پنهنجا" آهن ۽ انهن جي معنيٰ چڱيءَ طرح سمجهون (يا نه سمجهون) ٿا جڏهن ته ٻين جا لفظ ۽ اصطلاح واپرائيندي اسان کي اٽلکو فخر ٿو محسوس ٿئي ٿوٽي جو (حقيقت اها آهي ته) انهن جو مطلب نه ٿا سمجهون (يا غلط سمجهون ٿا)، ۽ سمجهون ائين ٿا ته انهن لفظن جي معنيٰ صحيح سمجهون ٿا.

نيٺ اهو سبب ڪهڙو آهي جو ٻين ٻولين جا لفظ ۽ اصطلاح پنهنجا ڪرڻ ۾ ويرم ئي نه ٿا وجهون پر پنهنجا لفظ ۽ اصطلاح ووڙڻ، گهڙڻ ۽ واپرائڻ ۾ ڏکيائي ٿا محسوس ڪيون؟

انگريزي ڇڏي "عربي- فارسي نما سنڌي" يا "اڙدو- سنڌي" ناهي سڪٽي. نهي ته سنڌي، نه ته انگريزي وڌيڪ سني آهي. سنڌيءَ جي لائق گهٽگهرن، مانوارن عالمن، سگهڙن ۽ ليکڪن کي وينتي ٿي ڪجي ته سوچي لوچي ويچاري ۽ ڳولي ڦولي، ووڙي سنڌي اصطلاح ناهن، باقي ڪجهه لفظ، اصطلاح يا محاورا عربي، فارسي ۽ هندي ته ڇا دنيا جي ڪنهن به ٻوليءَ کان وٺي سگهجن ٿا.

## 3. ڏڙ ريڊيو ۽ سسي ٻاڪري

ڪي دوست جڏهن اهو ٻڌن ٿا ته "انگريزي" لفظن ۽ اصلاحن جا متبادل سنڌي لفظ آڻڻ، ڳولڻ، وَوڙڻ، گهڙڻ ۽ ٺاهڻ گهرجن تڏهن هڪدم، ڪن حالتن ۾ ته وڏو وات ڦاڙي، ڪلي ۽ ٽوڪ منجهان پڇڻ لڳن ٿا ته "ڪرڪيٽ" ۽ "هاڪي" جو ترجمو ڇا ڪندؤ؟ ڇا انهن بدران "هُودڙي- ڏنڊو" ۽ "لٺ - ڪينهون" ناهيو ويندو؟ لنڊن، برٽين، جپان، ٽوڪيو، جرمني، نيويارڪ.... جو ترجمو ڇا ٿيندو؟ مسي سپي، ٽيمز، وولگا، اميزان، ڪنسپين... جي بدران ڪهڙو لفظ گهڙيندؤ؟ اهَڙي قسم جا ٻيا به ڪيترائي اسم خاص يڪساهيءَ اُچاري انهن جي ترجمي بابت پڇيو وڃي ٿو.

هٽ ٻڌي وينتي ٿي ڪجي ته ياؤ! هرويرو جوش ۾ اچي هوش وڃائڻ جي ڪهڙي گهرج آهي. ڇا انگريزن به سنڌ، سنڌي، بلوچ.... پنجابي جو ترجمو ڪيو آهي؟ ٿوري دير اڳ ڪيترائي انگريزي لفظ لکيا ويا آهن، ٿوٽي جو انهن جي هڪ معنيٰ به آهي، پر سنڌي گهرن ۾ عام جام ڳالهايا وڃن ٿا.

هڪڙا لفظ سڀ جو سڀا ڪنهن ٻي ٻولي مان ڪنيا ويندا، ڪن لفظن جو اڏ اصلي ٻولي منجهان هوندو ۽ اڏ سنڌيءَ يا ڪنهن ٻي ٻولي مان ڪٺي نٺون

لفظ ناهيو ۽ ڪيترن ئي لفظن ڪي پوريءَ طرح بدلايو ويندو.

ڊاڪٽر قاضي صاحب جن آڪسيجن، آڪسيجائڻ، آڪسيجيل وغيره لفظ ڪم آندا آهن، زبردست! انهن لفظن ۾ هڪ حصو هڪ ٻوليءَ جو آهي ۽ ٻيو حصو ٻيءَ جو. ڪيترائي لفظ ۽ اصطلاح ان طريقي پٽاندر ٺهندا ۽ ٺاهي سگهبا. ڪي دوست اعتراض ڪري سگهن ٿا ته "ڏڏ ريڊيو ۽ سسي پاڪري!"

ڇا انهن دوستن ڪڏهن سائنسدان، جاگرافيدان، ڪيميادان، حجامڪو، نخريلو، فقيراڻو، وزنائتو، يونيورسٽيون، ريڊيا، ٽي وين، اسٽيشنون وغيره جهڙن لفظن تي ڌيان ڏنو ۽ اعتراض ڪيو آهي؟ هندو ازم، ٻُڌ ازم، جينزم، ڪنفيوشنزم، ڪيميسٽري وغيره لفظن بابت انهن ڪڏهن اهو ساڳيو اعتراض اٿاريو آهي؟

## 4. انگريزي هڪ ڄٽڪي ٻولي

ڇا انهن کي اها خبر ناهي ته انگريزي ۾ ڪم ايندڙ اصطلاحن جو هڪ وڏو حصو انگريزي ٻولي سان ذري جيترو به واسطو نه ٿو رکي؟ انگريزي ۾ لفظن جو هڪ وڏو حصو ڌارين ٻولين تان ڪنيل آهي ۽ لڳ ڀڳ سمورن سائنسي ۽ فني اصطلاحن جو بنياد لاطيني ۽ يوناني آهي. **انگريزي ته هڪ ڄٽڪي ٻولي آهي، ان ۾ علمي، فني، هنري ۽ فلسفيانه لفظن ۽ اصطلاحن جي کوٽ، اڃا به اٿهوند ڏسي، يورپ جا ٻيا رهواسي ڄٽ انگريزن تي ٺوڪون ڪندا هئا.** جرمن ۽ فرينچ لفظن جو به چڱو چوکو ڳاڻيٽو انگريزي ۾ موجود آهي. هزارين اهڙا لفظ پڻ موجود آهن جن لاءِ بلڪل ائين چئي سگهجي ٿو ته ڏڏ ريڊيو ۽ سسي پاڪري.

اسان جيئن ته اهي سمورا اصطلاح انگريزي جي حوالي سان پڙهون ٿا، ان ڪري ائين ٿا وسهون ته اهي انگريزي آهن ۽ انگريزي ڪا ڏاڍي رچيل، سُوڌيل ۽ سنواريل ٻولي آهي! پاڻ انگريزن کي به اهي اصطلاح ائين ئي رکڻا پون ٿا جيئن اسان کي، فرق رڳو اهو آهي ته اهي يورپي ٻولين جا اصطلاح آهن، ڪيتري ئي عرصي کان عام جام پيا ڪم اچن، اتي جو ماحول علمي طرح اسان جي ماحول کان اڳتي وڌيل آهي، لفظن ۽ اصطلاحن جو گهاڙيٽو سنڌن ٻوليءَ جي مزاج موجب آهي ۽ سمورو مواد سنڌن پنهنجيءَ مادري ٻوليءَ ۾ آهي جنهن ۾ ئي اتي جا رهاڪو پنهنجو نصاب، ادنيٰ توڻي اعليٰ تعليم، پرائن ٿا جنهنڪري سولائيءَ سان سمجهي ۽ ڳالهائي سگهن ٿا.

جيئن انگريزي وارن ڪيترين ئي ٻولين ـــ يوناني، لاطيني، فرينچ، جرمن ۽ سڄيءَ دنيا جي سمورين ٻولين ـــ مان لفظ ۽ اصطلاح اڌارا ورتي انهن جون اڳياڙيون، وچاڙيون ۽ پڇاڙيون بدلائي ۽ انهن جي جاءِ تي پنهنجيءَ ٻوليءَ جا گهربل صوتيه آڻي سهنجو ناهيو آهي تيئن اسان سنڌين کي به پنهنجيءَ توڻي دنيا جي مختلف ٻولين مان ڪيترائي لفظ چونڊي، گهڙي، سنواري رائج ڪرڻا پوندا.

اصطلاح سازي جي اهميت تي جيترو گهٽو ڌيان ڏنو آهي اوترو گهٽو لفظن ۽ اصطلاحن جي بناوت تي نہ ڏنو آهي. لفظ ۽ اصطلاح جي گهاڙيٽي مهل بنيادي لفظن جي مزاج کي سمجهڻو پوي ٿو ۽ ان سان گڏ ٻيو لفظ يا آواز يا اڳياڙي، وچاڙي ۽/ يا پڇاڙي ملائڻ مهل انهيءَ مزاج کي پهرين اهميت ڏيڻي پوي ٿي.

ڊاڪٽر قاضي صاحب جن جيڪي "انگريزي" لفظ يا اصطلاح چونڊيا آهن ۽ انهن جي بدران جيڪي سنڌي (يا عربي ۽ فارسي) لفظ يا اصطلاح آندا آهن انهن ۾ لفظن جو اهو توازن قائم نہ رکي سگهيا آهن، ان ڪري، سنڌن جوڙيل لفظن کي جڏهن مختلف جملن ۾ ڪم آڻجي ٿو تڏهن مفهوم غلط ۽ ٻولي بگڙيل ٿي پوي ٿي. مثال طور، ڊاڪٽر قاضي صاحب جن تن هنڌن تي ساڳيو ڌاتو/ بنيادي لفظ/ اڳياڙي رکندڙ لفظ هن طرح ڪم آندو آهي:

| | |
|---|---|
| Biolog | علمِ حيات |
| Biological | حياتَ بابت |
| Biologist | علم حيات جو ماهر |

"انگريزي" لفظ مرتب لفظ آهن. ڊاڪٽر قاضي صاحب جن انهن جو مَٽ انهن جيان مرتب صورت ۾ نہ ڏنو آهي پر صحيح چئجي تہ مرڪب صورت ۾ بہ نہ ڏنو آهي. Biologist (بائلاجسٽ) جي بدران تہ ٻار لفظ آندا ويا آهن جيڪي حقيقت ۾ پنج آهن. "علمِ حيات" حقيقت ۾ ٽي لفظ "حيات جو علم" آهن جيڪي فارسي زير اضافتَ آڻڻ جي ڪري ظاهري طرح بہ لفظ محسوس ٿين ٿا. **هڪ مرتب لفظ جي بدران ٻہ، ٽي، چار يا پنج لفظ ڪم آڻڻ جي ڪري ٻوليءَ جي سونهن، سهنجائي، ٿوري ۾ گهڻو چوڻ واري ڏات، گوڙهائپ ۽ سگهڙائپ متاثر ٿئي ٿي،** جيڪا ٿوري دير پوءِ بحث هيٺ آڻبي.

انهن اصطلاحن جي سنڌي متبادل طور مون کي هي لفظ نسبتن سٺا ڀانئجن ٿا:

| | |
|---|---|
| Biologist | جياڄاڻڪ، جياپياسڪ |
| Biology | جياڄاڻ، جياپياس |
| Biological | جياڄاڻي، جياپياسي، جيائاٽي ("جيائاٽي" لاءِ اڳتي، "**ايٿڪس**" ۾ بحث ڪيل آهي). |

# 6. وڻ کي ڏسڻ پر ٻيلي کي نہ ڏسڻ

سهولت ٿي پئي ها جيڪڏهن ڊاڪٽر قاضي صاحب جن ساڳيوَ ڌاتو رکندڙ لفظن جو سيٽ اکين اڳيان رکيو هجي ها، جيئن ساڳين پڇاڙين وارن لفظن جا سيٽ رکيا اٿائون. اچو تہ اهڙو لفظن جو سيٽ جاچي ڏسون:

| انگريزي لفظ | ڊاڪٽر قاضي پاران | ليکڪ پاران |
|---|---|---|
| Biological weapon | حيات بابت هٿيار | جياتي هٿيار |
| Biological warfare | حيات بابت جنگاڻ | جياتي جنگاڻ |
| Biological bomb | حيات بابت بم | جياتي بم |
| Biography | حيات نگاري | جيا سُڌ |
| Biographical | حيات نگاري بابت | جِيا سُڌي |
| Biographer | (Graph=نگار) حيات نگار وارو | جيا سُڌير ۽ جيا ليکڪ |
| Bio-data | — | جيا-ڄاڻوڪي (Data=ڄاڻوڪي) |
| Bio-gas | — | جيا-گئس (Gas=گئس) |
| bionic | — | جيائڪ |
| biotic | — | جيائِر |

ڊاڪٽر قاضي صاحب جن "بائلاجي" بدران "علم حيات" آڻن ٿا پر ساڳي "بائلاجي" لفظ بدران "بائلاجيڪل" لفظ ۾ رڳو "حيات" ڪم آڻي "بابت" ڳنڍين ٿا. اسان ڏٺو ته بايوگرافي ۾ اهو لفظ "حيات" وري بايو (Bio-) جي بدران ڪم آيو جيئن "بائلاجي" ۾ "بايو" بدران ڪم آيو هو (بايو = حيات ۽ "لاجي" = علم، يعني "حيات جو علم" جيڪو فارسي زير اضافت آڻڻ جي ڪري "علمِ حيات" ٿيو). "علمِ حيات" ناهڻ جي ڪري لفظ جي سڄي بناوت ابتي ٿي وئي جنهن جو نتيجو اهو ٿو نڪري ته انگريزي ۾ جيڪي پڇاڙيون "لاجي" سان ڳنڍجن ٿيون ۽ نئون لفظ نهي ٿو انهن پڇاڙين جو مَٽ ڊاڪٽر قاضي صاحب جن هڪ پڇاڙي جي صورت ۾ نه ٿا آڻي سگهن تنهنڪري ڪين نه رڳو پنهنجي جوڙيل لفظ جو هڪ اهم حصو گم ڪرڻو پوي ٿو پر پڇاڙي جي بدران به سڄو لفظ "بابت" يا به سڄا لفظ "جو ماهر" ڪم آڻڻا پون ٿا!

"انگريزي لفظ" ۾ اڳياڙي بايو (Bio-) جيوت، جياپي، جيوَن، حياتي، زندگيءَ جي نمائندگي ڪري ٿي.

سنڌي ۾ جيءُ، جيو، جيئرو، جيئڙو، جيوڙو، جنّڊ، جيئاڪ، جيت، جيتامڙو، جيوند، جيدار، جيوت، جياپو ۽ اهڙا بيا لفظ چِٽو ڪري ٻڌائن ٿا ته "جيُ" يا "جئُ" بنيادي لفظ آهي. ان ڪري آءُ ان خيال جو آهيان ته جتي به (بايو) Bio- اڳياڙي هجي اتي گهربل لفظ جو مَٽ ناهيندي "بايو" بدران "جيِ" يا "جِيا" ڪم آڻجي.

بئڪٽيريالاجي (Bacteriology) جي بدران متبادل طور "علمِ

جراثيم" ڪم آندل آهي. هاڻي، جيڪڏهن، بئڪٽيريا سان واسطيدار لفظن جو سيٽ اکين آڏو آڻيو ته صورتحال هيءَ بيهندي:

| انگريزي لفظ | ڏنل متبادل | ليکڪ پاران |
|---|---|---|
| Bacteriology | علم جراثيم | جيوڙجاڻ، جيوڙپياس |
| Bacteriological | جراثيم بابت | جيوڙجاڻي/ جيوڙپياسي |
| Bacteriologist | علم جراثيم جو ماهر | جيوڙجاڻڪ، جيوڙپياسڪ |
| Bacterium | جرثوم | جيوڙو |
| Bacteria | جراثيم | جيوڙا |
| Bacterial | جراثيم بابت | جيوڙائي |
| Bactericidal | جراثيم مار | جيوڙمار، جيوڙامار |
| Bacteriocidin | — | جيوڙمار |
| Bacteriolysin | — | |
| Bacteriophage | — | جيوڙ |
| Bacteriostasis | — | |
| Bacteriotherapy | — | |
| Bacteriurea | — | |
| Bacteraemia | — | |

## 7. نباتن جو ميڻهن

ڊاڪٽر قاضي صاحب جن Herbivorous (هَربيورَس) جو متبادل "نبات خور" مقرر ڪيو آهي يعني هرب (herb) جو مَٽ "نبات" ٿيو. پاڻ "-aceous" پڇاڙي جي بدران "دار" مقرر ڪيو اٿائون. ان جو مطلب ٿيو ته "Herbaceous" جي بدران "نباتدار" ڪم آڻڻو پوندو. ٻي پاسي "Botany" جي بدران "نباتيات" يا "علم نباتيات" لفظ ڪم آندو ۽ ڪورس ۾ پڙهايو ويندو آهي جنهن لاءِ ڪي لسانياتدان "علم نباتيات" ٻه متبادل طور ڪم آڻيندا آهن. "ٻاٽني" ان علم جو نالو آهي جيڪو سيني قسمن جي وٽوٽن (وڻن، ٻوٽن، ٻاڄين، گاهن، فصلن وغيره) بابت هر طرفي ڄاڻ مهيا ڪري ٿو. ڊاڪٽر قاضي صاحب جن جي راءِ موجب ان لاءِ "علم نبات" مقرر ڪرڻو پوندو.

| انگريزي لفظ | ڏنل لفظ | ليکڪ پاران |
|---|---|---|
| Botane | نبات | وَٽوٽ |
| Botany | علم نبات | وٽوٽجاڻ، وٽوٽپياس |
| Botanist | علم نبات جو ماهر | وٽوٽجاڻڪ، وٽوٽپياسڪ |
| Botanical | نبات بابت | وٽوٽجاڻي، وٽوٽپياسي (وٽوٽائي) |

سمجهيو ويو. پوءِ ثابت ٿيو تہ اپڪنڊ ۾ سنسڪرت جهڙوڪر ڪالهہ آئي آهي، سنڌي ان ڪان گهڻي اڳاٽي ۽ پنهنجو پاڻيرو وجود رکندڙ ٻولي آهي ۽ اڄ سنڌي ٻولي کي ٻولين جي **انڊو-يورپين گهراڻي** جو ڀاتي سمجهيو وڃي ٿو. سياڻي خبر ناهي تہ ڪهڙا راز ڪلن ۽ ڪهڙيون حقيقتون سامهون اچن. سنڌي ٻولي لڳ ڀڳ ساندهہ، سڄي ڄاتل تاريخ دوران ڌارين ۽ پرمارن جي لتاڙ ۽ ڪاهہ جو شڪار ٿيندي رهي آهي ان ڪري هن ٻوليءَ جون سوين خصوصيتون اکين کان اوجهل آهن. پر تحقيق وڌي پئي، ڳجهہ ٻاڦورجن پيا ۽ نت نوان معاملا روشنيءَ ۾ اچن پيا.

اچو تہ هڪ نظرڪجهہ انگريزي لفظن ۽ اصطلاحن تي وجهون تہ جيئن انهن جي بناوت ۽ مزاج سمجهڻ ۾ سهولت ٿئي.

"Logos" لاطيني/ لئٽن ٻوليءَ جو هڪ لفظ آهي. ان جي "Log" کي "Arithm" سان ملائي "Logarithm" (لاگرٿم، لاگردم) ناهيو ويو آهي. (ارٿميٽڪ يا اردميٽڪ لفظ پاڻ بہ ٻن جزن جو نهيل آهي — "اردم" ۽ "ايٽڪ" — جنهن جو مطلب آهي "انگن جي سڃاڻ" يا "انگن وسيلي ڪم ڪرڻ"، سَنڌي ۾ ان لاءِ "انگڄاڻ" يا "انگيپاس" يا ٻئي مقرر ڪري سگهجن ٿا). " 'اگرٿم' جو مطلب آهي انگن جو اهڙو سرشتو جيڪو جدول جي صورت ۾ ناهيل هجي تہ جيئن ضرب ۽ ونڊ وغيره جا حساب کي مخصوص انگ جوڙ يا ڪَٽ ڪري سلجهائي سگهجن". "لاگرٿم" جي بدران سنڌي ۾ متبادل **"ڄاڻنگ"** (ڄاڻ + انگ) اصطلاح مقرر ڪرڻ گهرجي.

"Analogous" (اينالاگس) ۾ اهو ساڳيو (لاگس) لفظ "اينا" (Ana) ڪانپوءِ "نسبت" يا "مائٽي/ ناتيداري" يا "ساڳيائپ" جي معنيٰ ۾ ڪم آيو آهي. "اينا" جو مطلب آهي "مٽين" يا "ظاهري" يا "ٻاهرين". "اينالاگس" جو مطلب آهي بناوت ۽ بڻ ۾ نہ پر ڪرت جي لحاظ کان هڪ جهڙائي رکندڙ (انگ/ عضوا وغيره)، جيئن ڪنهن بہ پکيءَ ۽ پوپٽ جا پَر. اينالاگس جي بدران سنڌي ۾ متبادل **ٻَهونگ** (ٻهر + انگ) مقرر ڪري سگهجي ٿو.

"Homologous" (هومولاگس) جو مطلب آهي ساڳي ڪرت نہ پر ساڳيو بڻ/ پيڙهہ رکندڙ (انگ/ عضوا وغيره). هومولاگس جي بدران سنڌي ۾ **ساڳنگ** (ساڳيو + انگ) يا **بڻنگ** (بڻ + انگ) مقرر ڪري سگهجي ٿو.

"Log book" (لاگ بوڪ) اهو ڪتاب/ بوڪ/ رجسٽر آهي جنهن ۾ حساب، ليکو چوکو ناهي محفوظ رکجي.

پر اهو ساڳيو لفظ "Logos" تقرير يا ڳالهہ ٻول جي معنيٰ پڻ ظاهر ڪري ٿو. لاگس جو لاگ (Log) ڪٽي ان جي پٺيان "واءِ" (y) ملائي لاگي/ لاجي (Logy) سڏي، مختلف لفظن جي پٺيان ڪم آڻجي ٿو ۽ ڄاڻ يا اڀياس جي معنيٰ ظاهر ڪري ٿو — آرڪيالاجي، بائلاجي، زُولاجي، اينٿروپولاجي، مارفولاجي وغيره.

آرڪيو + لاگ + اِي ـــــ پَنجاڻ، پنيياس، اڏجاڻ،آڏيياس
بايو + لاگ + اِي ـــــ جياجاڻ، جياپياس
زُو + لاگ + اِي ـــــ پسُوجاڻ، پسوپياس، جاڻوتجاڻ، جانوٽيياس
اينٿروپو + لاگ + اِي ـــــ مانسجاڻ، مانسپياس (مانس = ماڻهو)
مارفو + لاگ + اِي ـــــ روپجاڻ، روپپياس ("ٻولي جاڻ" يا "لسانيات" جي دنيا ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جن "علم صرف" متبادل آندو آهي، ان کي صرفجاڻ، صرفپياس ڪري سگهجي ٿو).

Anatomy (ايناٽمي/ ايناٽومي) هڪ ٻيو لفظ آهي ـــ اينا + ٽوم + اِي. "اينا" معنيٰ مٿي/ ٻاهر/ مٿيون/ ظاهري، "ايڪٽوم" (ٽوم" جنهن تان ورتل آهي) معنيٰ وڍڻ ۽ ان سان "واءِ" (y) ملائي ڪيس علم، سجاڻ جو درجو ڏنو ويو آهي. "ايناٽومي" جو مطلب آهي عضون/ لڱن کي وڍي، ٽڪرا ڪري جاچڻ، پرکڻ، اپياس ڪرڻ. سنڌي ۾ لڱجاڻ/ لڱپياس، لڱجاڻڪ/ لڱپياسڪ ۽ لڱپياسي لفظ ايناٽومي، ايناٽومسٽ ۽ ايناٽوميڪل جي بدران ڪم آڻي سگهجن ٿا.

Chemistry (ڪيمسٽري) جو ڪيم (Chem) عربي لفظ آهي جنهن تان "الڪيمي" ۽" ڪيميا" لفظ ٺهيا آهن. "است" (-ist) پوئلڳ، سنو سمجهندڙ، مڃيندڙ وغيره کي چيو وڃي ٿو. ان سان "-اري" (-ry) پڇاڙي ملائي ڪيس علم جو درجو ڏنو ويو آهي. ڪيمسٽري اهو علم يا اپياس جيڪو شين جي نسبتن دائمي گڻن، بناوتن، رشتن ۽ ڪارجن کي بحث/ جاچ هيٺ آڻي ٿو.

"s" (ايس) پڻ ڪيترن ئي لفظن جي پنيان آڻي انهن کي علم، اپياس، سجاڻ، سائنس جو درجو ڏنو ويو آهي. جيئن مئٿميٽڪس، ايٿڪس، اسٽيٽسٽڪس، اليڪٽرانڪس وغيره (اليڪران + اڪ + س).

## 10. "پڇاڙين" جو قيدي

ڊاڪٽر قاضي صاحب جن "انگريزي" اصطلاحن جي ڪجهه پڇاڙين جي متبادل طور ڪي لفظ ڏنا آهن ۽ انهن کي اصطلاح سازي ۾ مقرر رکڻ جي صلاح ڏني آهي جيڪي هت ڏجن ٿيون: وانگر oid-   جهڙو ferous-
دار aceous - جيان ose-   جوڳو able-   بابت al-   وارو ous-
شڪل form-

حقيقت هيءَ آهي تہ "انگريزي" لفظ جي هر هڪ پڇاڙيءَ جو مطلب هر حالت ۾ مقرر ۽ ڏار نموني جو ناهي. هر هڪ ٻولي پنهنجي مزاج موجب هر لفظ جي آخري "آواز" (وينجڻ هجي يا سُر) جي لحاظ کان هڪ مخصوص آواز واري پڇاڙي قبول ڪندي آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ ائين آهي ۽ دنيا جي ٻي هر ٻوليءَ جيان انگريزي ۾ بہ ائين ئي آهي. پاڻ کي لفظن جي اڳياڙين يا پڇاڙين جو قيدي نہ

بنائڻ گهرجي پر پڇاڙيءَ بدران ڪوشش ڪري پڇاڙي ئي ڪم آڻڻ گهرجي. لفظ نہ، تان جو حد درجي لاچار هجي.

"وانگر"، "جهڙو" ۽ "جيان" ۾ ڪو خاص فرق نہ آهي. ساڳيءَ طرح اڳتي هلي اهو بہ ڏسنداسين تہ "انگريزي" پڇاڙين ۾ بہ معنيٰ جي لحاظ کان ڪو خاص فرق ناهي. "پڇاڙيءَ" جي بدران "لفظ" ڪم آڻڻ جي ڪري گهربل اصطلاح نہ رڳو اڊنگو پر غلط بہ ٿي پيو آهي. تيئن تہ ائين گهربو هو تہ "انگريزي" لفظن ۽ اصطلاحن جي پڇاڙين جيان سنڌي جون بہ ڪي ٺهڪندڙ پڇاڙيون ڪم آڻجن ها. ڊاڪٽر قاضي صاحب جن (شايد) اهو ان ڪري نہ ڪيو آهي جو پاڻ "انگريزي" پڇاڙين جي مفهوم تي جوڳو ڌيان ڏيڻ بدران پڇاڙي جي اکرن ۾ اڙجي پيا آهن ـــــ اکرن ۾ جيڪو اڙيو، عشق جي چاڙهي مور نہ چڙهيو.

Oval (اوول = آنول يعني آنو + اول) ۾ پڇاڙي al - آهي (ان جي معنيٰ ڊاڪٽر قاضي صاحب جن پاران مقرر ڪيل پڇاڙي موجب "بيضي بابت" ٿيندي. "بيضو" ان ڪري جو پاڻ "ovoid" جو متبادل بيضي وانگر مقرر ڪيو اٿائون). اها "al-" پڇاڙي "oid-" سان مَتائي "ovoid" (آنيل يعني آني+ ايل) ناهيو ويو آهي. ياد رکڻ گهرجي تہ "oid-" پاڻ "eidos" تان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي شڪل، روپ، صورت يا form (ڊاڪٽر قاضي صاحب جن "فارم" لاءِ "شڪل" لفظ مقرر ڪيو آهي).

ovoid جي انگريزي ڊڪشنري ۾ معنيٰ "Egg-shaped" (آني جي شڪل جهڙو) ڏنل آهي.

سنڌي ۾ آنيرو (آني + ايرو) يا آنيارو (آني + آرو) پَلو ۽ آنورو (آنو + اورو)، جنهن کي خصيو يا فوطو بہ چيو ويندو آهي، عام مروج لفظ آهن.

Bacillus (بئسيلس = ) ۾ پڇاڙي "us-" آهي ۽ معنيٰ اٿس لٺ، ڏنڊيءَ يا ڏانڊيءَ جي شڪل جهڙو (Rod-shaped).

Globular (گلوبيولر = گولير يعني گولو + اير) ۾ پڇاڙي "ar-" آهي ۽ معنيٰ اٿس "Globe-shaped" يعني گولي وانگر يا گولي جي شڪل جهڙو.

Cuneiform ( ڪيُونيــفـــارم = چاپَر/ چاپرو/ چَپـــرول؟) ۾ پڇاڙي "Form-" آهي، معنيٰ اٿس "wedge - shaped" يعني ڇيٽيءَ / ڇپر جي شڪل جهڙو.

Anthropoid ( اينٿروپوئائڊ = مـانسـول يعني مـانس + اول) ۾ پڇاڙي "oid-" آهي پر معنيٰ اٿس "man-like" يعني ماڻهو-جيان. (ڊاڪٽر قاضي صاحب جن ان پڇاڙي لاءِ "وانگر" لفظ ڪم آڻيندي "بشر وانگر" متبادل ڏنو آهي. "پل مانس" معنيٰ پلو ماڻهو ۽ "بن مانس" معنيٰ جهنگلي ماڻهو. "مانس" معنيٰ ماڻهو).

Leguminous (ليگومينَس = ڦريناڙ) ۾ پڇاڙي "ous-" آهي ۽ معني اٿس "ڦريءَ" يا ڦريءَ واري وڻوٽ" (plant) جو (of) يا جيان (like).
(وڻوٽ انگريزي لفظ پلانٽ جي بدران ڪم آندل آهي. "پلانٽ" ڪيترين ئي معنائن ۾ ڪم اچي ٿو پر **وڻوٽ** رڳو وڻن ۽ وڻ جهڙن وجودن يعني ٻوٽن، ٻاجهن، گاهن وغيره ـــ اوپڙ ـــ لاءِ گڏيل طرح ڪم آڻي سگهبو. Plant فعل به آهي ۽ ان لاءِ "وڻوٽڻ" يا "پوکڻ" لفظ ڪم آڻي سگهجي ٿو. "ڦٽوٽ" ۽ "سروٽو" لفظن کي ذهن ۾ رکي "وڻوٽ" جي معنيٰ ۽ مفهوم سمجهي سگهبو.

Apical (ايپيڪل = **چوٽار، چڪار** يعني چوٽ وارو يا چُڪ/ چهنب وارو يا چوٽ/ چهنب سان واسطيدار) ۾ پڇاڙي "al-" آهي ۽ ان جي معنيٰ آهي چوٽ/ چوٽيءَ يا چُڪ/ چهنب سان واسطيدار يا ان تي موجود (Pertaining to or located at apex)

هيٺ مختلف پڇاڙين وارا ڪجهه ٻيا لفظ ڏجن ٿا:

Axial (ڪچ يا سرائيءَ سان واسطيدار) **ڪَڇات/ ڪَڇار، سرائِيٽو**

Chordate (فائلم ڪارڊيٽ سان واسطيدار) **ڏوريات**

Ophthalmic (اک سان واسطيدار، اک جو، اک وارو) **اکيت**

Optic (نظر/ ڏسڻ سان واسطيدار) **ڏنار**

Pelagic (ڪناري کان پري کليل سمنڊ ۾ رهندڙ يا اتي رهندڙ سان واسطيدار)

Auditory (ٻُڌڻ سان واسطيدار، ٻڌڻ جو، ٻڌڻ وارو) **ٻڌيت**

Anterior (اڳ واري پاسي سان واسطيدار) **اڳيت**

Posterior (پٺ واري پاسي سان واسطيدار) **پٺيت**

Lateral (پاسي سان واسطيدار) **پاسيت**

Medial (وچ سان واسطيدار) **وچيت**

Adipose (ستي، چربيءَ سان واسطيدار، ستي جو) **ساٿي**

Predaceous (کاڌي خوراڪ لاءِ جانور جو شڪار يا شڪار ڪندڙ)

Oviparous (آنا پيدا ڪندڙ) **آنائت**

Allantois (هن لفظ جي پڇاڙي "ois-" اها ساڳي آهي جيڪا "oid" آهي يعني "eidos" تان ورتل. "Allas" معنيٰ "ٽڙ" ۽ "eidos" معنيٰ شڪل يا صورت) **ٽڙاٽ**

Diploid (Diplous معنيٰ ٻيڻو/ ٻٽو ۽ eidos- معنيٰ جهڙو) **ٻٽول**

Aqueous (جنهن ۾ پاڻي هجي) **پاڻيناٽ**

ان هوندي به، هر ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ محسوس ٿا ڪن ته وٽن ڪيترن ئي مامرن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ لفظن جي کوٽ آهي.

## 13. "انگريزي" هڪ ڪٺل ٻولي

سياست ڪندڙ ۽ سياست ڄاڻندڙ ۾ فرق آهي. اهڙيءَ طرح ڪنهن به علم جي ڄاڻندڙ ۽ واسطيدار علم جي سيکڙاٽ ۾ فرق آهي. صنعت ٺاهيندڙ ۽ صنعت هلائيندڙ جي وچ ۾ فرق آهي پر انهن لاءِ اهڙا لفظ موجود ناهن جو اهو لفظ ڳالهائڻ يا پڙهڻ سان سمجهي سگهجي ته اهو ڪنهن لاءِ. مثال طور، "زُولاجسٽ" توڻي جو عام طرح ان علم جي ماهر، ڄاڻڪ لاءِ ڪم ايندو آهي پر ان علمَ جي سيکڙاٽ/ شاگرد/ پانڌ لاءِ به اهوئي لفظ ڪم ايندو. بيشڪ، انگريزي ۾ اصطلاحي مواد تمام گهٽو آهي، ان هوندي به اها ڪٺل آهي.

"زولاجي" جي بدران، جيڪڏهن، پسُوڄاڻ/ پسوپياس (۽ اهڙو ٻيو هر اصطلاح) قبول ڪيو وڃي ته "پسوڄاڻڪ" ماهر لاءِ ۽ "پسوپياسڪ" شاگرد/ سکندڙ لاءِ مخصوص ڪري سگهجي ٿو.

Ethics (ايٿڪس = لچڄاڻ/ لچپياس) جو متبادل عام طرح "اخلاقيات" ڏنو وڃي ٿو (ڊاڪٽر قاضي صاحب جن شايد "علم اخلاق" وڌيڪ پسند ڪن) جڏهن ته Ethical جو متبادل "اخلاقيات بابت" يا "اخلاق بابت" نه پر "اخلاقي" ("اخلاق جو" يا "اخلاق سان واسطيدار") ڪيو وڃي ٿو. حقيقت ۾ ايٿيڪل جا به مفهوم آهن ۽ سنڌي ۾ اهي ٻئي ڌار ڌار ڏئي سگهجن ٿا، يعني "لچڻائي" يا "لچڻي" ۽ لچڄاڻي/ لچپياسي ـــ اخلاقي (اخلاق سان واسطيدار) ۽ "اخلاقياتي" (اخلاقيات سان واسطيدار).

اهڙيءَ طرح، "بائلاجيڪل" جا به ٻه متبادل ڏئي سگهجن ٿا يعني جياڄاڻي/ جياپياسي (جياڄاڻ سان واسطيدار) ۽ جياڻائي (توڻي جو هن ۾ ساڳي ئي معنيٰ لڪل آهي پر "جيوت رکندڙ شي" سان واسطيدار به).

پر اهو لازمي شرط ناهي ته هر حالت ۾ "al-" پڇاڙي لڳاپيل لفظ جون ٻه معنائون ظاهر ڪري، جيئن بڪٽيريل (جيوڙائي/ جنڌائي) جي هڪ معنيٰ آهي ۽ بڪٽيريالاجيڪل (جيوڙڄاڻي/ جيوڙپياسي يا جنڌڄاڻي/ جنڌپياسي) جي به هڪ معنيٰ آهي.

ان ڪري سنڌي ۾ متبادل مقرر ڪرڻ وقت اها ڳالهه ذهن ۾ رکڻي ئي پوندي ته ڪهڙي اصطلاح ۽ ان جي پڇاڙي ڪهڙي هنڌ ڪهڙي معنيٰ ظاهر ڪري ٿي.

## 14. "بصر وانگر بابت"!

ڊاڪٽر قاضي صاحب جن "ose-" پڇاڙي لاءِ سڄو لفظ "جيان" مقرر

ڪندي "بصر جيان" (adenose)، "داڻي جيان" (Glebulose)، "ماناري جيان" (favose) ۽ "ميوي جيان" (fruiticose) متبادل آندا آهن.

- بصر جيان سنهڙيون پاڙون رکندڙ.
- ميوي جيان مٺو ۽ مزيدار.
- موتي جي داڻي جيان چمڪدار.
- ماناري جيان هن گهر جا ڪمرا ٻه ڇهه ڪُنڊا آهن.

ليڪ ڏنل لفظن بدران ڇا اهي لفظ ڪم آڻي سگهبا جن بدران اهي لفظ ڊاڪٽر قاضي صاحب جن مقرر ڪيا آهن ۽ ڇا هيٺ ڏنل جملن ۾ ليڪ ڏنل لفظن بدران سندن مقرر ڪيل لفظ ڪم آڻي سگهبا؟

- It seems like an <u>adenose.</u>
- <u>Fruiticose</u> is availed from fruits.
- <u>Glebulose</u> is not a chemical.
- What is <u>favose</u> ?

ڊاڪٽر قاضي صاحب جن جي ڄاڻايل متبادل موجب مٿي ڏنل سنڌي جملن کي انگريزي ۾ ۽ انگريزي جملن کي سنڌي ۾ الٿو ڪرڻ سان ماڻهو عجيب ڪيفيت ۾ ڦاسيو وڃي. اصطلاح جوڙڻ مهل بنيادي لفظ ۽ ان جي مدد سان ٺهندڙ ٻين اصطلاحن تي گهربل ڌيان نه ڏيڻ سان گڏ پڇاڙيءَ جو قيدي بنائڻ ڪري ڊاڪٽر قاضي صاحب جن گهڻن ئي اصطلاحن کي انصاف پلئه وجهڻ کان محروم ڪري ڇڏيو آهي ۽ ڪي متبادل ته مورڳو ڪل جوڳا ٿي پيا آهن جيئن "بصر جيان" جيڪو adenose جي متبادل طور ڪم آندو ويو آهي.

Aden هڪ يوناني لفظ آهي ۽ ان جي معنيٰ آهي "غدود"/ گٽُ. "ايڊينوز" معنيٰ "غدود سان واسطيدار" يا غدود جو/ جي يا غدود وارو/ واري — "گٽوئي". هيٺ ڪجهه اهڙا لفظ ڏجن ٿا جن ۾ ايڊين (aden) بنيادي لفظ آهي:

| | |
|---|---|
| Aden=gland | گٽُ، گٽو (غدود) (ايڊِين) |
| Adenose (pcrtaning to aden or gland) | گٽوئي |
| Adenoid (Aden=gland+eidos=from) | گٽول |
| Adenoma (......+ oma = raw flesh) | گٽوسو (گٽ + اسو = ماس جي ڳوڙهي) |
| Adenitis (Adin+itis = inflammation) | گٽام (...+ ڪام = ساڙو، پاڇ) |
| Adenectomy (...+ektome=excision) | گٽواڍ (گٽ + واڍ = وڍڻ جو عمل) |
| Adenovirus (.......+virus=poison). | ..... |
| Adenomyoma (...+myos+muscle+...) | گٽماسو (...+ ماس + اسو) |
| Adenopathy (.....+pathos = disease) | گٽروڳ (...+ روڳ = مرض، بيماري) |
| Adenotonsillectomy (:...+tonsil+...) | گٽڪَليواڍ (...+ ڪَلي، ڪَليون + ...) |
| Adenofibroma (.....+fibret +...) | گٽنادسو (...+تاندورو +...) |

Adenocarcinoma (...+Karkinos+...) گڻڀڙاسو (.....+ .ڀڙُ+...)

Adenoidectomy (aden+eidos+ektome) گڻولواڍ

Adenosine disucphatie

"ader" جو متبادل "بصر ۽ adenose جو "بصر جيان" مقرر ڪرڻ بابت هاڻي ڪهڙو خيال آهي؟

"Adenoid" جو متبادل، ڊاڪٽر قاضي صاحب جن جي رٿيل طريقي موجب "بصر وانگر" ٿيندو ڇو تہ پاڻ odontoid (ڏند وانگر)، ovoid (بيضي وانگر)، Anthropoid (بشر وانگر) ۽ thanatoid (زهر وانگر) پيش ڪيا اٿائون. ان ڪري "Adenoidal" جي متبادل طور "بصر وانگر بابت" آڻڻو پوندو!

| "انگريزي" | ڊاڪٽر قاضي موجب | ليکڪ پاران |
|---|---|---|
| Odontoid | ڏند وانگر | ڏنديل، ڏنڌَسرو، ڏندير |
| Ovoid | بيضي وانگر | آنول، آنَسرو، آنيل |
| Australoid | آسٽريلياڻي وانگر | آسٽريلسرو |
| Caucosoid | ڪُوڪاسري وانگر | ڪوڪاسرو |
| Congoid | ڪانگوئي وانگر | ڪانگول، ڪانگوسرو |
| Capoid | ڪَيپوئي وانگر | ڪيپول، ڪيپوسرو |
| Mongoloid | منگول وانگر | منگولسرو |
| Negroid | حَبشي وانگر | حَبشول |
| Anthropoid | بشر وانگر | مانسول مانسرو<br>(مانس + سرو)<br>(سُرو؟ جيئن<br>"ڪارسرو" ،ڳاڙهسرو....) |

| | |
|---|---|
| Anthropology | مانسچاڻ، مانسپياس |
| Anthropologist | مانسچاڻڪ، مانسپياسڪ |
| Anthropological | مانسچاڻي، مانسپياسي |
| Anthropomorphology | مانسروپچاڻ، مانسروپپياس |
| Anthropomorphologist | مانسروپچاڻڪ، مانسروپپياسڪ |
| Anthropomorphological | مانسروپچاڻي، مانسروپپياس |

Thanatoid
Thanatòlogy
Thanatologist
Thanatological

پتوج (Microbe)، ننڍڙو، ذرڙو جيو/ جنڌ جيڪو رڳو پتويڪ (پتيڪ) جي مدد سان ڏسي سگهجي. بئڪٽيريا جا مختلف قسم.
پتوجي (Microbial)، پتوج سان واسطيدار
پتوجياڄاڻ (Microbiology)، پت - جيوَ جو اڀياس = پتوجياڀياس.
پتوجياڄاڻڪ، پتوجياڀياسڪ Microbiologist
پتوجياڄاڻي، پتوجياڀياسي Microbiological
پت - ڪمپيوٽر (Micro computer)
پتوس (micro-cosm)، ڪنهن به شي (خاص ڪري، ماڻهو بابت اڳوڻن فلاسفرن سمجهيو پئي ته ان) انسانذات يا سنسار جي نمائندگي پئي ڪئي.
پت-فلم(microfilm)
پت-ميٽر (micrometer) ميٽر جو ڏهه-لکون حصو. "پتماپر" (هڪ اوزار).
پتَم (micron)، ديگهه ماپڻ جو هڪ ايڪو (unit)، ان جو نشان "م" (m) آهي ۽ ميٽر جي ڏهين لکين حصي جيترو ٿئي ٿو.
پتجنڊ (پتوگَ) (micro-organism)، هڪ جنڊ ايترو ننڍڙو جو رڳو پتيڪ (پتويڪَ) وسيلي ڏسي سگهجي.
پت-بولڪ (micro-phone)؛
پت-لهر (micro-wave)
پتوٽ (microdot)، فوٽوگراف جيڪو هڪ نقطي جيترو ننڍو ڪيو ويو هجي.

پرويڪ Telescope (پَريڪ)
پرويڪي Telescopic (پريڪي)
پرويڪپ Teloscopy (پريڪپ)
-Tele (ٽيلي) هڪ اڳياڙي آهي. پَر، پَري، پَريون، پرينءَ، پرانهون، پرڏيهه، پرديس، پرمار، پروڪو، پريوگ، پرلوڪ جهڙن سيني لفظن ۾ "پر" بلڪل اها ساڳي معنيٰ ڏي ٿي جيڪا "انگريزي" اڳياڙي "-Tele" ڏي ٿي.

| | |
|---|---|
| Tele communication | |
| Tele-gram | پرنياپ، "تارَ" |
| Telegraph | (پرسُڏاڪ، پرسُڏڪ) |
| Telepost | پرچُونڪي |
| Tele-lone | |
| Telegrapher | پرسڏيَر |
| Telegraphic | پرسُڏي |

| | |
|---|---|
| Telepole | پرٿنڀ |
| Tele wire | |
| Telegraphese | پرسُڏوڪي (پرنياپن ۾ ڪم ايندڙ ٻولي) |
| Telegraphisty | پرسُڏيڪ/ پرسڏير |
| Telegraphy | پرسُڏ |

Tele metry پرماپ (هڪ پرانهين پنڌ کان پاٺرادي "نشريات" ۽ جاٺوڪي جي ماپ، عام طرح ريڊيو وسيلي).

| | |
|---|---|
| Teleology | |
| Teleologist | |
| Teleological | |
| Telepathy | پرچتجاڻ (پرچتگيان) |
| Telepathic | پرچتجاڻي، پرچيتي |
| Telepathist | پرچتجاڻڪ |
| Telephone | پرڳال (پر ڳالهه) "پرڳالڻ" فعل ۾ "پر ڳالڪ" اسم |
| Telephony | پرڳالجاڻ |
| Telephotolens | |
| Telephotograph | |
| Teleprinter | پرڇاپڪ |
| Teleprompter | پريادڪ |
| Telescope | پريڪ/ پرويڪ |
| Telescopic | پريڪي/ پرويڪي |
| Radio-telescope | ريڊيو پرويڪ/ ريڊيو پريڪي |
| Tele-type-writer | پرٽائيپ-ليکاري/ پرٽائيپ-پريکي |
| Televiosn | پرڏناڪ |
| Televise | پرڏناڪڻ |
| Telex | پرڇاپارڪ (پرڇاپڪ سرشتو) |
| Telefax | پرڇاپ |

| | |
|---|---|
| (لهريڪ) Osciloscope | لهرويڪ |
| (لهريڪي) Osciloscopic | لهرويڪر |
| (لهريڪپ) Ociloscopy | لهرويڪپ |
| Stethoscope | سيني ويڪ/ سينيڪ |
| Stethoscopic | سيني ويڪي/ سِينيڪي |
| Stethoscopy | سيني ويڪپ/ سَينيڪپ |

| | |
|---|---|
| ؟ | Cystoscope |
| نڙي-ويک | Laryngoscope |
| نڙ گهٽ ويک | Pharyngscope |

## 16. لفظ جي پيڃاڙي جي حقيقت

ٻني ٻاري يا جاءِ جڳهہ جي سَنڌن/ ٽَڪن تي جڏهن ڦڏو تي پوندو آهي تڏهن جنهن ڏاهي وسيلي ڪَڇ ماپ ڪرائي نبيرو ڪيو ويندو آهي ان کي "ماپارو" چوندا آهن. ماپ ڪندڙ اوزارن جي حوالي سان ڊاڪٽر قاضي صاحب جن "ميٽر" جي جاءِ تي "پيما" ڪم آڻڻ جي سفارش ڪندي "تپش پيما"، "بارپيما"، "آب پيما"، "داب پيما" ۽ "هوا پيما" لفظ ڪم آندا آهن.

آءٌ هڪ ميڊيڪل پرئڪٽشنر (ڊاڪٽر) آهيان ۽ گهٽي قدر ڳوٺاڻن يا ٺيٺ سنڌي ڳالهائيندڙن سان واسطو رهي ٿو. ڪيترائي مريض، خاص ڪري وڏيءَ ڄمار وارا چوندا، "ابا اهو تپاچو ڏِني تپ تہ ماپ."

تپاچو = تپ + آچو = تَپَ ڪاچو يعني ٿرماميٽر.

ڪٿي ائين تہ ناهي، هڪ ٻي سان سڏا ۽ ويجها واسطيدار ٻہ لفظ تڪڙ ۾ اچارڻ جي ڪري، اهڙيءَ طرح ملي پيا آهن جو پوئين لفظ جو پهريون يا پهريون ٻيو... ڳرو آواز ڪاڇي ڪم ٿي ويو ۽ اهڙيءَ طرح هڪ نئون مرتب لفظ وجود ۾ آيو. منهنجي اها هڪ پڪي پختي ۽ سوچيل سمجهيل راءِ آهي ۽ ان جي پوئواري ۾ مون وٽ هزارين مثال آهن. گهڻا مثال ڪنهن ٻي واري پيش ڪبا. هتي رڳو ايترو چئجي ٿو تہ "آئيندو"، "آئندو" ۽ "ايندو" کي ذهن ۾ رکي سنڌيءَ جي ڪنهن بہ فعل جي زمان مستقبل واري صورت/ بناوت تي ڌيان ڏني ڏسو ـــ ڪائيندو، لکندو، پڙهندو، ٻڌندو، ڳالهائيندو ..... ـــ ۽ "ڪندڙ" لفظ کي ذهن ۾ رکي ڪو بہ ڪم ڪرڻ واري فاعل کي جاچي ڏسو: "لکڻ (جوڪم) ڪندڙ" ـــ لکندڙ، "پڙهڻ (جو ڪم) ڪندڙ" ـــ پڙهندڙ، "وڙهڻ (جو ڪم) ڪندڙ" ـــ وڙهندڙ ......

تَپ + ڪاچ (جيڪڏهن "ڪ" ڳم تي وڃي تہ" = تپاچ

تپ + ماپ (جيڪڏهن "م" ڳم تي وڃي تہ) = تپاپ

داب + ڪاچ / ماپ= داباچ / داباپ

پاڻي + ڪاچ / ماپ = پاڻياچ / پاڻياپ

هوا + ڪاچ / ماپ = هواچ / هواپ

بار + ڪاچ / ماپ = باراچ / باراپ .......

هڪ مرڪب لفظ بہ ڏاڍو سنئو، پر لفظُ جي مرتب هجي تہ ان جي سهنجائيءَ جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي! جنهن بہ مرتب (يا مرڪب يا بنيادي) لفظ جي

آخر ۾ "ا"، "و" ۽ "ي" ناهي اهو نسٽن وڏيڪ سولائيءَ سان وڏيڪ پڇاڙي قبول ڪري ۽ تبديل ٿي نئون لفظ ٺاهي ٿو.

جن ٻہ لفظن جي آخر ۾ ڪي ٻہ مقرر يا اڻمقرر پڇاڙيون هڪ مقرر معنيٰ ڏين ٿيون انهن لاءِ ڪوشش ڪري هڪ پڇاڙي مقرر ڪري ڇڏجي.

سنڌي ۾ سائنسي ۽ فني لفظن جي اصطلاح سازي هرويرو ڪو ڏاڍو ڏکيو ڪم ناهي، شرط رڳو گهربل ڌيان ڏيڻ، ڏاهپ ۽ سگهڙائپ جو آهي — آءٌ اهي، مٿي ڏنل لفظ عالمن، اڪابرن ۽ سگهڙن جي خدمت ۾ ان نيت سان پيش ڪيان ٿو.

ليلو رچنداڻي جو مضمون "يوناني ۽ سنڌي ٻوليءَ جو سُٻنڌ"، **مهراڻ** 4- 1967ع نظر مان ڪڍيو وڃي تہ بهتر.

رهجي ويل پاسن تي آئنده لکڻ جو ارادو رکندي ۽ توهان جي مهرباني مڃيندي.

اوهان جو ٿورائتو ۽ مخلص

**محبت برڙو**

لطيف ڪلينڪ،
پوسٽ آفيس قمبر،
ضلعو لاڙڪاڻو.

# ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻيءَ ڏانهن خط

**سائين**

سدا خوش، سکيا ۽ سلامت رهو.

توهان جو خط (١٥- جون ١٩٩٤ع) مون کي ٿورن ئي ڏينهن ۾ ملي ويو هو. اڳ ئي اوهان جو اڻڏٺي عقيدتمند، ويتر جو اوهان پاران شابس به ملي ته منهنجي خوشيءَ ۾ هيڪاندو واڌارو ٿي ويو ۽ همتون وڌيون. ارادو هيم ته پنهنجي جواب سان گڏ توهان جو خط به **ڪونج** (ماهوار، لاڙڪاڻو) ۾ ڇپرائيندم پر ان جي ڇپائي ۾ بي ترتيبي ٿي وڃڻ سبب ائين نه ڪري سگهيم. (ڪونج جي فبروري ١٩٩٥ع واري پرچي ۾ ممڪن آهي ته ڇپجي وڃي).

**ساڃاهه** (٨-٩، ١٩٩٤ع) ۾ توهان جو مضمون **ايڪيهين صديءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي ڪيئن قابل ڪار بنائجي** پڻ اصطلاحسازي جي حوالي سان منهنجي همت افزائي جو اڻسڌو ڪارڻ بڻيو. **Cosmo** جو الٿو **آفاق** ته خير ويجهڙ ماضيءَ ۾ ڇپيو آهي پر اوهان کي هڪ ڊگهي عرصي کان پڙهندڙ آهيان. توهان جو مضمون **اسلوب** (نئين زندگي، جولاءِ ١٩٦٨ع) کان **ڪاٺ تي ٺڪ جو ڪم** (نئين زندگي، ١-٢، ١٩٨٦ع)، **سنڌي لوڪ سنگيت جا ساز** (نئين زندگي، ١، ١٩٨٩ع) ۽ **محمد اسماعيل عرساڻي** (نئين زندگي، ١، ١٩٩١ع) ۽ ڪهاڻين **حق موجود** (نئين زندگي، ٣، ١٩٨٧ع) ۽ **ڪڏيون، خانا ۽ وٿاڻ** (نئين زندگي، ٩، ١٩٩١ع) کان اڄوڪي **عبرت منگهڙين** تائين پابنديءَ سان پڙهي هنئين سان هنڊائي چڪو آهيان. توهان جي لکڻ جي قوت کان متاثر ۽ لکڻ جي ڏات جو قائل آهيان.

ڀائو **احسان علي عرساڻي** جو مضمون **سنڌيءَ ۾ سائنسي اصطلاحسازي** (سائنس، جولاءِ- سيپٽيمبر ١٩٩٤ع)، جيڪو توهان جي صلاحن جي روشنيءَ ۾ تيار ٿيو، پڙهي، انهيءَ سَڌ وڌيڪ سگهه ورتي ته سائنسي اصطلاحسازي جو هيءُ ڪم جاري رهڻ گهرجي، ۽ جاري آهي.

**رياضت ڀرڙي**، منهنجي ننڍي ڀاءُ، وٽ ڀاؤ احسان جن ڪجهه ڏينهن اڳ هڪ چٺي ڇڏ ويا هئا جنهن ۾ ساڻن رابطو ڪرڻ جي خواهش ڏيکاريل هئي. تڏهن پيشيماني ٿيم ته جو مون توهان ڏانهن ترت جواب موڪلڻ ۾ غفلت ڪئي. انهيءَ اوڻائيءَ جو ازالو ائين ڪري سگهجي ٿو ته توهان وٽ حاضري ڏجي.

ارادو اٿم ته ٢٥- ڊسمبر ١٩٩٢ع تي **جشن ڪينجهر** ۾ شريڪ ٿيان، ۽ جي آيم ته اڳ ۾ توهان سان ملڻ جو شرف ماڻيو نه ته به ١٣- جنوري ١٩٩٥ع تي منجهند جو 'نسيم نگر' ۾ هڪ دوست وٽ اچڻو آهيان، پڪ توهان جي در تي به اچبو.

**رياضت گنريل ٻن مهينن ۾ سائنسي ڄاڻ ۽ سڄاڻ** نالي ٻه ڪتابڙا ڇپرايا، ٻه ٻه هزار جي ڇُٽپ ۾، ۽ انهن ٻنهي ڪتابڙن کي هڪ هنڌ ڪَٺو ڪري ۽ ڪجهه سوال-جواب وڌائي هڪ ڪتابڙو ڇپرايو جنهن جي ڪاپي موڪلجي ٿي. توهان جي راءِ پٽاندر ان ۾ 'ڳالِ' يا 'ٻولّ' بدران '**وايو**' ڪم آندو ويو آهي ۽ '**وايومنڊل**' ۾ '**واءُ**' جي نشاندهي ڪندڙ '**وايو**' کي تبديل ڪري '**وائمنڊل**' ڪيو ويو آهي.

'ٻولي' جي موضوع تي ڪوٻه ڪم ڪندڙ آهيان. '**جامع سنڌي لغات'**— **پهرين جلد جي حوالي سان پهرئين پڙهڻي** تازو ئي **ڪينجهر** ('تنقيد نمبر'، ڊسمبر ١٩٩٤ع) ۾، **هر هڪ لفظ هيري -ڪاڻ** جي عنوان سان هڪ مضمون **ڪينجهر** (جون، ١٩٩٤ع) ۾ ۽ **ضميري ڀڃاڙي ۽ صحيح سنڌي ٻولي** نالي هڪ مضمون **مهراڻ** (٣ -۴، ١٩٩٤ع) ۾ ڇپجي چڪا آهن. ٻوليءَ جي ئي موضوع تي هڪ ڪتاب مسودي جي صورت ۾ اڪين آڏو رکيو آهي جنهن کي تيهر لکي رهيو آهيان. ان ۾ '**Vowel**' لفظ جي متبادل طور 'سَوَ' بدران '**وائل**' لفظ ڪم آندو اٿم ۽ '**وينجن**' (Consonant) بدران '**وائجّن**'، ۽ اهي متبادل ڪم آڻڻ جو سبب ڄاڻائيندي **يوناني** توڙي ڪجهه ٻين يورپي ٻولين ۽ **سنڌي** جي وچ ۾ ناتيداري جو ذڪر ٻه مثالن سان ڪيو اٿم.

منهنجي خيال موجب سنڌيءَ ۾ '**واءِ**' ۽ '**واءَ**' لفظن جو پاڙ-ٻول (Root-Word) '**واء**' آهي جيڪو هن وقت ٻه سنڌي ٻوليءَ ۾ عام مروج ٣-سَو ڪن لفظن ۽ اصطلاحن جي بنياد ۾ نظر اچي ٿو.

'**واء**' ئي '**وايو**' جو ٻه ڌاتو آهي ۽ ان کي مختلف صورتون ڏئي'**Phone**' ڌاتو رکندڙ لفظن ۽ اصطلاحن جي بدران ڪم آڻيندي، توهان جي رٿيل لفظن/ اصطلاحن سان ذري جيترو فرق رکندي، پنهنجن مضمونن **ٻولّ ڳهاڙيتو** (**سائنس**، ڊسمبر ١٩٩٣ع) ۽ '**سنڌي ۾ سائنسي ۽ فني اصطلاحسازي' جو مختصر جائزو** (**سائنس**، اپريل ١٩٩٤ع) ۾ ڄاڻايل اصولن جي روشني ۾ هيٺ ڏنل اصطلاح ترتيب ڏنا اٿم. نظر مان ڪڍي اميد ته پنهنجيءَ سلجهيل راءِ کان واقف ڪندا.

پنهنجيءَ ڄاڻ آهر تورو ٿَڪو لکندو رهان ٿو، ارادا وسيع ۽ وڏا آهن. توهان جهڙا سڄاڻ ماڻهو مون کي پنهنجن پارک ۽ املهه راين سان نوازين ۽ ايري سيري پورهيي وسيلي محبت من ۾ رکي ڪيل روڙ جو قدر ڪندي ڀرپور رهنمائي ڪن، مون لاءِ فخر جو ڪارڻ ٿيندو، ۽ آهي.

توهان جي مهرباني

ٽورانٽو

**محبت ٻوڙو**

١٥- ڊسمبر ١٩٩٤ع

| | | | |
|---|---|---|---|
| Phonotypist | — | — | واڄاپٽهار |
| Phonotypy | — | — | اڄاپڪ<br>• فون ڪال، فون ڪال ڪرڻ لاءِ ھڪ ڪارڊ وغيره. |
| Phonetic Spelling | — | — | وايوناڄاڻي هِجي / اچار<br>• هر آواز لاءِ ڌار اهڃاڻ ڪم آڻيندي ٻولي / ٻولَ لکڻ جو طريقو. |
| Phonic method | — | — | • وايڪ طريقو<br>اهو طريقو جنهن وسيلي اکرن ۽ اکرن جي جٽن جو وايوناڄاڻي مُلهه / قدر مقرر ڪرڻ وسيلي پڙهڻ سيکارجي. |
| Phonotactics | — | — | • واياوارتا، وايارت<br>انهن طريقن جو اڀياس جن وسيلي ڪنهن ٻوليءَ جا آواز ان ٻوليءَ جي ٻولن ۾ ظاهر ٿين ٿا. |

[نوٽ: هيءُ خط موڪلجڻ ڪان رهجي ويو هو.]

# ڊاڪٽر هدايت پريم ڏانهن خط

**ادا هدايت پريم**
سدا خوش، سکيا ۽ سلامت رهو.

توهان جو پريم هو يا منهنجي محبت يا ٻئي ۽ ٻنهي جي سچائي ۽ چوهڙ، جو ڪراچي کان موٽندي اوهان وٽ اچي حاضري ڀرڻ لاءِ ٽُول پلازه وٽ لهي، سنڌ يونيورسٽي ۾ توهان جو در ڪڙڪايم، توڙي جو حيدرآباد ترت پهچڻو هو ۽ اتي گهربل ڪم ڪري وري قمبر روانو ٿيڻو هو. مون سان گڏ منهنجو ١٢- ورهيو پٽ **ساجد** گڏ هو جنهن کي مون واري اها ساڳي ''پٽ'' پيل آهي ـــ *ڪنهن به شيءِ/ ڳالهه تي انڌو اعتبار ڪرڻ بدران ان کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندي سوال پڇڻ.*

۽ ڳورا سفري ٿيلها ڪلهن ۾، .... ۽ اوهان جو گهر ليبي ڪو نه ـــ مارئي هاسٽل ۽ سنڌالاجي جي وچ وارين گهٽين ۾ رلندا رهياسين، تان جو اهو شريف ماڻهو مليو جنهن چيو، ''**ڊاڪٽر هدايت الله آخوند** جي گهر جي سڌ نه اٿم پر **سائين هدايت پريم** کي سڃاڻان ٿو ۽ ....'' پنهنجيءَ بائيڪ تي ڪٽي توهان جي در تي لاهي هليو ويو.

توهان جي پٽ، جَس هجيس، ڏاڍو تعاون ڪيو. منجهس اوهان جهڙيون ڪي ئي اخلاقي ۽ علمي خوبيون موجود ڏٺم. سڀاجهو ماڻهو آهي.

رولي دوران منهنجي پٽ مون کان پڇيو ته مون ڪنهن کي پٽي ڳوليو؟ ٻڌايومانس ته سنڌ جي هن علمي مرڪز جي هن پاڙي ۾ اهو ماڻهو رهي ٿو جنهن جي پسند ڪيل نالي جو عربي روپ منهنجو نالو آهي، يا ائين سمجهه ته منهنجي اباڻي نالي جو سنسڪرت روپ هن پنهنجي لاءِ چونڊيو آهي ـــ سنڌي ٻوليءَ جي ناتي هڪ ئي سڪي جا ٻه هڪ جهڙا پاسا. '' *'پريم' پيو ڳوليان جيڪو 'دنيا' ۾ ليبي مڙيوئي گهٽ ٿو.....''*

سنڌي ٻوليءَ جو سينو بيحد وسيع آهي. ان پنهنجي پنهنجائپ ڀرئي مضبوط ڀاڪر ۾ سامي سٽ جي ڪجهه ٻولين سميت سنسڪرت سان گڏ ڪيترين ئي ٻين انڊو- يورپين توڙي دراوڙي ٻولين جي ٻول-ڪاڻ مان ٻولن جو ججهو ذخيرو جهٽي، جذب ڪري ۽ سانڍي رکيو آهي. مثال طور پريم/ محبت لاءِ سنڌيءَ وٽ ڪي ٻيا ٻول نيهه (نينهه، نينهن)، لَنئه (لنئون)، آر (آرو) ۽ پيار به آهن. پريت، چاهه/ چاهنا/ چاهت، موهه، حب، الفت، سنيهه، قرب، سِڪ وغيره به عام ڪم ايندڙ

لفظ آهن. نيهنُ، نيهل، پيار، پيارو ۽ پيارل ۽ پريم ۽ محبت ته فردن جا نالا به آهن، ۽ اڄ ڪلهه Love (لَو) به اوپرو ٻول نه رهيو آهي. ان ڪري سمجهان ٿو ته سنڌي ٻولي اٿمئي سگهه رکي ٿي جنهن ۾ لچڪ، جذب پذيري، ڪشادائي ۽ سانيڊپ سڀ سرس سمايل آهن، ۽ اهو ئي سبب آهي جو، لکت ۾ نه هئڻ باوجود، سنڌي ٻولي صدين کان ٽڪندي، جٽاءُ ڪندي، بقا رکندي ۽ عوامي ٻولي رهندي آئي آهي.

توهان پنهنجي خط ۾ ٻن راين جو اظهار ڪيو آهي:

١. ڪينجهر (ماهوار، حيدرآباد) ۾ لکڻ معنيٰ ليکڪ جي مضمون جو عالمن/ اديبن/ اسڪالرن تائين نه پهچڻ، جو ته اهو سيڪڙائن ۽ ٽين ايجرس (Teen Agers) جو رسالو آهي.

٢. منهنجن مضمونن ۾ اهڙا اصطلاح ڪم آندل آهن جيڪي نوان آهن. "اڳ ۾ رواج ۾ آيل terms (ٽرمس) ته استعمال ڪري سگهجن ٿا. جيڪڏهن ڪي terms اڳ ۾ موجود نه آهن ته پوءِ نوان terms ٺاهڻ (coin ڪرڻ) لاءِ اهڙن لفظن جي چونڊ ڪرڻ کپي جيڪي عام فهم هجن، سولا هجن ۽ مفهوم جي درست پوئواري ڪري سگهن. اوپرا ۽ اٽپورا ٽرمس استعمال ڪرڻ سبب اصل مضمون سان انصاف نه ٿي سگهندو".

ٻنهي صلاحن اڳيان ٽي.

وڏڙا به آهيو ته عالم به، ۽ توهان جو ياڳ پلارو جو اهڙي علمي شعبي سان واسطو رکو ٿا جنهن جو بنيادي موضوع سنڌي ٻوليءَ سان لاڳاپيل آهي. جڏهن ته منهنجي حيثيت هڪ ننڍڙي شاگرد واري آهي ۽ منهنجو مطالعو، مئجي ته، ڪجهه به ناهي. جيئن هر ماڻهوءَ وٽ ڪي ئي خواهشون هونديون آهن تيئن مون وٽ به سوين سڌون موجود آهن. سنڌي ٻوليءَ جي سلسلي ۾ مون وٽ هڪ سڌ اها به موجود آهي ته سنڌي ماڻهوءَ کي سنڌي ٻوليءَ ۾ ئي سموري تعليم ۽ سکيا ملي سگهڻ ممڪن هئڻ گهرجي، شعبو ڪهڙو به هجي ۽ سطح ڪهڙي به هجي ۽ ان سڌ جي ابتدائي چيڙي کي ڇهڻ لاءِ هڪ جامع **انسائيڪلوپيڊيا** ۽ بهترين **ڊڪشنري** جي گهرج اٽتر ٿو سمجهان.

اصولي طرح، ٿيڻ ائين گهرجي ته هر هڪ شعبي سان واسطيدار ڄاڻ رکندڙ هر سنڌي عالم سنڌي ٻوليءَ کي سنوارڻ، سينگارڻ، وڌائڻ ۽ ويجهائڻ لاءِ پنهنجيءَ ذهانت جو گهربل حصو ڏئي ۽ هر علمي/ ادبي ادارو انهن جي اشاعت ڪري. اسان جا عالم ۽ علمي / ادبي ادارا جيستائين سنڌ ۽ سنڌين کي اهو سڀ ڪجهه مهيا ڪن، انهن بابت، ڳالهائيندو ۽ لکندو رهندم ۽ جيڪو ڪجهه ڪري سگهان ٿو، ڪندو رهندم. پاڻ انهن مان ناهيان جي بَڌڻ جو ڪم ٻروچ لاءِ ڇڏي پاڻ رڳو رڙين ڪرڻ جو 'فرض' نڀائيندا آهن. جيڪڏهن موڪل ڏيو ته هتي لطيف سائين جو

اتان ڦري 'عبرت منگزين' ۾ ڇپجي ڪمپوز ٿي چڪو آهي.
[٦] لاءِ ارادو هو تہ هڪ هڪ باب ٿي 'عبرت منگزين' ۾ ڇپجي پر ٻہ باب ڇپجڻ کان پوءِ 'عبرت منگزين' اهو سلسلو بند ڪري ڇڏيو.
علم زراعت جي موضوع تي لکيل (جيڪي مون ترجمو ڪيا) ٻہ مضمون گڏريل ڇهن مهينن کان 'زراعت' (؟، انفرميشن ڊپارٽمينٽ پاران ڇپجندڙ رسالي) ڏي موڪليل آهن. سياسي موضوعن تي ڪي ٽي مضمون تيار رکيا آهن. ماڻهو جي ارتقا (زولاجي) بابت هڪ مضمون (٥٥ صفحا) پڻ فيئر ڪرڻو اٿم جنهن کان پوءِ اهو ڇپائي لاءِ تيار هوندو ...... هاڻي، انهن حقيقتن کي ذهن ۾ رکي صلاح ڏيو تہ ڪهڙا مضمون ڪهڙن معياري رسالن ۾ ڇپرايان؟
منهنجيءَ پسند جا موضوع رڳو اهي ناهن. 'جامع سنڌي لغات' جو جائزو وٺي رهيو آهيان، 'ٻوليءَ جو بڻ' ڪتاب لکڻ لاءِ مواد سهيڙيان پيو، جديد علمي، فني ۽ هنري گهرجون پوريون ڪري سگهندڙ 'انگريزي - سنڌي ڊڪشنري' تيار ڪرڻ لاءِ ٽي هزار کن اصطلاح ترتيب ڏئي چڪو آهيان، 'انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا' ۾ جن موضوعن کي شامل ڪرڻو آهي. اهي عنوان ٢٠ - هزار کان وڌيڪ رٿابند ڪيا اٿم ۽ ٻيا گڏ ڪيان پيو.... ۽ ٻيو گهڻو ڪجهہ.
اصولي طرح، اهي ڪم واسطيدار موضوعن جي عالمن جا آهن ۽ ڪي وڏا علمي ادارا ئي لکائڻ ۽ ڇپائڻ جو بار کڻي سگهندا پر جيستائين ائين ٿئي تيستائين ڇا ٽيڻ / ڪرڻ گهرجي؟ —— ڇا رڙيون؟ واڪا! دانهون!؟ ..... ڇا اهو بہ ڪو حل آهي؟
**ڪم ڪرڻو آهي.** ٻيا، اسان جا سڄاڻ ۽ اڪابر ماڻهو جڏهن پنهنجيءَ پتيءَ جو فرض نڀائن، **مون کي پنهنجو ڪم ڪندو رهڻو آهي ۽ پنهنجي وت، وس، سگهہ ۽ ڄاڻ آهر جيترو ڪجهہ ڪري سگهان ٿو اوس ڪندم.**
تعليم ۽ سکيا جي هر شعبي ۾ هزارين اصطلاح مخصوص معنيٰ ۽ مفهوم رکندي ڪم اچن ٿا. جيستائين انهن جو متبادل سنڌيءَ ۾ موجود ناهي، ابتدائي ڪورس بہ پڙهي ۽ سمجهي سگهڻ ڏاڍو ڏکيو ٿيو پوي. سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيل هڪ ڪتاب جو عنوان آهي **سنڌ هڪ عام جائزو** (ليڪ ايچ.ٽي. لئمبرڪ) جيڪو ظاهر آهي تہ سنڌي پڙهندڙن جي لاءِ ترجمو ٿيو آهي. توهان جا شاگرد ايم. اي. سنڌي (سنڌي ۾ پوسٽ گرئجوئيشن) جو ڪورس پڙهندڙ آهن. ڪنهن بہ هوشيار شاگرد کي چئو تہ ان ڪتاب جو صفحو نمبر ١٧ ۽ ١٨ وڏي آواز سان روان پڙهي ۽ معنيٰ ٻڌائي ۽ توهان خصوصي ڌيان ميسوزوئڪ، پئليوزوئڪ، ڪئنوزوئڪ، ڪئاٽرنري، ٽرشري، پلائيسٽوسين، پلايوسين، اوليگوسين، پيليوسين، ڪريٽيشس، جوراسڪ، ٽرائسڪ، پرمينئن، ڪاربنيفيرس، سائلورين، آرڊويشين وغيره جهڙن اصطلاحن جي اچار تي سيڙايو، جيڪي انهن صفحن تي بيان ڪيل / لکيل آهن. توهان جو شاگرد جيڪڏهن درست اچار اچاري ۽ ۽ معنيٰ ٻڌائي ويو تہ

اصطلاحسازي بابت منهنجي صلاح، جيڪا مون پنهنجن ٻن مضمونن **ٻولّ کهاڙيتو** ( 'سائنس' ، ڊسمبر ١٩٩٣ع) ۽ **'سنڌي ٻوليءَ ۾ سائنسي ۽ فني اصطلاحسازي' جو مختصر جائزو** ( 'سائنس' ، اپريل ١٩٩٤ع) ۾ بيان ڪئي آهي، عبث ۽ خارج از بحث قرار ڏئي سگهجي ٿي. ٻيءَ حالت ۾ توهان ڪي منهنجيءَ ان راءِ سان سهمت ٿيڻو پوندو تہ اسان سنڌي ماڻهن ڪي اصطلاحن جي هڪ وسيع ذخيري جي سنڌي ٻوليءَ ۾ گهرج آهي.

اصطلاحن جي سلسلي ۾ اسان وٽ اهو رويو موجود آهي تہ انهن جو متبادل سنڌيءَ ۾ نہ هئڻ گهرجي، ۽ نہ وري سنڌيءَ ۾ ٺهي سگهي ٿو.

هڪ اعتراض اهو آهي تہ خصوصي علمي اصطلاح بين الاقوامي آهن تنهنڪري اهي جيئن جو تيئن رکڻ گهرجن. اها ڳالهہ جزوي طرح درست آهي. ان تي بحث نہ ٿو ڪرڻ گهران. پر ان راءِ جي حامين کي چوڻ گهرجي تہ لسانيات، حيوانيات، ارضيات، علم جغرافيہ، نباتيات وغيره جهڙا اصطلاح بہ ڪم نہ آڻڻ گهرجن، نہ تہ سندن اعتراض بي بنياد ۽ بي معنيٰ ٿي ويندو.

جيڪي چون ٿا تہ اهڙا اصطلاح سنڌيءَ ۾ ٺهي نہ ٿا سگهن، انهن بابت منهنجي ڳٽيل ڳوتيل راءِ هيءَ آهي تہ اهي سنڌي ٻوليءَ جي حقيقي ڳڻن کان اڻواقف آهن.

اصطلاحن جو متبادل جيڪڏهن عربي، فارسي، هندي / اردو ۾ ٺهي سگهي ٿو ۽ اسان جا ڄاڻو ماڻهو اهي ڪم آڻيندا رهن ٿا تہ پوءِ ڇو سنڌيءَ ۾ نہ ٿو ٺهي سگهي ۽ ڇو اهو ڪم نہ ٿو آڻي سگهجي؟

اسان جي ڄاڻو ماڻهن جو عام رويو هي آهي تہ جيڪڏهن عربي، فارسي، اردو / هندي اصطلاح موجود آهن تہ انهن کي "مروج" سڏي ڪم آڻيندا، جيئن لسانيات، علم لسان، ڀاشا وگيان وغيره پر جي انهن ٻولين ۾ متبادل موجود ناهي تہ پوءِ اهو ئي اصطلاح ڪتندا ۽ لکندا جيڪو 'بين الاقوامي' سڏيو وڃي ٿو، جيئن سوشيو-لنگئسٽڪس، جاگرافي وغيره. پنهنجي پاران تخليقي ڪوشش نہ ڪبي، ۽ جي موڪَل ڏيو، دل ۾ نہ ڪيو ۽ مون کي ٿورو "ڇڙواڳ" ڇڏيو تہ ائين چوان تہ پنهنجي پاران تخليقي ڪوشش ڪرڻ کان ٻرو پيو ڇڙهندو، يا وري ائين چئجي تہ تخليقي سگهہ جي اڻهوند کي لڪائڻ لاءِ مختلف تاويلون پيون پيش ڪبيون، ۽ هاڻي اسان جي ڄڃپائي اتي وڃي پهتي آهي جو ڇڱا ڀلا عالم ۽ ادارا علم حيوانيات، علم ارضيات، علم نباتيات، علم لسانيات، علم صوتيات وغيره جهڙا اصطلاح وڃا ڪم آڻين!

سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان اسان جا تعليمي ادارا ڪي عالم ۽ اڪابر نہ پر جاهل ۽ رٽُو طوطا پيدا پيا ڪن جيڪي اينڊڙ سنڌي سماج کي سنڌيءَ ۾ تہ ڪجهہ بہ نہ ڏئي سگهندا، ۽ نيٺ سموري اعليٰ سائنسي، علمي، هنري ۽ فني ڄاڻ، گهٽ ۾ گهٽ، سنڌيءَ ۾ تہ موجود نہ هوندي.

۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪڏهن سائنسي، علمي، فني، هنري ۽ اهڙن سيني

موضوعن تي گھربل معياري ۽ عمدو مواد موجود نہ هوندو تہ سنڌي ٻولي محض هڪ ڄٽڪي ٻولي ٿي رهندي ۽ غير سائنسي هجڻ جي ڪري مٽجي يا مَٽجي ويندي. **منهنجو هڪ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي انهن کٽَن کي اجاري نروار ڪرڻ آهي جيئن اها جديد سائنسي ٻولين جي قطار ۾ شامل رهي.** ۽ اهو مقصد من ۾ رکي انهن لکين اصطلاحن کي سنڌي روپ ۾ آڻڻ گھران ٿو جن ڪان سواءِ اڄوڪيءَ علمي طرح سڌرنڊڙ، وڌنڊڙ ۽ ويجھنڊڙ دنيا ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ ۽ بقا کي هر دم ڪونہ ڪو جوکم لاڳو رهندو ايندو.

'مروج' اصطلاح جيڪڏهن گھربل درست مفهوم ظاهر ڪري ٿو تہ يقيناً پهريائين ان جي چونڊ ڪندم، پر جي نہ ٿو ڪري تہ، اهو ڇو ڪم آڻجي؟ 'ماحولياتي آلودگي' ڪيئن ڇنجي تہ درست مفهوم ظاهر ڪري ٿو؟

پاڻ اصطلاحن کي انهن جي وسيع منظر ۽ سڀ طرفي مفهوم ۾ جاچڻ گھران ٿو. توهان ڏٺو تہ منهنجي پڙهڻ ۽ لکڻ جو دائرو متفرقہ آهي (توڙي جو جاڻ ايري سيري اٿم) ان ڪري جڏهن بہ اصطلاحن تي سوچ ويچار جو موقعو ملي ٿو، ڪي مسئلا اڏو اچي بيهن ٿا. مثال لاءِ 'صوت' / 'Phone' کي جاچيو.

Phonetics (فونيٽڪس) لاءِ سنڌيءَ ۾ 'صوتيات' ڪم آندو وڃي ٿو. Phonics، Phonomics ۽ Phonology لاءِ ڪهڙا اصطلاح ڪم آڻجن؟ اهو ئي 'Phone' (فون) ڌاتو رکنڊڙ ڪي ٻيا اصطلاح هيٺ ڏجن ٿا. انهن جو متبادل ڳولڻ جي سلسلي ۾ ناڪام رهيو آهيان. مهرباني ڪري، انهن جو مناسب متبادل، نئون يا پراڻو ۽ مروج يا غير مروج لکي موڪليندا تہ ٿورائتو رهندم.

Phone, Phonal, Phonate, Phonation, Phonatory, Phonasthenia, Phonagraph, Phonagraphic, Phonagraphically; Phonogram, Phonograph, Phonographer, Phonographist,*Phonography,Phonautograph,Phonautographic,Phonautographically, Phonomatic, Phonomatically, Phoneme, Phonemic, Phonemically, Phonemicication, Phonemicise,-Phonemicist, Phonemics, Phonendoscope, Phonetic, Phonetically, Phonetician, Phoneticisation, Phoneticise, Phoneticism, Phoneticist, Phonetics, Phonetism, Phonetist, Phonic, Phonics, Phonometer, Phonocamptic, Phonocamptics, Phonofiddle Phonolite, Phonolytic, Phonology, Phonologicall, Phonon, Phonophobia, Phonophore, Phonotype, Phonotypist, Phonotypy, Phonetic spelling, Phonic method....

ميگافون / Megaphone، ٽيليفون / Telephone ۽ اهڙا ڪي ٻيا اصطلاح جن ۾ 'فون' هڪ ڌاتو آهي، اهي ڌار آهن.

ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ پروفيسر علي نواز جتوئي صاحب جن 'فون' ڌاتو رکنڊڙ ڪجھ اصطلاحن جا متبادل هن طرح ڏنا آهن: Phone = صوت، Phoneme = صوتيو، Phonetic = صوتياتي، Phonetics = صوتيات، Pho-

netic Science = علم صوتيات، Phonelogy = علم اصوات وغيره.
’صوتيات‘ ، ’علم صوتيات‘ ۽ ’علم اصوات‘ ۽ اهڙن ٻين اصطلاحن تي سوچ ويچار ضرور ڪندا. اهڙي قسم جي اصطلاحسازي ڪي عالمانہ ڪيئن ۽ ڇو سڏجي؟

پنهنجيءَ پوري سچائيءَ ۽ ايمانداريءَ سان عالمن ۽ انهن جي راين جي رهنمائي هيٺ اڳتي وڌڻ گهران ٿو، جي دگ لائيندا تہ وڏا وڙ ڇنبا.

مهرباني

ٽورانٽو ۽ مخلص

محبت برڙو
31-10-1995

[ نوٽ: هي خط ڊاڪٽر هدايت پريم ڏانهن موڪلجڻ ڪان رهجي ويو هو.]

